سنڌ جي ادبي تاريخ ۾
چانڊيا قبيلي جو حصو

[تاريخي پسمنظر]

رشيد خانواهي

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي
2026

(اداري ۽ ليکڪ جي مرضيءَ کان سواءِ ڪتاب جي ڇپائي يا
ڪو بہ حصو ڪاپي نہ ٿو ڪري سگهجي)

ڪتاب: سنڌ جي ادبي تاريخ ۾
چانڊيا قبيلي جو حصو
موضوع: تاريخي پسمنظر
ليکڪ، محقق: رشيد خانواهي
ڪمپوزنگ: سعيد مرتضيٰ
ٽائيٽل لي آئوٽ: زين ڪمپيوٽرس ڪراچي
ڇاپو: پهريون
مهينو سال: مئي 2026ع
ڇپائيندڙ: **مرڪ پبليڪيشن ڪراچي**

It is not necessary for the institution
to agree with the author's Content

Published By: Murk Publication Karachi
Office: Room No 319/320 3rd Floor Sabir manzil 98
Behind Gul Plaza Marston Road Karachi
murk.publication@gmail.com
murtazalaghari64@gmail.com
021-32772494
03005182494

ڪتابن ملڻ جا هنڌ:

مرڪ ڪتاب گهر ڪراچي، ٿامس ڪتاب گهر ڪراچي،
ڪنول ڪتاب گهر حيدرآباد، سمبارا ڪتاب گهر حيدرآباد
شاد ڪتاب گهر حيدرآباد، تهذيب ڪتاب گهر خيرپور ميرس،
سلمان ڪتاب گهر نواب شاهه، رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو،
سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر، فتح نيوز ايجنسي سکر
سامروٽي ڪتاب گهر مٺي، مدني بوڪ اسٽور دادو،
جمالي ڪتاب گهر شهدادڪوٽ

ارپنا

انهن عالمن، اديبن، سگهڙن
۽ شاعرن جي نالي
جن پنهنجي ڌرتي ۽ ٻوليءَ لاءِ
پاڻ پتوڙيو ۽ رت ولوڙيو آهي،
جيڪي پنهنجي ٻوليءَ کي زنده رکڻ لاءِ
هميشه فڪر مند آهن.

....

سنائي، گدائي ۽ ساميءَ جي ٻولي،
بخاري، ٻيٽائي ۽ حاميءَ جي ٻولي.
خدايا سلامت، هِي رک تاقيامت،
”رشيدڻ“ چئي راشد ۽ جاميءَ جي ٻولي.

رشيد خانواهي
شهدادڪوٽ
15 جنوري 2026ع

فهرست

سيريل نمبر	عنوان	صفحو نمبر	سيريل نمبر	عنوان	صفحو
•	پبلشر نوٽ ادارو	08	22.	صوفي لعل محمد چانڊيو	58
•	مهاڳ: پروفيسر طارق خشڪ	09	23.	غلام مرتضيٰ "مرتضائي چانڊيو"	59
•	مبارڪن جو حقدار: رشيد خانواهي، عبدالواحد سومرو	13	24.	خاتم جانوري	61
•	پنهنجي پاران: رشيد خانواهي	14	25.	علي دوست "صابر" چانڊيو	62
			26.	سرڪش سنڌي	64
			27.	سرمد چانڊيو	67
01.	علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي	17	28.	رستم چانڊيو	69
02.	عبدالرحمن چانڊيو	24	29.	دوست محمد چانڊيو	70
03.	دوست فقير مير ناٿي چانڊيو	26	30.	ناظم چانڊيو	71
04.	ولڻ (ولهاري)	27	31.	احمد علي "صابر" چانڊيو	72
05.	وندر فقير	29	32.	ساغر چانڊيو	74
06.	حافظ خدا بخش بندلاٽي...	30	33.	شفيع محمد چانڊيو	75
07.	مزاري چانڊيو	32	34.	نياز علي "نياز" چانڊيو	77
08.	لالو فقير چتاٽي	33	35.	منظور چانڊيو	78
09.	حاجي محمد حسن چانڊيو	34	36.	حافظ الله ڏنو چانڊيو...	79
10.	مولانا عبدالله "عبد" چانڊيو	35	37.	ايم. ايم چانڊيو	80
11.	حاجي مراد چانڊيو	38	38.	حڪيم خليفو عبدالحميد	81
12.	عبدالله "همدم"	40	39.	اديب انقلابي	82
13.	منشي حاجي امام الدين	42	40.	فدا گلرائي	84
14.	عبدالله "اثر"	43	41.	زخمي چانڊيو	85
15.	آري فقير چانڊيو	45	42.	مهربان علي "خاموش"	87
16.	عرض محمد چانڊيو	48	43.	رشيد مرتضائي	88
17.	منو چانڊيو	50	44.	مظفر چانڊيو	89
18.	علي حسن فقير چانڊيو	53	45.	گلاب سيتائي چانڊيو	90
19.	محمد خان مولائي	54	46.	درد جانوري	91
20.	نذير نورياٽي	56	47.	عاشق چانڊيو	92
21.	مولوي نور الدين نور	57	48.	رشيد خانواهي	93

49.	الطاف "آسي"	96	79.	عبدالملڪ چانڊيو	128
50.	ڊاڪٽر فياض لطيف	97	80.	منظور چانڊيو	128
51.	"بيوس" بخش علي چانڊيو	99	81.	استاد حيدري چانڊيو	128
52.	دلبر چانڊيو	100	82.	امير علي چانڊيو	129
53.	سليم چانڊيو	101	83.	اختر علي جانوري	130
54.	حبدار ٽوٽاڻي	103	84.	مختار جانوري	130
55.	خدا ڏنو "الماس" چانڊيو	104	85.	خادم حسين چانڊيو	131
56.	گلاب چانڊيو	105	86.	همير چانڊيو	131
57.	امين چانڊيو	106	87.	يار محمد چانڊيو	132
58.	حفيظ ڪلواڻي چانڊيو	107	88.	منير چانڊيو	132
59.	ملهار چانڊيو	108	89.	جامي چانڊيو	133
60.	عبيدالله "عبيد" چانڊيو	109	90.	عزيز قاسماڻي	134
61.	وحيد چانڊيو نُورياڻي	110	91.	منل چانڊيو	135
62.	فراخ جانوري	111	92.	تيمور چانڊيو	135
63.	علي احمد "منتظر" چانڊيو	112	93.	ناياب سرڪش سنڌي	136
64.	ياسين چانڊيو	113	94.	ياسمين چانڊيو	137
65.	خادم ستاڻي	114	95.	ساجده چانڊيو شڪارپوري	138
66.	خالد چانڊيو	115	96.	ماجده چانڊيو	139
67.	ضمير حيدر چانڊيو	116	97.	زينت چانڊيو	140
68.	"وفا" الله ڏنو چانڊيو	117	98.	پريتما چانڊيو	141
69.	ساجد چانڊيو	118	99.	ادنيٰ جانوري	142
70.	حفيظ چانڊيو	119	100.	ابرار چانڊيو	142
71.	مقبول احمد چانڊيو	120	101.	يونس چانڊيو	142
72.	منصور سرمد	121	102.	محمد خان چانڊيو	142
73.	اشفاق چانڊيو	122	103.	مسڪين حسين علي	143
74.	طارق چانڊيو	123	104.	الستي چانڊيو	143
75.	اياز چانڊيو	124	105.	وفا بهادر چانڊيو	143
76.	بلال تبسم	125	106.	محبوب جانوري	143
77.	وسيم چانڊيو	126	107.	پرديسي گلشير چانڊيو	144
78.	اسلم هزار چانڊيو	127	108.	تنها شبير چانڊيو	144

109. خادم چانڊيو 144
110. فيض محمد جانوري 145
111. محمد حيات چانڊيو 147
112. محرم علي چانڊيو 149
113. نياز حسين چانڊيو 150
114. علي اصغر "عارفي" 151
115. ارشاد علي چانڊيو 152
116. محمد خان چانڊيو 152
117. سردار علي چانڊيو 153
118. فقير ديدار علي چانڊيو 153
119. حاجي خان چانڊيو 154
120. عبدالحڪيم چانڊيو 154
121. علي حسن چانڊيو 155
122. گل محمد چانڊيو 155
123. حمزه خان چانڊيو 156
124. رجب علي چانڊيو 156
125. احمد علي چانڊيو 157
126. علي اڪبر اداسي 158
127. احمد علي اترادي 159
128. بشير احمد چانڊيو 160
129. غلام مصطفيٰ چانڊيو 160
130. ماستر غلام مصطفيٰ 161
131. عبدالحميد چانڊيو 161
132. رحم علي چانڊيو 162
133. اشرف جانوري 162
134. سعيد احمد چانڊيو 163
135. آزاريل عاشق چانڊيو 163
136. سندر روشن چانڊيو 164
137. علي صفدر چانڊيو 164
138. گل محمد "دلشاد" چانڊيو 165
139. مسڪين غلام شبير 165
140. مجبور غلام حيدر چانڊيو 166
141. منظور حسين چانڊيو 166
142. جانوري ذوالفقار 167
143. منظور شادي خان چانڊيو 167
144. اداسي عبدالله چانڊيو 168
145. آزاد عبدالحق چانڊيو 168
146. معظم منظور چانڊيو 168
147. مسڪين چانڊيو گوزائي 169
148. عرض محمد "آزاد چانڊيو 169
149. صدام چانڊيو 169
150. نهال احمد چانڊيو "سڪايل" 170
151. نظير چَانڊيو 170
152. قادر بخش چانڊيو 171
153. فقير رياض چانڊيو 171
154. وفا جانوري 172
155. همدرد جانوري 172
156. غمدل لالڻ چانڊيو 173
157. فرهاد چانڊيو 173
158. شمس الدين چانڊيو 174
159. غلام مرتضيٰ چانڊيو 174
160. منير احمد چانڊيو 175
161. امتياز چانڊيو 175
162. اهي عالم سگهورا جن جي ڪا بہ علمي شيءِ مونکي لکت ۾ نہ ملي سگهي آهي 176
163. مددي ڪتاب 177
164. About Other 180

پبلشر نوٽ:

رشيد خانواهيءَ جو سهيڙيل ڪتاب "سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو" سنڌي ادب جي تاريخي ۽ تحقيقي مطالعي ۾ هڪ اهم ۽ قدرائتو اضافو آهي. هي ڪتاب نہ صرف هڪ قبيلي جي ادبي خدمتن کي اجاگر ڪري ٿو پر ان ذريعي سنڌي سماج جي فڪري، ثقافتي ۽ علمي ارتقا جو بہ هڪ جامع نقشو پيش ڪري ٿو. سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ گهڻن ئي قبيلن ۽ برادرين جو ڪردار موجود رهيو آهي، رشيد خانواهي پڻ چانڊيا قبيلي جون علمي ۽ ادبي خدمتون پيش ڪري ڪوٽ جو ڪنهن حد تائين پوراءُ ڪيو آهي.

رشيد خانواهي بنيادي طور استاد ۽ ادبي سڃاڻپ شاعر اٿس، پر ويجهي ماضيءَ ۾ سهيڙ جي ڪم ڪيس منفرد سڃاڻپ ڏني آهي. هن ڪتاب ۾ هن چانڊيا قبيلي سان لاڳاپيل شاعرن، اديبن، محققن ۽ علمي شخصيتن جي حياتيءَ، سندن ادبي خدمتن، فڪري رجحانن ۽ سماجي اثرن کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي. ان سان گڏوگڏ، تاريخي حوالن، مستند ذريعن ۽ زباني روايتن کي بہ گڏ ڪري هڪ اهڙو علمي مواد تيار ڪيو اٿس، جيڪو سنڌي ادب جي سنجيده مطالعي لاءِ انتهائي ڪارائتو آهي. ڪتاب ۾ شامل حوالا ۽ دليل نہ صرف مواد کي مستند بڻائين ٿا، پر پڙهندڙ کي تحقيق جي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ پڻ همٿائين ٿا.

رشيد خانواهي چانڊيا قبيلي جي ادبي ورثي کي هڪ تسلسل سان پيش ڪري سينيئرن، وچڙي ويل توڙي حال حيات قلمڪارن جي ادبي خدمتن جو احاطو ڪيو آهي. نہ رڳو اهو پر سندس ڪم سنڌي ادب جي گهڻ رخي سڃاڻپ کي بہ مضبوط ڪري ٿو جتي مختلف قبيلن، علائقن ۽ فڪري لاڙن جي گڏيل ڪوشش سان هڪ امير ادبي روايت جنم وٺي ٿي.

پڪ آهي تہ "سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو" نہ صرف سنڌي ادب جي شاگردن، استادن ۽ محققن لاءِ هڪ اهم ماخذ ثابت ٿيندو، پر عام پڙهندڙن کي بہ پنهنجي ادبي ورثي سان نئين سڃاڻپ ڪرائڻ ۾ مدد ڏيندو.

مهاڳ

پنهنجي ٻولي زنده باد

پروفيسر عبدالرشيد چانڊيو جنهن کي ادبي دنيا ۾ رشيد خانواهي جي نالي سان ڄاتو سڃاتو ويندو آهي. نماڻي طبيعت جي مالڪ رشيد خانواهيءَ جڏهن پنهنجي اباڻي ڳوٺ ”خانواهه“ ۾ ڳوٺ رئيس اعتبار خان چانڊيي کي الوداع چئي، اچي شهدادڪوٽ ۾ رهائش اختيار ڪئي ته اتي کيس احمد علي صابر ۽ سيد گل محمد شاهه ’گل‘ بخاريءَ جهڙا ادبي استاد مليا. جن جي شفقت ۽ رهنمائيءَ هيٺ هن شعر لکڻ شروع ڪيا ۽ مشاعرن جي محفل ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو. سندس طبيعت ۾ ننڍپڻ ۾ نماڻپ ته اڳ ئي موجود هئي، پر ادبي دنيا ۾ داخل ٿيڻ ڪري اجا به سندس طبيعت ۾ وڌيڪ عاجزي ايندي ويئي. موٽ ۾ شهدادڪوٽ جي شاناٽتي متي به کيس اوتري ئي محبت ڏني. اهو ئي سبب آهي جو اڄ کيس پوري سنڌ سڃاڻي ٿي.

بنيادي طور تي رشيد خانواهي شاعراڻو مزاج رکندڙ هڪ سٺو شاعر آهي، پر شاعر سان گڏ گڏ هي هڪ سٺو نثر نويس ۽ محقق به آهي. هن کان اڳ ۾ سندس چار ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جن ۾ به شاعري ۽ به نثر جا آهن ۽ ان کان سواءِ نثر جا چار ڪتاب به وٽس قلمي شڪل ۾ موجود آهن، جن ۾ تاريخ ۽ تحقيق جا موضوع سمايل آهن. انشاءَ الله اهي به شايع ٿي اوهان جي هٿن تائين پهچندا ۽ سنڌي ادب ۾ پنهنجي جاءِ والارينداَ. پر هن ڀيري هن پنهنجي نئين ڪتاب ”سنڌي ادب جي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو“ ۾ سنڌي ادب جا نوان رنگ ڪٺي هڪ نواڻ

آندي آهي ۽ سنڌي ادب جي باغ مان مختلف قسمن جا گل گڏ ڪري هڪ سٺو ادبي گلدستو ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيو آهي.

جيئن ته چانڊيا قبيلو سنڌ جي تاريخ ۾ نمايان نظر اچي ٿو هن جي سچائي، سخاوت، بهادري ۽ ڏاهپ جا انيڪ مثال موجود ملن ٿا. هر دور ۾ هن سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي ۽ پنهنجي وس آهر پنهنجي ٻوليءَ ۽ ڌرتيءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، جيڪو سنڌ جي تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو.

هن کان اڳ 1978ع ۾ ڊاڪٽر عطا محمد ”حامي“ جو ”پي. ايڇ. ڊي مقالو ”خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو“ جي نالي سان شايع ٿي چڪو آهي. عنوان مان ئي اوهان کي اندازو ٿي ويو هوندو ته اهو ڪتاب صرف خيرپور جي ميرن تائين محدود آهي.

ان کان علاوه ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاريءَ جو ”پي. ايڇ. ڊي“ مقالو ”تاج پور جي لغاري خاندان جون علمي خدمتون“ به شايع ٿي چڪو آهي. هن ڪتاب ۾ به صرف هڪ ئي علائقي جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته رشيد خانواهيءَ جو هي ڪتاب سڄي سنڌ ۾ چانڊيا قبيلي جي هر ان ڏات ڌڻيءَ تائين ڦهليل آهي، جنهن علمي ۽ ادبي طور سنڌي ادب ۾ پنهنجو حصو ڳنڍيو آهي.

سوچ کان وڌيڪ سهيڙ تائين، هي سفر يقيناً انتهائي ڏکيو ۽ ٿڪائيندڙ آهي. سنڌ جي مختلف حصن ۾ رهندڙ هن قبيلي جي هر ڏات ڌڻيءَ تائين پهچڻ ۽ ان جي علمي ۽ ادبي ڪارنامي جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ڪو سولو ڪم ڪونهي.

هن ڪتاب لکڻ لاءِ رشيد خانواهي تمام گهڻي جاکوڙ ۽ محنت ڪئي آهي. راتين جا اوجاڳا ۽ ڏينهن جون مصروفيتون به هن ئي ڪم لاءِ ارپي ڇڏيون. نوان پراڻا رسالا ڄاچيا، اخبارون، حوالا، فوٽو ۽ سوشل ميڊيا... مطلب ته جتان به هن يار کي ڪتابي معيار مطابق جيڪو به ڏات ڌڻي مليو هن ان جي ڏات کي ڪتابي سونهن بخشيو.

هن ڪتاب ۾ ليکڪ انهن ذات ڏٽين جي چونڊ ڪئي آهي، جن جو علمي، ادبي ميدان ۾ ڪنهن نه ڪنهن صنف ۾ لکت ۾ مواد مليو آهي. ڪتاب ۾ 150 کان مٿي ذات ڏٽين جي قلمي پورهئي کي قلمبند ڪرڻ باوجود به ممڪن آهي ته ان اهليت تي پورو لهندڙ چانڊيا قبيلي جا ڪافي عالم، اديب، سگهڙ، شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ قلمڪار رهجي ويا هجن. مون کي ذاتي طور خبر آهي ته رشيد خانواهيءَ ڏاڍي محنت ۽ محبت سان هيءُ ڪم سر انجام ڏنو آهي. هن کي جيترو مواد ملي سگهيو، سو هن قلمبند ڪري سنڌي ادب ۾ هڪ ڪتاب جو واڌارو ڪيو. جيڪو تمام سٺو عمل آهي ۽ اڃا به ان ۾ واڌاري ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي، جو ته ڪا به تحقيق حتمي نه هوندي آهي. ڪافي وقت کان پوءِ رشيد خانواهيءَ جي هن ڪتاب جي انفراديت سنڌي ادب ۾ هڪ نئون دروازو کولي ڇڏيو آهي. سنڌ ڌرتيءَ جا ڪيترائي انمول ادبي هيرا تاريخ جي ورقن مان رهجي ويا آهن، جن سنڌي ادب جي مختلف صنفن ۾ سهڻا رنگ ڀريا آهن، جن جو ڪو به متبادل ڪونهي. جيڪڏهن گل گل ميڙي سهيڙي ۽ گڏ ڪجي ته گلدستو ته ڇا پر ادب جو گلستان ٺهي پوي.

رشيد خانواهيءَ جي هن ڪتاب کان اڳ ۾ سنڌي ادب ۾ اهڙي قسم جا صرف ٻه ڪتاب شايع ٿيا آهن، جن ۾ هڪ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو ڪتاب "ميمڻ برادري" 2001ع ۾ روشني پبليڪيشن طرفان شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب ميمڻ برادريءَ جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ معاشرتي معلومات ڏني آهي ۽ ٻيو 2017ع ۾ پروفيسر عبدالستار بلوچ جو ڪتاب "ماڻڪ موتي سنڌ جا" سنڌيڪا اڪيڊميءَ طرفان شايع ٿيو آهي. ان سڄي ڪتاب ۾ به صرف هندو اديبن، شاعرن، ڪهاڻيڪارن ۽ قلمڪارن جي علمي ۽ ادبي خدمتن جو ذڪر ڪيل آهي.

رشيد خانواهيءَ جو هيءُ ڪتاب به انهن ئي ڪتابن جو تسلسل آهي، جنهن ۾ چانڊيا قبيلي جي عالم، اديبن، سگهڙن، شاعرن،

ڪهاڻيڪارن، قلمڪارن جو علمي ۽ ادبي تذڪرو ڏنو ويو آهي ته جيئن اسان جي ايندڙ نسلن کي سنڌي ادب جي ڪا مفيد معلومات ملي سگهي ۽ سنڌي ادب جي تاريخ سهيڙيندڙن لاءِ ڪا آساني پيدا ٿئي.

اها ڪوشش نه صرف فردن کي پر ادارن کي به ڪرڻ گهرجي. ڪهڙيءَ طرح به ٻوليءَ کي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪجي. جيئن رشيد خانواهيءَ پنهنجي تاريخ پاڻ رقم ڪئي آهي!

آخر ۾ اسان اميد ٿا ڪريون ته سنڌ هن ڪتاب کي قدر جي نگاهه سان ڏسندي ۽ ٻوليءَ لاءِ سدائين اها دعا آهي ته:

سنائي، گدائي ۽ ساميءَ جي ٻولي،
بخاري، پٽائي ۽ حاميءَ جي ٻولي،
خدايا سلامت هي رک تا قيامت،
"رشيدڻ" چئي راشد ۽ جاميءَ جي ٻولي.
(ر_خ)

پروفيسر طارق خشڪ
07 **اپريل** 2026ع
شهدادڪوٽ

مبارڪن جو حقدار: رشيد خانواهي

سنڌ جي اترادي شهر شهدادڪوٽ جي هڪ سهڻي ۽ سيبتي تخليقڪار "رشيد خانواهيءَ" جو هي پورهيو جيڪو گڏيل تخليقڪارن تي آڌاريل آهي. ڪتاب جي چونڊ، گم ٿيل چانورن جي جنس، سگداسي ۽ شربتي ڪٽڪ وانگر اڻ لڀ ٿي گم ٿي ويئي آهي. اُهي جنسون هاڻي نالي ماتر وڃي رهيون آهي. رشيد خانواهي جو هي ادبي پورهيو جيتوڻيڪ چانڊيا قبيلي جي ادبي تاريخ جي نالي سان آهي، پر ڳالهه اها آهي ته اڄ هن شخص جي محنت سان مشهور ۽ مقبول قلمڪارن سان گڏ ڪيترن ئي گم ٿيل تخليقڪار جون اڻ لڀ لڪٽيون محفوظ ٿيون آهن. جهڙوڪر هن گُم سُم لڪٽيون هٿ ڪري چنڊيءَ ڦوڪي، سهيڙي، موتين وانگر هڪ هار ۾ پوئي پڙهندڙن آڏو پيش ڪيون آهن، اهو ڪمال آهي.

"سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو" ڪتاب ۾ هونئن ته شاهڪار قلمڪارن، شاعرن جو ذڪر شامل آهي، جن ۾ غلام مصطفيٰ قاسمي، سرڪش سنڌي، سرمد چانڊيو جهڙا نالا به آهن. پر انهن کان علاوه ڪيترائي ماڻڪ موتي به محفوظ ٿيا آهن. جن کي مان پاڻ به اڄ تائين ڪونه ڏٺو يا پڙهيو پر خانواهي صاحب انهن کي الائي ڪٿان ڳولي هٿ ڪري ڪڍي آيو. سندس هن ڪوشش سان اهي تخليقڪار تاريخ جي سونهري ورقن ۾ محفوظ ٿي ويا. پڪ سان ڪي تخليقڪار رهجي به ويا هوندا، ڇاڪاڻ ته تحقيق جو ڪم مڪمل نه هوندو آهي. هي ڪنهن ڪاڻ منجهان هيرا موتي هٿ ڪرڻ جهڙو ڪم آهي، موجوده سنگين حالتن ۾ اهڙو ڪم رشيد خانواهي صاحب ئي ڪري سگهي ٿو جتي هر ماڻهو پاڻ گُم ٿي ويو آهي، اُتي هڪ تخليقڪار لاتعداد تخليقڪارن کي ڳولي پڙهندڙن اڳيان ڪڍي آيو آهي. يقينن خانواهي صاحب هي پهريون قدم کنيو آهي، اڳتي اجان ان ڪم تي ڪم جي ضرورت آهي، تحقيق جي هڙئي ڪم ڪرڻ تي مرتب مبارڪن جو حقدار ضرور آهي، اميد اٿئون ته سندس جاکوڙ جاري رهندي.

عبدالواحد سومرو

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو

پنهنجي پاران:

الحمد لله، رب پاڪ جا لکين احسان، جو منهنجو هيءُ پنجون ڪتاب "سنڌي ادب جي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو" شايع ٿي اڄ اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي، هن ڪتاب ۾ سنڌ امڙ جي حلالي ٻچڙن (چانڊيا قبيلي جي انهن عالمن، اديبن، سگهڙن ۽ شاعرن) جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن سنڌ امڙ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ رت ولوڙيو آهي.

سنڌ جي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته چانڊيا قبيلي جي جوڌن هر دور ۾ سنڌ جي دشمنن سان مهاڏو پئي اٽڪايو آهي ۽ ڌرتيءَ جي دنگن جي حفاظت پئي ڪئي آهي ته ٻئي طرف وري سنڌ جي سالڪن ۽ سپورنجن سان گڏجي هن ئي قبيلي جي سخنور، شاعرن، عالمن ۽ اديبن سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي امڙ جي ٻولي سمجهي، ان سان پيار، محبت جو اظهار پئي ڪيو آهي، نثر توڙي نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب لکي پنهنجي سچائيءَ جو ثبوت ڏنو آهي. ۽ پنهنجي علمي لياقت آهر سنڌي ٻوليءَ کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي ۽ ڪندا رهن ٿا.

هن ڪتاب جي ترتيب ۾ پهريون انهن عالمن، اديبن، سگهڙن ۽ شاعرن جو احوال ڏنو ويو آهي، جن جي زندگيءَ جو احوال ۽ ادبي خدمت جيڪا تحريري صورت (لکت ۾) ملي آهي، ان ڪانپوءِ انهن اهلِ علم جو احوال ڏنو ويو آهي، جن جي صرف زندگيءَ جو احوال مليو آهي، تنهن ڪانپوءِ اهلِ قلم عورتن جو احوال ڏنو ويو آهي ۽ ان ڪانپوءِ وري انهن شاعرن ۽ سگهڙن جي شاعري ڏني وئي آهي، جن جي صرف شاعري ملي آهي پر انهن جي زندگيءَ جو ڪو به احوال ملي نه سگهيو آهي.

ان کان علاوه آخر ۾ انهن عالمن جا صرف نالا ڏنا ويا آهن، جن پنهنجي سڄي زندگي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ گذاري، پر انهن جي ڪا به تحرير (تخليق، تحقيق ۽ ترجمو) ملي نه سگهي آهي.

ڪا بہ تحقيق حرف آخر (حتمي) نہ هوندي آهي، ان ۾ ڪجھ نہ ڪجھ غلطيون رهجي وينديون آهن. يقيناً منهنجي هن ڪتاب ۾ بہ ڪي غلطيون هونديون، سيئي اهلِ علم منهنجا محسن آهنِ، جيڪي منهنجي غلطين جي اصلاح ڪندا. ڇو جو تنقيد براءِ اصلاح ئي ادب جي سونهن آهي، جيڪڏهن سونهن کي ادب کان الڳ ڪبو تہ ٻسو ۽ بي معنيٰ لڳندو.

منهنجو هيءُ ڪتاب ڪيترو ڪارڳر آهي، اهو تہ پڙهندڙ ئي فيصلو ڪري سگهن ٿا. آخر ۾ آءُ ڊاڪٽر اڪبر خان چانڊيي جو نهايت ئي شڪر گذار آهيان، جنهن هن ڪتاب ڇپائڻ جو وعدو پورو ڪيو ان کان علاوه پروفيسر منور جوڻيجي ۽ پروفيسر طارق خشڪ جن جو ٿورائتو آهيان، جن هي ڪتاب لکڻ لاءِ زور ڀريو ۽ منهنجي همت افزائي ڪئي.

زمانہ ڀلي ٻين جي تاريخ لک،
اسان پاڻ پنهنجي ڪئي آ ارخ.

رشيد خانواهي
شهدادڪوٽ
15_01_2026

سنڌ جي
ادبي تاريخ ۾
چانڊيا قبيلي
جو حصو

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

جيئن ته سنڌ ڌرتي کي الله پاڪ سرسبز ۽ شاداب بڻايو آهي، ۽ تيئن ئي وري علم ادب جي دنيا ۾ به ڏاڍي خوشحال ۽ مالا مال رهي آهي.

وقت فوقت منجهس اهڙا عالم اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا آهن. جيڪي پنهنجو مٽ پاڻ هئا، اهڙن انمول هيرن منجهان علامه غلام مصطفيٰ قاسمي به هڪ هو.

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ولد حافظ محمود چانڊيو 1916ع 1335هه ۾ ڳوٺ رئيس پنهيو خان چانڊيو، تعلقي ميرو خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو اڃان ٽن سالن جو هو ته سندس والد وفات ڪري ويو. سندس والد صاحب قرآن پاڪ جو حافظ هيو. جيڪو ميان غلام صديق رح شهدادڪوٽي وٽ قرآن پاڪ پڙهيو هو. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي کي شروع ۾ ڳوٺ جي مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. جتي هو قرآن پاڪ ۽ فارسي پڙهيو فارسيءَ ۾ سندس استاد فتح محمد سيراني (شهدادڪوٽ وارو هيو. ان کانپوءِ ميرو خان ۾ خوش محمد، ميروخاني کان به فارسي سکيو. تنهن کانپوءِ "ڪُور سليمان" [1] جي "مدرسه دارالفيض" پڙهڻ ويو، ان مدرسي جو سرپرست پير تراب علي شاهه راشدي هيو ۽ رئيس محمد خان سومرو ان مدرسي جو خرچ پکو هلائيندو هو ۽ علامه عبدالڪريم ڪُورائي اتي مدرس (استاد) هو.

قاسمي صاحب اتي فقه ۽ منطق جا ڪتاب پڙهيو. ان کانپوءِ "ديوبند" پڙهڻ ويو، اتي مولانا حسين احمد مدني ۽ مولانا محمد ابراهيم

[1] "ڪُور" سليمان، تعلقي قمبر جو مشهور ڳوٺ آهي.

وٽ وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي، تنهن کانپوءِ اورينٽل ڪاليج دهليءَ ۾ پڙهڻ ويو ۽ اتي داخلا ورتي، اتي مولوي فاضل جي امتحان ۾ قاسمي صاحب سڄي دهلي ۾ پهريون نمبر آيو ساڳئي ريت "منشي فاضل"جي امتحان ۾ به پهرين پوزيشن حاصل ڪئي، ۽ اردو ادب ۾ (ديوان غالب) جو امتحان نمايان نمبرن ۾ پاس ڪيائين، ۽ " مدرسه طبيه " مان طب جي سند به حاصل ڪيائين.

ان کانپوءِ واپس سنڌ آيو ۽ شڪارپور ۾ "دارالسعادت گورو پهوڙ" مدرسي ۾ استاد ٿي رهيو. جتي مولانا محمد يوسف ڪوسو شهدادڪوٽي ۽ مولانا عبدالڪريم بير وارو قاسمي صاحب وٽ پڙهيو.

قاسميءَ صاحب 1953ع ۾ سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ 1963ع ۾ حيدرآباد شاهه ولي الله اڪيڊميءَ جو ڊائريڪٽر ٿي رهيو. مسلسل درس و تدريس جو ڪم ڪندو رهيو ۽ پنهنجو فرض ايمانداريءَ سان ادا ڪندو رهيو.

جيئن ته علامه غلام مصطفيٰ قاسمي تمام وڏو عالم ۽ اديب ٿي گذريو آهي، جنهن جي گائيڊ (رهبري) هيٺ ڪيترن ئي عالمن ۽ اديبن "پي. ايڇ. ڊي" ڪئي، جنهنجو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

سنڌيءَ ۾ پي. ايڇ. ڊي

1	ڊاڪٽر غلام علي الانا	لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ	1971ع
2	ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو	سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر	1974ع
3	ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو	لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو	1974ع
4	ڊاڪٽر سيد محمد صالح شاهه	رشيد الدين شاهه جو ڪلام	1974ع
5	ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي	بيان العارفين جي تدوين	1974ع
6	ڊاڪٽر سيد محمود شاهه	مولانا تاج محمود امروٽيءَ جون ادبي خدمتون	1978ع

7	ڊاڪٽر عبدالخالق سومرو	علي نواز علوي ۽ سندس شاعري	1978ع
8	ڊاڪٽر عزيز الله ميمڻ	خيرپور جي ادبي تاريخ	1978ع
9	ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر	سنڌ جا اسلامي درس گاهه	1978ع
10	ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي	آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر	1980ع
11	ڊاڪٽر اياز حسين قادري	سنڌي غزل جي اوسر	1982ع
12	ڊاڪٽر عبدالجبار مغل	ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو علم و ادب ۾ حصو.	1982ع
13	ڊاڪٽر آپا شمس عباسي	حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي شخصيت ۽ سندس علمي ۽ سياسي خدمتون.	1983ع
14	ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو	سنڌي صحافت جي تاريخ	1983ع
15	ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ	19 صديءَ جا نثر نويس	1984ع
16	ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي	ساهتيءَ جا علمي مرڪز	1984ع
17	ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر	سنڌي ثقافت ۽ شاهه عبداللطيف	1988ع
18	ڊاڪٽر حسن بانو سومرو	شاهه جي ڪلام جي روشني ۾ سنڌي عورت جو مطالعو	1989ع
19	ڊاڪٽر خادم حسين قريشي (قاضي خادم)	سنڌ جي نثري داستانن جو تنقيدي جائزو	1989ع
20	ڊاڪٽر غلام قادر سومرو	سنڌي ادب ۾ طنز و مزاح	1989ع
21	ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري	تاجپور جي نواب لغاري خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون	1989ع
22	ڊاڪٽر محمد صالح گوپانگ	سنڌي ٻوليءَ ۾ پرائمري اسڪولن لاءِ تيار ڪيل نصابي ڪتابن جو تاريخي ۽ تنقيدي جائزو	1991ع
23	ڊاڪٽر پير بخش خاصخيلي	نصابي ڪتابن جي سنڌي ٻولي	1996ع
24	ڊاڪٽر نورافروز خواجه	ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر	1997ع

اسلامڪ ڪلچر ۽ ڪمپئريٽو رليجنز (تقابل اديان) ۾ پي. ايڇ. ڊي

1	ڊاڪٽر سيد احمد اقبال قلسمي	تحقيق و تقديم فاڪهته البستان الشيخ المخدوم محمد هاشم ٺٽويؒ	عربي	1977ع
2	ڊاڪٽر حافظ محمد يوسف ميمڻ	وحدت نامو سنڌي از: مخدوم فضل الله سنڌي، سندس سوانح ۽ علمي ڪارناما	سنڌي	1978ع
3	ڊاڪٽر يار محمد قاضي	سنڌي زبان ۾ فقهي ادب جو ارتقا		1979ع
4	ڊاڪٽر عبدالهادي سرهيو	اخلاق حسنه قرآن ڪريم جي روشنيءَ ۾	سنڌي	1981ع
5	ڊاڪٽر رحمت الله ٻرڙو	مولانا غلام عمر جتوئي لاڙڪاڻويءَ جون ديني ۽ فقهي خدمتون	سنڌي	1983ع
6	ڊاڪٽر مظهر الدين سومرو	تحريڪ آزاديءَ ۾ علماءِ سنڌ جو حصو	سنڌي	1984ع
7	ڊاڪٽر محمد ابراهيم ڪنڀر	مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ جون ديني خدمتون	سنڌي	1986ع
8	ڊاڪٽر عبدالحليم محمد احمد الرمحي	مصادر الاعلام الاسلامي	سنڌي	1986ع
9	ڊاڪٽر حافظ نظام الدين	شيخ الهند مولانا محمود الحسن ۽ اُن جون ديني ۽ علمي خدمتون	عربي	1987ع
10	ڊاڪٽر محمد عثمان ٻٽي	قصيده برده شريف ۽ اُن جا سنڌي ترجما ۽ شرحون	سنڌي	1987ع
11	ڊاڪٽر محمد اشرف سمو	ٻارهين صدي هجريءَ جي سنڌي محدثن جون علمي خدمتون	سنڌي	1989ع
12	ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو	ديني عالمن جون سنڌيءَ ۾ ادبي خدمتون (1843_1947)	سنڌي	1989ع
13	ڊاڪٽر خان محمد لاڙڪ	حضرت پير محمد راشد روضي ڌڻي ۽ اُن جون علمي، ادبي ۽ روحاني خدمتون	سنڌي	1991ع
14	ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو سنڌي	اسلامي سنڌي ڪتابن جو تنقيدي جائزو (ورهاڱي کان پوءِ)	سنڌي	1992ع

15	ڊاڪٽر مفلح احمد موسيٰ الدياس	موانع الضمان في الفقہ الاسلامي	سنڌي	1993ع
16	ڊاڪٽر حافظ عبدالرزاق سومرو	لاڙڪاڻي ضلعي جي ديني عالمن جو دين جي اشاعت ۾ حصو (1843ـ 1947)	عربي	1993ع
17	ڊاڪٽر حافظ عبدالقيوم سنڌي	الامام ابوالحسن السندهي الكبير حكايتہ و آثاره	سنڌي	1993ع
18	ڊاڪٽر حافظ صبغت الله انيڙ قادري	شيخ حماد الله هاليجوي ڪامل روحاني ۽ مذهبي رهنما	عربي	1993ع
19	ڊاڪٽر علي احمد انصاري	سنڌي ۾ سيرت نگاري	سنڌي	1993ع
20	سيد محمد عبدالڪريم عبدالغفور	تحقيق دراستہ ڪتاب الطهارت من طوالع الانوار شرح الدر المختار شيخ محمد عابد سندي	عربي	1993ع
21	ڊاڪٽر غلام محمد ڏاهري	ڪتاب سراج المصلي, فارسي	سنڌي	1995ع
22	ڊاڪٽر محمد بخش پيٽي	عربي تهذيب جو سنڌي تهذيب تي اثر	سنڌي	1995ع
23	ڊاڪٽر محمد زڪريا الشافعي	المسامون في ديار غير الاسلام دراستہ عقيدت تاريخيت فقهيت	سنڌي	1998ع
24	ڊاڪٽر عبدالوحيد انيڙ	مدرسہ مظهر العلوم کڏه (ڪراچي) جي ديني ۽ سياسي خدمتن جو تنقيدي جائزو	عربي	1998ع
25	ڊاڪٽر نذير حسين شر	مڪتوبات حضرت پير محمد راشد روضي ڌڻي جو سنڌي ترجمو ۽ سوانح حيات	سنڌي	1999ع
26	ڊاڪٽر مخدوم محمد روشن صديقي	حضرت محمد فضل الله صديقي پاٽائيءَ جي علمي ۽ فقهي خدمتن جو تنقيدي جائزو	سنڌي	1999ع
27	حافظ داد شاهہ بلوچ	المتحقيق والتقدم علي خلاصتہ البيان في شرح اللغات المشكوات	عربي	2000ع

ايم. فل

1	مظهر علي شاهہ	اسلام جو عدالتي نظام	سنڌي	1984ع
2	ڪليم الله ساريو	شاهہ ولي الله دهلويءَ جي ڪتاب "حجت الله البالغت جي ستين بحث ڪان آخر جزه اول تائين جو سنڌي ترجمو	سنڌي	1986ع
3	نظير احمد ڍهر	اسلامي تصوف ۽ صوفياءِ ڪرام	سنڌي	1986ع
4	محمد ابراهيم	طرق احكام القاضي في السلام	عربي	1986ع
5	نور احمد نظاماڻي	خليفي محمود فقير ڪڙيي گنهور واري جي سوانح حيات ۽ علمي ڪارناما	سنڌي	1986ع
6	نياز احمد لغاري	مولانا عبدالله لغاريءَ جون ديني خدمتون	سنڌي	1986ع
7	محمد ميمڻ	مخدوم عبدالله نري واري جي سوانح حيات, علمي ۽ ادبي خدمتون	سنڌي	1988ع
8	منورالدين مخدوم	مظهر الانرار (عربي) تاليف مخدوم محمد هاشم ٺٽوي تدوين, ترتيب تحشيہ تقدم	سنڌي	1988ع
9	عبدالحي ابڙو	درست و تحقيق النصف الاول من ڪتاب قرت الانظار علي شرح تنوير الابصار الشيخ ابواللطيف سندي	سنڌي	؟
10	امين الله علوي	طريقت الارشاد لتڪميل المومنين والاولاد (ازحاجي فقير الله هاشمي) شڪارپور.		

مسلم هسٽريءَ ۾ پي. ايڇ ڊي

1	ڊاڪٽر حبيب الله صديقي	اسلام جي اشاعت ۾ پاٽ جي صديقي خاندان جو تاريخي ڪردار	انگريزي	1991ع
2	مسز ممتاز ڀُٽو	سنڌ جي سياسي تاريخ جو تحقيقي جائزو (1843ـ1947ع)	سنڌي	1992ع

شعبہ عربيءَ ۾ پي. ايچ. ڊي

1	الدڪتور عرابي محمد حسين عبدالمجيد	فلسفتہ ابن خلدون الاجتماعيت		1980ع

ان کان سواءِ عربيءَ ۾ پي. ايچ. ڊي ڪرڻ وارن جا ڪجھ اهڙا نالا ملن ٿا، جن قاسمي صاحب وٽ پي.ايچ. ڊي ۾ داخلا ورتي هئي، پر ڪين ڊگري حاصل ڪرڻ جي تصديق نہ ٿي سگهي آهي:

1	شيخ محمد امبال امين المصري	المخدوم عبدالواحد سيوستاني السنڌي وفاواه الفقهيہ	1978ع
2	سيد تلميز حسين	دارسات الحبيب في احسنت باالحبيب	1980ع

فارسيءَ ۾ پي. ايچ. ڊي

1	ڊاڪٽر خادم حسين ٽالپر	احوال و آثار مولانا بُهاءُ الدين بهائي	
2	ڊاڪٽر محمد اسحاق انصاري	گويند گان پارسي درسندو تجليات زبان فرهنگ ايشان در عهد انگليسي	
3	ڊاڪٽر پروفيسر محمد اسحاق ابڙو	ديوانِ مير از حايق آگاهہ سيد جان الله شاد رضوي، مقدمہ وتصحيح و حواشي [Editing & Elegesis of Diwan Sayed janullah Rizvi]	

اردوءَ ۾ پي. ايچ. ڊي

1	ڈاکٹر راشدی عبدالستار خان "وفا"	اردو کی ترقی میں اولیائے سندھ کا حصہ،	1980ع
2	ڈاکٹر غضنفر مہدی	گل محمد عاشق ملتانی اور ان کا فنِ مرثیہ گوئی۔	

قاسمي صاحب عربي ۽ فارسيءَ ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي، ان کان علاوه سنڌيءَ ۾ ”شاهہ جو رسالو“ 1951ع ترتيب ڏنائين ۽ لفظن جي معنيٰ بہ لکيائين.

قاسمي صاحب ڪيترائي مقالا لکيا، جن کي ”مقالات قاسميءَ“ جي نالي سان ڪتابي شڪل ڏني وئي آهي.

سنڌ جي هن عالمن جي عالم ۽ محقق ۽ نقاد 09 ڊسمبر 2009ع تي حيدر آباد ۾ وفات ڪئي. ۽ سندس آخري آرامگاهہ بہ حيدر آباد ۾ آهي.

عبدالرحمن چانڊيو

عبدالرحمٰن چانڊيو 1855ع ڏاري باغ جاگير، تعلقي قمبر ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده ضلعي قمبر شهدادڪوٽ) ۾ ڄائو عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪري درس و تدريس ۾ مشغول رهيو.

پاڻ سنو شاعر بہ هيو، سندس ٿيهہ اکريون ڪانگل جا بيت شاهہ محمد ديدڙ جي تتبع ۾ چيائين، ان ڪانسواءِ مولود، هنر، سينگار ۽ ڏور جا بيت بہ چيائين، سنڌي ادب ۾ سندس سڃاڻپ سگهڙ شاعر طور آهي. شاعري ۾ ”چانڊيو“ ”ٻروچ“ ۽ ”فقير“ تخلص استعمال ڪندو هو. سنڌ جي هن سگهڙ شاعر 1927ع ۾ وفات ڪئي. هتي سندس ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

جيمُ جانب ريءَ جنجال،
هار اڳيئون ڏس هي حال.

ڪر تون سڄڻ کي سهڻا سوال،
ميل مٺا ٿئي وير وصال.

نيڻ ندين تي چاڙهن نارَ،
ڪانگ پرينءَ جي وچ تون پار.

❊

هلي هٿ چڙا ڪٽي، گهوري پنهنجو گهر،
ڪنيون نہ نماڻيءَ پاڻ سان ٻيو سورن ريءَ ثمر.
اهڙو عبدالرحمان چئي ڪنهن نہ ووڙيو ور،
ڪامڻ پنهنجو ڪر، ڪيو اڳيون آري ڄام جي.

❊

شوق ميڪون شاهہ رانجهي والا نال ڪيڙي دي خيال نهين،
مارن تاني بيگاني ماٺهو جهڙين پيا جهنگ سيال نهين.

روح ميڏا دل رانجهو نيتا ٻئي تان سرت سنڀال نهين،
عبدالرحمان اوشاڪي، جيها ٻيان تہ عين افعال نهين.

❊

هير اتي تقدير ترڻ دي قلم لکني هسڻ ڪاهي،
ڊڙڪي ڪڙڪي دئونر دريا ها اهو واهڙ ٻاسين واهي.
سيسر سير وچون ڪن سو ست ڏنيريا ڏاڪر ڏاهي،
من وچ محبت مول نہ مڙسين ڏيک ٽئي رندان راهي.
عبدالرحمان اٺان لنگهہ آوي جتي شاهہ رانجهي دي شاهي.

❊

تانگهي تار وچون ناترسي هي جو هير نہ هتي مطلب وتي،
ڪنگڻ تي ڪنمالان ڏوهين پهريان پونچان پتي مطلب وتي.
عبدالرحمان اوشاڪي جيها ڪوسر ڏي سوپان ڪتي مطلب وتي.

❊❊

نڪو ڏاڏو ڏيهہ ۾ نڪو ئي نانو.
بابو بالا چشم هو توڳل آ ڳانو.

مامون متي سان رليو جنهن جو خاڪ ٿيو خانو.
ڪوڙ ۾ ڪانو ايندو ئي اڳيون عبدالرحمان چئي.

❊

دل ڦري دست ڪري ساجن وئين سوئي،
چوري چت چريو ڪري ڏيئي چاڪ وئين چوئي.
هوئي ڙي هوئي، ڪو سمجهائي تہ سجڻ ڪي.

❊

دل ڦري داد نہ ڪيو ئي رڳو لائي وئين لوڙا،
تنهن جي نينهن نوان ڪيا منهن جي اندر ۾ اوڙا.
عاشق عبدالرحمان سان ڪر دلبر نہ دوڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا، ڪو سمجهائي تہ سجڻ ڪي.

❊❊

دوست فقير مير ناٽي چانڊيو

دوست فقير 1858ع ڏاري ڳوٺ ”حمل“ تعلقي وارهہ ۾ ڄائو قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪيائين. وڏو درويش انسان هو هارپي جو ڪم ڪندو هو ۽ 1919ع ۾ وفات ڪيائين.

جئين تہ دوست فقير شاعر بہ هيو سندس شاعريءَ مان هڪ ڪافي هيٺ ڏجي ٿي.

عجب فقيري هٿ ڪون آئي،
عمر اسان جي ويسر وڃائي.
ماٺهن جي منهن تي ساڌ سڏايان،
پرپٽ پاڻ ڪي چوءِ بند پايان.
منهن منجهہ مؤمن، دل ۾ دغائي.
پاتم پنهل ڪان ڪريف جو چولو
ڦنڌ فقيري عام ڪان اولو
سير سڪياسين پنڻ گدائي.
خاطر خوبين ڪاڻ عجيبن،
نين وهن پيا ڪاڻ نجيبن.
شب روز سجڻ جي آهي، ”دوست“ وائي،
عجب فقيري هٿ ڪو نہ آئي.

❊

ولڻ (ولهاري)

ولڻ (ولهاري) سن 1874ع ۾ ڏاري ڳوٺ ڳاڙهي جاگير، تعلقي وارهہ ۾ ڄائو. سندس تعلق چانڊين جي معارفاٽي پاڙي سان هو.

سندس ڪلام مداحن، معجزن، ڪافين ۽ ڏوهيڙن تي مشتمل آهي، 1954ع ڏاري وفات ڪيائين 1945ع ۾ لالورائڪ ۾ ڏاڙو لڳو ڏاڙيلن لالورائڪ جي بازار م ڦرڪئي، پوليس کي خبر پئي، پر پوليس هميشہ، واردات کان پوءِ پهچندي آهي، انهي واقعي جي ولڻ (ولهاري) پنهنجي شاعري ۾ سچي تفصيل بيان ڪئي آهي. سندس شاعري مان چند سٽون پيش ڪجن ٿيون.

بازر لالو جي ٽي جهني،
پينچن ڪانہ چاڙهي هئي ڳني،
ماءُ مکي جي رت پئي رُني،
ويجهو وارهہ جي هئي مني،
چو نہ تني کي پوليس پني،
سوار چڙهي آيا سرڪاري
تن پي همت ڪانہ ڏيکاري

*

ولڻ ڪيڙ وجود مان تون وڏائي جو واڻ،
پاڻ سڃاڻين پاڻ، مامر پروڙج من ۾.

*

تون چٽيا آهين چانڊيو چوي تون پاڻ سڃاڻج پاڻ،
اجايو ايٿون (آٿيون) هٽي اوڳا تي اڻ چاڻ.
ڪائي چڙ خديءَ کي توکي ڏاتر ڏيندو ڏاڻ،
پوءِ پرور تنهنجي پاڻ، ڪندو ور ولڻ چوي.

***

وٺ يڪو نانوَ الله جو تہ تاس نہ لڳي تن،
ڪيڙ دوڪائي دل مان ڏي ٻيائي کي ٻن.
ٽڪي ٽڪندين ڪين ڪي رک محمد عربي من،
ڏي چئون ڪي چئن جي تہ سوهين منجهہ سرتين.
پنجين پنجن تنن جي رک طلب گهٽي تن،
پوءِ اهي عجيب اچن، ولڻ ويلهہ وصال جي.

**

چڪي نہ چڏيندو ڪارٽي ستي ست سنيار،
ائين اور عجيب سان اٿئي دلبر جي درڪار.
نائون رک نينهن نماز سان توکي ڪوئڻ ناهي ڪار،
دهلي دوزخ کان هنيون اڳيون صاحب جي سرڪار.
ويهي ورنہ وسار جيڪو ڪندو ئي واهر ولڻ چوي.

**

راٽيون ريهي ريب سان گولا ۽ بادشاهہ،
بچائين شال بدين کان شاهن جا تون شاهہ.
ولڻ سندي واهہ اجهو عربي آيو.

هيٺيون بيت ڪسيري کان وٺي روپيي تائين چيو اٿس.

ڪسيري ڪيچن ڪٽي ڪئي جو رمي ڏنائون رات،
پائي پرينءَ پيچري پرهہ ڦٽي پريات.
هو آڏيلي تي اٿي ويا ها من رکي مسلات،
پنهل نيائون پاڻ، ساڻ ڪري چپ چپات.
هيءَ ٽڪي ڪين پنيور ۾ پئي وڃي پنهل ساٿ،
آءُ نہ ٽڪان ڙي اديون اٿم وائي پنهل وات.
پائڻ پيچ پريت جا بشيڪ ناهي بات،
ڪر آڏي اور عجيب سان تہ ڏاتر ڏيندو ئي ڏات.
روپئي ڪندس ڳالهڙيون جنهن جي ولڻ وائي وات،
سو ڏسان هوت اڪين سان.

**

وندر فقير

وندر فقير ولد دوست علي فقير 1877ع ڌاري ڳوٺ ”حمل“ تعلقي وارهہ ۾ ڄائو. سندس والد صاحب بہ پنهنجي وقت جو صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. سندس تعلق چانڊين جي ميرناڻي پاڙي سان هو.

وندر فقير صفا اڻ پڙهيل درويش صفت ۽ قلبي شاعر هو. حمل ڳوٺ جو سيد جمال شاهہ سندس مرشد هيو جنهن سان کيس بيحد محبت ۽ عقيدت هوندي هئي. سنڌ جي هن گمنام شاعر 1937ع ڌاري وفات ڪئي، سندس ڪلام جو ڪجهہ نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

1. ڪافي

حال معلوم هوت کي ڇا چئي مان ڇا چوان،
دوست تودلدار کي، ٻانهون ٻڌي پيرين پوان.
عشق آڙاهہ جو محب ٻاريو مچ تو
لڳي بدن کي باهہ پڙڪي، سور ٿيا سيني سنوان.

2. ڪافي

آءُ اديون ڙي آهيان، ٻاروچل جي ٻانهي،
حملا ڪري هڻي ويو دل جو دلبر جاني.
ڏيرن ڪا نہ رهائي، هين دل م دغائي،
ڪل نہ پيئي مون کي ڪائي، ويتر ڪيائون ويراني.
لائي جسم سان جهيڙو دم تي آهي ويسهہ ڪهڙو،
مردن مٿان آهي ميڙو ڏيهہ جني جا ڏاني.
دوست دلاسو ڏيندو وهم ”وندر“ سڀ ويندو،
ڏيهہ مبارڪ ڏيندو الله ڪندو احساني.

نوٽ: خليفي عبدالحميد چانڊيي پنهنجي ڪتاب، سوانح حيات نواب سر غيبي خان چانڊيو ۾. وندر فقير جي ولادت جو سال 1886ع ڄاڻايو آهي.

حافظ خدا بخش بندلاڻي چانڊيو

حافظ خدابخش بندلاڻي ڳوٺ موريو چانڊيي ۾ 1877ع ڌاري ڄائو. سندس والد جو نالو جان محمد هو. قرآن پاڪ حافظ تاج محمد کو نهاري وٽ حفظ (ياد) ڪيائين. عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ڳوٺ ”ٻانهي لاڪير“ ۾ مولانا الاهي بخش کان حاصل ڪيائين.

سندس رهڻي ڪهڻي بلڪل سادي سودي هوندي هئي ۽ پاڻ ڏاڍو رحمدل انسان هيو.

حافظ خدا بخش بندلاڻي جيئن تہ سٺو شاعر بہ هيو. شاعريءَ ۾ ”بندل“ تخلص استعمال ڪندو هو. سندس شاعريءَ جو مجموعو ”بحر بندل“ جي نالي شايع ٿيو هو.

سنڌ جي هن سهڻي سخنور 1917ع ۾ وفات ڪئي. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

اول رب رحمان رازق رحيم،
خدا جي قيومي قادر ڪريم.
خدا جي وڏي وصف واڪاڻ آ،
سدا رزق ڏيندڙ اهو پاڻ آ.
هلائي چلائي ٿو حيوان کي،
ڏنائين وڏو شرف انسان کي.
ڪيائينس صاحب عقل فهم جو،
وڌائين انهيءَ تي ڦڙو رحم جو.
خلق مَٿُون خدا کي ته آدم وڻيو.
ءِآدم حوا مان مير مرسل ڄڻيو.
مٿون مير مرسل جي ڇٽ پيو جهلي،
لقب آهي لولاڪ ويو تنهن ملي.
ٿيو عرب ايران اندر اهاءُ،
ڪيو دين دلبر جي شمسي شعاءُ.
خليل خدا خاتم الانبياءُ،
بني هاشمي نسب شير شجاءُ.
خليفا خلق ۾ چوان چونڊ چار،
هُوا مير مرسل جا سي يار غار،
ابوبڪر اعليٰ وڏو شان ۾.
عمر جهڙو عادل نه ڪنهن آن ۾،
ذوالنورين هو زور صاحب سخا.
علي شاهه نر شير مشڪل ڪشا،
امامين حاڪم حيا دار هن.
ساقي حوض ڪوثر جا سردار هن،
نبي جا ٻه چاچا چڱا چاڱلا.
سي عباس حمزو ڀلارا ڀلا.

❋

مزاري چانڊيو

مزاري چانڊيو سن 1887ع ڏاري تعلقي وارهه جي ڳوٺ ”ڳاڙهي جاگير“ ضلعي لاڙڪاڻي، (موجوده ضلعي قمبر شهدادڪوٽ) ۾ ڄائو سندس تعلق چانڊين جي معارفاڻي پاڙي سان هو. 1960ع ۾ وفات ڪيائين.

نبي پاڪ جي شانَ ۾ سندس شعر جون چند سٽون غور طلب آهن.

نرمل پنهنجي نور منجهان ڪيو پيدا پيغمبر،
آئي احمد ڄام جي ڪليو مشڪ عطر.
ڪريا ڪوٽ ڪسريٰ جا بت ٿيا سڀ ابتر،
مولا موڪليو رحمت ڪري جيڪو امت جو آڌر.
يٰس طٰ مزمل مدثر
تعريف ڪئي قرآن ۾ خود ڏيهن جي ڏاتر.
امامن جي اداس ۾ دل ۾ آهي سڪ سبر،
اسين سائيل سوالي آهيون، رهبر تنهنجي در.
ڪر معاف منداين من جون داتا تون دلبر،
امت تنهن جي آسري سو حامي ٿيندين منجهه حشر.
مدارت اچي مزاري سان ڪندين مهل سڪر.
صلواتون تنهن سيد تي پڙهيو ڪلمو ڪسر،
جو آهي مختيار مڙنيي مرسلين جو عربي ڄام اپر.

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللّٰہِ

❋

لالو فقير چتاڻي

لالو فقير چتاڻي ڳوٺ رئيس ڀنيي خان چانڊيي، تعلقي ميروخان، ضلعي لاڙڪاڻي، (موجوده ضلعي قمبر شهداد ڪوٽ) جو رهاڪو هو. غيبي ديري مدرسي ۾ مولوي. علي محمد جانوري چانڊيي وٽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين ننڍي عمر ۾ ئي سندس لاڙو فقيريءَ ڏانهن هيو. فقيرن جي محبت اچي وجي، سچل سائين جي درگاهه جو مريد ٿيو ۽ اتي ئي شاعري جي شروعات ڪيائين، شاعريءَ ۾ سندس استاد شير خان فقير عرف "جهانگي فقير" هيو. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

حضرت علي عليہ السلام جي تعريف ڪندي فرمائي ٿو:

اول نام الله ڪا ياعلي،
ڏي ڏڏڪار ڏي هونگار تون گنجوار ياعلي.
در دلير مڱ مٿير سخي شير ياعلي،
چا ڪر خام پڇن ڪام هٽن لام ياعلي.
ڪڙ ترار مندا مار تون سرڪار ياعلي،
وَڪَرَ واءِ جوڻن جاءِ سپ جاءِ وجاءِ ياعلي.
ڪوڻو وقت لڳو آ سخت ڏيندين ڪو بخت ياعلي،
پير پاءَ وک وڏاءِ لڳ خداءِ ياعلي.
هن مسڪين جا حبيب ور طبيب ياعلي،
پيالو پيار ڪوثر ڪار تون دَرَ ڪاَرَ ياعلي.
رڙي ٿو روح سانجهي صبوح تون پاٻوهه ياعلي،
ڪاشا نشق لعل بشڪ منگي دان ڪلمي ڪار ياعلي.

حضور ﷺ ۾ سچل جي تعريف ۾:

بلبلا آهن باغ ۾ تو آٽي اڏيو آٽي اڏيو آ گهر ڪي،
تعريف ڏس تبار جي جو آباد ڪيائين بر ڪي.
اور ويٺو تون اندر ۾ مير محمد نر ڪي،
لعلو فقير چوي ته چڏ نه درازن جي در ڪي.

حاجي محمد حسن چانڊيو

حاجي محمد حسن چانڊيو ٻيلهاٽي محمود شاهه. تعلقي قمبر ۾ سن 1901ع ۾ ڄائو. سندس شاعريءَ جا ٻه ڪتاب "مدحيات" (مداحن جو مجموعو 1929ع) ۽ پاڪ دامن 1929ع. جنهن ۾ هاروت ۽ ماروت جو منظوم قصو، هرڻي وارو معجزو ۽ ٻيو شعر آهي، سنڌ جي هن سهڻي شاعر 1956ع ۾ وفات ڪئي، نبي سائين جي شان ۾ سندس شعر جون چيل چند سٽون. پيش ڪجن ٿيون.

سڻ سچا يا سيدا سائل پيو هي، سامَ تو.
تنهنجي آهيان در جو لنگهو لائق لڳس لُڙهه لام تو.
عامين ابوجهن ڪي اجها احمد هجي اڪرام تو.

"نواب غيبي خان ڪي دعا"

رک خدا تون خوش سدا گهوٽ غيبي خان ڪي،
آباد ڪر تون اي عليما محب مٺيادار ڪي.
بخت بالا ڪيو آباري شان غيبيءَ جو گهڻو.
شاد ڪر زنده باد ڪر چانڊين سندي سردار ڪي.
اي لڄ ڏٽي لڄ پال مولا جاگير ڪي سيراب ڪر،
خوش رک سندا رب العليٰ هن محبتي مهربان ڪي.
عرض سڻ منهنجو يا خدا تون خالق خاص آهين خلق جو.
اي ڏيهه جا ڏاتر تون مالڪ آهين ساري ملڪ جو.
غم دور ڪر ڏک ڏور ڪر خوش رک غيبي منٺار ڪي.

❊

مولانا عبدالله "عبد" چانڊيو

مولانا عبدالله چانڊيو "عبد" ولد غلام حيدر چانڊيو 19 فيبروري 1902ع تي ڳوٺ مُلان چانڊيي (جو ابپور چانڊيو) تعلقي ڳڙهي ياسين، ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. قرآن پاڪ جي ابتدائي تعليم پنهنجي والد محترم کان حاصل ڪئي هئائين.

1919ع ۾ علي خان اسڪول مان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو هئائين.

جئين تہ مولانا عبدالله چانڊيي جو گهراڻو هڪ ديندار گهراڻو هو، تنهن دنيا جي تعليم ڏي گهڻو توجهہ نہ ڏنو ۽ مولانا صاحب کي ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ علي خان جي مدرسي ۾ مولوي يار محمد سومري وٽ ويهاريو ويو، جتان هن فارسي جي ابتدائي تعليم حاصل ڪئي، ۽ عربيءَ جي تعليم مولوي عبدالڪريم ڪنڌر کان ڳوٺ اسحاق ديري، تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ مدئجي پرسان مولوي عبدالرحمان ڪوريءَ وٽ ڪجهہ وقت پڙهيو. ان کان پوءِ تعلقي رتيديري جي ڳوٺ جنگل ۾ مولانا حبيب نوناري وٽ هدايت النحو ۽ ڪافيا ڪتاب پڙهيو تنهن کانپوءِ شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ "حبيب ڪوٽ" ۾ مولانا عبدالواحد سينار وٽ ۽ ان کانپوءِ خوش محمد ميرو خانيءَ وٽ عربي ٻوليءَ ۾ شعر و شاعري ۽ علم الانشاءَ ۾ ڄاڻ حاصل ڪيائين ۽ مولانا عبدالڪريم ڪورائي وٽ ست سال پڙهيو ۽ ساڻس گڏ مدرسي ۾ علام غلام مصطفيٰ قاسمي هيٺين ڪلاسن ۾ پڙهندو هو، جنهنڪري ڪجهہ سبق قاسمي صاحب، مولانا عبدالله چانڊيي وٽ بہ پڙهيو هو.

نوٽ: ڪتاب "احمد ساڻ اپار" ۾ سندس ولادت جو سال 1905ع ڄاڻايو ويو آهي.

مولانا عبدالله "عبد"چانڊيو وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ 1932ع ڌاري ديو بند بہ ويو، جتي مولانا حسين احمد مدني، مولانا غلام رسول پشاوري ۽ مولانا اعزاز احمد وٽ ٽي مهينہ پڙهيو ۽ ان کانپوءِ واپس سنڌ اچي پنهنجي استاد مولانا عبدالڪريم ڪورائي وٽ 1935ع، (1354هہ) ۾ فارغ التحصيل ٿيو.

مولانا عبدالله "عبد" چانڊيو تمام وڏن عالمن ۾ شمار ٿيندو هو. کيس قرآن پاڪ، حديث، فقهہ ۽ علم منطق تي وڏو عبور حاصل هيو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "رسالہ حق الاظهار الظهورفي تفسير سورت النور"، "اصحاب ثلاثہ جي خلافت" ۽ "مقابلات" قابل ذڪر آهن. مولانا صاحب 11 اپريل 1984ع، 8 رجب 1404هہ تي وفات ڪئي. سندس آخري آرام گاهہ لاڙڪاڻي ۾ آهي.

مولانا عبدالله "عبد" چانڊيو جيئن تہ سنڌيءَ جو سٺو شاعر بہ هيو، سندس شاعريءَ جو ڪتاب "اَحمدَ ساڻُ اُپارَ" عبدالسلام چاچڙ ترتيب ڏئي 2018ع ۾ شايع ڪرايو آهي. سندس شاعري جو ڪجهہ نمونو پڙهندڙن آڏو پيش ڪجي ٿو.

توحيد سان روشن

توحيد سان روشن سارو جهان، ڪوئي ڪور نهان مجي نہ مجي.
هي فلڪ زمين هي ڪو نہ مڪان، بي دين بيان مجي نہ مجي.

هر حجر شجر چوي هڪ الله، هر بر ۽ بحر چوي هڪ الله.
ساري ملڪ جو مالڪ حق سبحان. ڪوئي هڪ رحمان مجي نہ مجي.

سج چنڊ ستارا وحدت جو هڪ حرف ڏسن ٿا محبت جو
سبحان سندي تسبيح لسان. ڪوئي هڪ سبحان مجي نہ مجي.

توحيد هجي ايمان هجي

توحيد هجي ايمان هجي، پو شوڪت شان هجي نہ هجي.
تهذيب عمل ارڪان هجي، پو تاج شاهان هجي نہ هجي.

رب واحد جو مذڪور ڪپي، قرآن سندو دستور ڪپي.
اسلام هجي قرآن هجي، پوءِ تخت تيان هجي نہ هجي.

رڳو علم عدالت حلم هجي، نہ ڪو ستم هجي نہ ڪو ظلم هجي.
اخلاق ڪرم احسان هجي، پو نام نشانُ هجي نہ هجي.

نہ ٿي رشيم جي پوشاڪ ڪپي، رڳو سيني ۾ دل پاڪ ڪپي.
هِت شرم حيا سان شان هجي، پوءِ زر هميان هجي نہ هجي.

هت صدق عدل جي ضرورت آ، هن ٻن جي بنانہ ڪو پورت آ.
ابوبڪرؓ عمرؓ عثمانؓ هجي، ٻيو ڪو سلطان هجي نہ هجي.

هت قرباني ايثار ڪپي، ٻيو علم سندو انبار ڪپي.
علي حيدرؓ مرد جوان هجي، ٻيو ڪوئي جوان هجي نہ هجي.

رہ "عبدالله" عبادت ۾، سڄي عمر گذار سعادت ۾.
ڪل وحدت جو سامان هجي، ٻيو دل تي ڌيان هجي نہ هجي.

**

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو

حاجي مراد چانڊيو

حاجي مراد خان ولد جاني خان چانڊيو سن 1908ع ڏاري ڳوٺ احمد خان چانڊيي (لڳ نندو شهر) ۾ ڄائو.

تعليم پرائمري چار درجا پرائمري اسڪول نندي شهر ۾ استاد عبدالله خان ميمڻ وٽ پڙهيو ۽ ان کان پوءِ "ايل. جي. وسي" ۾ مولوي عبدالرحمٰن وٽ ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ڪيو ويو جتان هن عربي ۽ فارسيءَ جي تحصيل ڪئي، ۽ اتان ئي ڪيس حقيقي رنگ لڳو، سچو عالم دين ۽ عاشق رسول هيو پاڻ اَٺَ حج ڪيائون ۽ روضۂ رسول ﷺ تي حاضري بہ ڀريائون. محبوب ﷺ جي سڪ ۾ سندس زبان تي هميشہ هي بيت هوندو هو.

مديني منهن ڪري هليا، مڙيئي مستان محمد ﷺ جا.
جيئري يا مئي ڏسندا وجي ميخان محمد ﷺ جا.

سال 1373هہ ۾ حج جي ارادي سان وڃي رهيو هو تہ سندس اوچتو طبيعت خراب ٿي پئي ۽ شعبان 1373هہ ۾ "مُڪلا بندر" جي شهر ۾ وفات ڪيائين، سندس آخري آرام گاهہ "مُڪلا" شهر جي هڪ مسجد جي صحن ۾ واقع آهي، سندس قبر تي هيٺيون ڪتبو لکيل آهي."هذا قبر حاجي مراد هندي".

سنڌيءَ جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي، گهڻي ڀاڱي ڪلام نبي سائين جي سڪ ۽ شان ۾ چيو اٿس، ان کان علاوه پنهنجي وطن کي بہ نہ وساريو اٿس.

سنڌ ڌرتيءَ سان عشق جو اظهار

قربان تنهنجي نام تان، منهنجي عجيب سنڌ،
پلجن ٿا تنهنجي گود ۾ بيوه، غريب سنڌ.

توکي سڏين سڀ ٿا نَوَ لک جي گودڙي،
ڪڇ جي ڏکارين لئہ تون ئي طبيب سنڌ.

سنڌو ندي جي ساوڪ رشڪِ ولائتن،
زرخير هنڌ آهي، حيلو حليب سنڌ.

سرتاج گم ٿيل ڪي آڻن وارا نہ آهيون،
ڪشتي ڪنڌيءَ پڄڻ تي آهي قريب سنڌ.

**

عبدالله ”همدم“

عبدالله خان ”همدم“ ولد محمد يونس چانڊيو 08 مئي 1914ع تي ميهڙ ۾ ڄائو. مئٽرڪ جو امتحان بمبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين، رجسٽريشن کاتي ۾ انسپيڪٽر آف رجسٽريشن جي عهدي تي فائز رهيو هو ۽ 1970ع ۾ رٽائر ڪيائين.

ادبي زندگي جو آغاز 1932ع ۾ طرحي مشاعري ۾ پنهنجو هڪ شعر ”تون پڇڻ ڀي ڪو نہ آئين بلبل بيمار وٽ“ پڙهيو هو. سندس شاعريءَ ۾ استاد صوفي شاهہ محمد، حاجي محمود خادم ۽ حافظ احسن چناجن هئا، سندس شاعري جو ڪتاب ”ارمغان همدم“ اڻڇپيل صورت ۾ سندس پوَين وٽ محفوظ پيو آهي، 07 سيپٽمبر 1988ع تي وفات ڪيائين، هتي سندس شعر جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

پنهنجو گهر لٽائي، ديوانہ ڏس وڃي ٿو.
بي گهر ۽ بي وطن ٿي بيگانہ ڏس وڃي ٿو.

ذوق جنون ۾ عاشق ڪيڏي ڪڏي اڏامي.
پنهنجي جي شمع وسائي پروانہ ڏس وڃي ٿو.

اونڌي ڏسي صحراحي ميخوار سڀ اٿي ويا،
خالي ڪٽي پو ساقي پيمانہ ڏس وڃي ٿو.

پهچي نہ ٿو جو پهچي هُو خواب ۾ ڏسي ٿو
مدهوش ڪان ئي پچندو ميخانہ ڏس وڃي ٿو.

دل جي سخا سان ”همدم“ سرشارڪر اجايل،
ڪيئن پوءِ دعا ڪندو هُو مستانہ ڏس وڃي ٿو.

**

پڇ نہ مونکا درد مندن دلفگارن جي خبر،
۽ ٻين جي سوز غم تن سوز وارن جي خبر.

رعب شاهي خود ڏئي ٿو تاجدارن جي خبر،
چوڙ ٻڌ ظاهر ڪري ٿي حڪمرانن جي خبر.

نار جي سير جيان شب روز ڳاڙن لڙڪ جي،
چا ٻڌايان تن اکين جي آبشارن جي خبر.

آهہ ڪو بيمار دل جو ڪو پري سسڪيون پيو،
وڃ وڃي ٻڌ اي مسيحا مرض وارن جي خبر.

جي گذارن نيم بسمل ۽ تڙپ ۾ زاهدا،
سمجهہ ڪان بالا آهي تن جان نثارن جي خبر.

ڪئين لَڏن ڊاهن ۽ ٺاهن سانگ تي سانگي پيا،
ٻڌ هلي ڪنهن سانگ سان تون سانگ وارن جي خبر.

موت سان کيڏن ٽپن هو عشق جي ڏاڪڻ مٿان،
ڪانگ آڻج خير سان تن شهسوارن جي خبر.

ٿا ڦرن تو در اڳيان اي مير مجلس ديد لئہ،
ديدور تون ديد سان لهہ چولدارن جي خبر.

سرد گرمي ۾ رهن ۽ گرم سردي ۾ سدا،
يا خدا چو آ نرالي بي سهارن جي خبر.

فرض ٿيو ۽ قرض دعوت سندو ”همدم“ مٿان،
جو لهڻ آيو آهي، هو قرب وارن جي خبر.

❊❊

منشي حاجي امام الدين چانڊيو (الهياراڻي)

امام الدين ولد علي شير خان چانڊيو 1918ع ڌاري ”غيبي ديري“ تعلقي قمبر، ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده ضلعي قمبر شهدادڪوٽ) ۾ ڄائو. سندس تعليم سنڌي فائينل هئي.

چوڏهن سالن جي عمر ۾ شاعري لکڻ لڳو. شاعريءَ ۾ ڪافيون بيت (ڏوهيڙا) چوندو هو. نواب علي نواز خان عرف نواب غيبي خان کيس گهرائي، ڪانئس شعر ٻڌندو هو ۽ ٿوري وقت کانپوءِ نواب کيس پنهنجو منشي ڪري رکيو. جنهنڪري ”منشي“ جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ ماڻهو کيس منشي حاجي امام الدين جي نالي سان سڏڻ لڳا. سندس شعر جو نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

خدا تُنهِن جي خزاني کي کٿائي ڪو نہ ڪو سگهندو،
ڏئين ٿو تون ڏيندو رهندين ائين ٻيو ڪونہ ڪو ڏيندو.
پکي جهنگ جانور جيتن ڏئين روزي سنپالي پيو،
ڏسين ڪنهن پي نہ ڏوهي ڏي ساري جڳ کي تون پالين پيو.
پالن پيءُ ماءُ پي ٿا پر تو جيئان ڪونہ پاليندو.
اٿي اڌ رات جو توکي پوڪاريان پيو منهنجا مالڪ،
توئين ڏاتار ڏيهن جو رزق ڏيندڙ تون ئي رازق.
سوا توريءَ سخي اهڙو دنيا ۾ ڪونہ ڪو ملندو،
سمنڊ ٿين مس قلم ڪانا زمين ساري ٿئي دفتر.
ثنا پوري نہ ٿي سگهندي ملڪ توٽي جنو بشر،
دنيا ساري فنا ٿيندي تنهنجو ئي نام پيو رهندو.
اول آخر ظاهر باطن اٿئي پارت پنهل توکي.
محابي پاڪ پنجتن جي بچائين هر مهل مون کي،
”حاجي چانڊيي ديرائي“ جو سڄڻ ساٿي اچي ٿيندو.

❊❊

عبدالله "اثر"

عبدالله "اثر" 14جولاءِ 1920ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ "ٻيڙو چانڊيو" ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو مولوي الهڏنو چانڊيو هو. قرآن شريف جي ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب کان حاصل ڪيائين ۽ وڌيڪ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم غلام رسول عباسي ۽ مولوي محمد اسمائيل قريشيءَ کان حاصل ڪيائين، ۽ سنڌي تعليم ۾ "ايم. اي" سنڌيءَ ڪيائين سنڌي فائنل پاس ڪرڻ کانپوءِ 1926ع ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ 1948ع ۾ علامه عمر بن داؤد پوٽي کيس ٽريننگ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ استاد ڪري رکيو.

عبدالله "اثر" بهترين استاد سان گڏوگڏ سٺو نثر نويس به هو. مختلف موضوعن تي ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيائين، جن مان "سيرت سعدي" ۽ "ساموندي سوداگر" ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، ان کان علاوه پاڻ تمام سٺو شاعر به هيو. شاعري ۾ ميان علي محمد قادري جي چوڻ تي "اثر" تخلص استعمال ڪيائين، ۽ عربيءَ جي مشهور قصيدن "قصيده برده"، "قصيده بانت سعادت" ۽ "قصيده غوثيه" جا منظوم (شعرن ۾) سنڌي ترجما به ڪيائين ۽ ان کان علاوه سنڌي شاعري ۾ مروج صنفن جهڙوڪ: مثنوي، مرثيا، مسدس غزلن قطع ۽ رباعين تي به طبع آزمائي ڪيائين، ۽ سنڌي زبان ۾ نعتيه شاعري جو پهريون "نعتيه ديوان" "ذڪر حبيب" جي نالي سان لکيائين جيڪو 1981ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي، سنڌ جي هن محبوب شخصيت 26 ڊسمبر 1976ع تي هن فاني دنيا کي الوداع چئي وڃي حقيقي دنيا وسائي.

سندس شاعريءَ جو ڪجهه نمونو پيش ڪجي ٿو.

رباعي

تنهنجي ته نوازش تي هو ناز اي دلبر،
مخفي نه ڪيئي مونکان ٿي راز اي دلبر،

اف! غير جي گهر کان ٿي گذر ويو تنهنجو،
ارمان جو اڄ آهين نه ساز اي دلبر.

نعت

تون آهين خدا جو پيارو محمّد ﷺ،
سڄي خلق ۾ شان وارو محمّد ﷺ.

1. سنڌءِ فرش کان عرش تي ٿي رسائي،
ٿئين تون خدا جو ٿي تنهنجي خدائي.
"فترضيٰ" جو توکي اشارو محمد ﷺ،

2. نه ٿيو آهي نه ٿيندو ڪڏهن تنهنجو همسر،
سيني ۾ تون اعليٰ سيني ۾ تون بهتر.
تو عالم ۾ آندو سڌارو محمّد ﷺ،

3. بچيو ڪوئي طوفان مان تنهنجي صدقي.
ڇٽو ڪوئي زندان مان تنهنجي صدقي،
مليو سڀ کي تنهنجو سهارو محمّد ﷺ.

4. "اثر" جهڙا قربان تو تان هزارين،
پيارن منجهان شال ان کي پُڪارين.
اٿئي ساري امت جو بارو محمّد ﷺ.

❊

قطعا

آستين ۾ هزار بت آهن،
ٿي اَجايو جُهڪي جبين نياز.
تيغ "لا" جو ڪپي ٿو طرزِ عمل،
ورنه ڇا سجده ڇا رڪوع و نماز.

❊

آري فقير چانڊيو

آري فقير ولد پنهون خان چانڊيو ويٺل ڳوٺ لڳ ”ور“ تعلقي گهوڙا ٻاري، ضلعي ٺٽي ۾ 1920ع ڌاري ڄائو. مال جو واپار ڪندو هو. بدين ۾ هڪ ٺڳ ڪاڏي ۾ ڪيس نشو ڏئي پيسا ڪٺي ويو. آري فقير صفا عليل ٿي پيو ۽ پاڻ ڪٺائي سمن سرڪار تي درگاهه تي وڃي رهيو ۽ ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٺيڪ ٺيو ۽ اتيِ ئي رهي پيو ۽ درگاهه جي سيدن جون مينهون چارڻ لڳو ۽ طبيعت ۾ ڪيس فقيري اچي وئي ۽ شاعري ڪرڻ لڳو. سنڌي ۽ سرائڪي جو سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس شاعريءَ مان ڪجهه نموني طور پيش ڪجي ٿو.

1. ذات سڏائي سمون، نالي جسوتڻ جوان،
رهيو ڪينجهر ڪنڌيءَ تي، مرد منجهه ميدان.
اولاد نہ هو ان کي، هئو پٽ لاءِ پريشان،
ستائيندو هو صاحب کي پٽ لاءِ پهلوان.
تان اچي اُميدواري ٿي آگي ڪيو احسان،
پوءِ گهٽين ٿورين ڏينهڙي، ڄائي نياڻي نيشان.
پر راءُ رنج ٿي چيو، ڪري دائيءَ تي دهمان،
تہ اڇلي اچينس اوڙاهہ ۾، جا ڪڌهن ليپي ڪانہ،
سا ٻانهي ڪٺي ٻائيءَ کي، نڪري هلي نادان.
ڦٽي ڪيائين ٿي ڪينجهر ۾، معصوم سامستان،
پر اوچتي گڏيس ”آري چوي“، ڪا عورت ان مڪان.
سا هڪدم ٿي حيران، پسي منهن معصوم جو.

2. پسي منهن معصوم جو پڇيائين حقيقت هيڪار،
تہ ڪيڏانهن ڪٺيو وڃين ٿي، تون نياڻيءَ کي نار.
چئي اڇليانس اوڙاهہ ۾، جو اسان وٽ ڏيئن کي ڌڪار،
تان چئي ڏي مورت مونکي، وڃي سانڍيان سان سينگار.
پوءِ تنهن پريءَ کي، ڪٺي هلي مائي اُهائي موچار.
آندائينس اُتي جتي هئس مرد مهندار،
ڪينجهر نام تنهن جو، سو هو ذات گندرو گلزار.
سو بہ ڏاڍو سرهو ٿيو، ڏسي نياڻي نامدار،
آندا ٿي عجب تنهن لاءِ، ويس وڳا وينجهار.
سا ٿي نازڪ نپائي مهاڻن وٽ منٺار،
پوءِ نازڪ نپائجي اچي، ٿي جوڀن سان جنسار.
تان ٿيو مرض مائيءَ کي، ڪا ڪوڙهہ سندي ڪار،
سورن تنهن جي سونهن نيئي، عقل وڃايس آزار.
تنهن پريءَ لاءِ پريشان ٿيا، لڳي سي آچار،
سگَ ڏنائون ٿي سڏيو ڪري، پنهنجن کي پڪار.
تن ڪوجهي ڪين قبولي، ڏسي بيحد بيمار،
تنهن ٻائيءَ تي ٻاڏايو ڪيو سوال کي ستار.
تہ ميٺ مرض منهنجا، هي جي عيب اپار،
سا هلي آئي ”شاهہ هوندڙي“ تي، پنڻ دعا پينار.
ڪيائين عرض اچي اتي، تہ ٻڌ منهنجي ٻاڪار،
ٻڌس عرض، ”آري“ چوي مرشد تنهن مهندار.
تنهن نوازي ڪئي نروار، ٿي آجي آزار کان.

3. آجي ڪري آزار کان باريءَ بچائي،
مليو حسن حور کي ٻي هيس وحدت وائي.
سا ايندي ويندي هئي. روز مرشد ڏي مائي،
هيس محبت مرشد جي، ٻي ڪار نہ ڪائي،
هڪ رات هليو آئي، ٿي ٻيڙيءَ منجهہ ٻائي،
ڪنيائين پردو پيشانيءَ تان، تہ ڪئي صورت سهائي.
سا ڏٺي ڄام تماچي، چٽي چٽائي،
سو حاڪم حيران ٿيو لاتائين لات اهائي.
پوءِ اُٿي تنهن، آري چوي، ڪئي سبنت سٽائي،
هاٿي ٿو ڪري لال لڙائي، بيگناهہ گندرن سان.

4. بيگناهہ گندرن تي، ٿيس جونش جهٽ پٽ،
پکيڙيائين پاڻي ۾ موتين سندا مٽ.
سي طرحين طرحين تجلا ڪن، جئين نروار ٿين نکٽ،
هو گندرا هليا گذر لاءِ ڪري ڪڙهين سان ڪوڪٽ.
تان مڇيءَ بدران موتي، ان ۾ آيا اڻ ڪٽ.
سي ويچارن واري وڏا، پاڻيءَ ۾ پئونسٽ،
چئي ميان تنهنجي موتين مان، اسين ڄاڻون چا ڄٽ.
اسان جو مرڪ مڇيءَ سين، پرهيون ڪيئن پٽ.
اسان کي وٽي اصل کان، چلر سندي چَٽ.

**

عرض محمد چانڊيو

عرض محمد ولد محمد خان چانڊيو ڳوٺ ڪمال خان چانڊيي، تعلقي قمبر جو رهاڪو هو. حامد حضوري جي درگاهہ جو عقيدتمند هو. کيس عربي، فارسي ۽ سنڌي جي سٺي ڄاڻ هئي، تمام سٺو سگهڙ شاعر ٿي گذريو آهي، ليلا مجنون جو قصو 1307هہ جي آخري رات جو منظوم قصو (بيتن ۾) لکي پورو ڪيائين. ۽ وڏي عمر ۾ وفات ڪيائين، سندس گهڻو ڪلام سگهڙ محمد نواز جوڻيجي تعلقي ميرو خان واري کي ياد هو. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

1. پوءِ ولين منجهون وبرِ کي، ڪڍي ڪيائين ظهور،
اچي پلٽيو اوچتو نازڪ مٿون نُور.
ٿي سنئون بنڌ سڪي ويو چاڪن منجهون چُور،
اتي ڪامل موت قبول ڪيو پسي پهريون پور.
حاصل ٿيس حضور ڪٽي سات سِڏاٽيو.

2. منڌ اڳئي محبوب ڪاڻ ڪو اٽڪيل هوس ارواح،
لٿس اُڄ اکين جي، پسي وحدت وارو واءُ.
پيرن ڏانهن پرينءَ جي، سورهہ ڏنو ساهہ،
وٺي رباني راهہ وڃي حاصل ٿيا حضور ۾.

3. سچا عاشق الله جا، ويا گوهر گذاري،
سچي سڪ اکين جي آندي پوري تن پاري.
مجني ڪل مشتاق ڪان لڏي وڪڙي واڏاري.
توڪل وارن جا توهه سان، ٿو قادر ڪم ڪاري،
اهڙو عشق اندر ۾، ڪو ڏُٺي سڄڻ ڏاري.
ڏسي توڪل ڪيئن تاري، لحظا لک لنگهائيا،

4. جانب جمعي رات ٿيو هيءُ قصو ڪل ڪمال.
چنچر رات چون رمضان جو چنڊ بيهي برحال،
تيرهن سان تمام ٿيا، آنون آهي سال.
صاحب ٻُڌو سوال فضل سان فقير جو.

5. قصو ڪيم ”ڪمال خان“ جي ڳوٺ پورو ڳائي.
جنهن نالو معلوم ملڪ ۾، چڙيو واليءَ وڏائي،
”عرض محمد“ اسم پنهنجو ٿو شاعر سڏائي.
ڪري لائق لڏائي، قادر ڪلمي سان هنئون.
لآ اِلَہَ اِلّا اللہُ مُحَمّدٌ رَسُوُل اللّہِ

منو چانڊيو

منو چانڊيو ڳوٺ شهمير راهو تعلقي سڪرنڊ جو ويٺل پنهنجي وقت جو سٺو شاعر ٿي گذريو آهي، سندس شاعريءَ جو نمونو سگهڙ شاعري وارو آهي، ۽ سڄي شاعري بيتن ۾ آهي سندس شاعريءَ مان ڪجھ بيت نموني خاطر پيش ڪجن ٿا. جيڪي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي لوڪ ادب جي ڪتاب ”مشهور سنڌي“ قصا (ٻاهريان قصا ۽ داستان) ۾ ڏنا آهن.

1. ساراهيان سچو ڌڻي، خالق پاڻ خدا،
وڏائي تنهن واحد کي، ٻئي کي ڪِيم ڄُڳاءِ.
پاڻ ڌڻي پيدا ڪيو هادي هاشم شاهه،
پُٽ تنهن کي هڪڙو ورنهه وير وياءُ.
سو پڙهڻ وهاريئين پنهنجو رکي سرت سماءُ،
پڙهي سو پختو ٿيو دل لائي داناءُ.
ٿيس معلوم ”منو چانڊيو“ چئي ڏٺائين صورت جو سياءُ،
ڪو جو وريس واءُ، ٿو ڳهلو ڳالهائي ڪينڪي.

2. ڳهلو ڳالهائي ڪينڪي، مُور نه ڪائي ماني،
هن جا مِٺ ”منو“ چئي، ٿيا هيڪر حيراني.
سونُ توتان صدقي ڪيون، ٻي دنيا ديواني،
هل ته پرٽايونءِ پدمٽي، جيڪا صورت سبحاني.
جا تو پسي پيشاني، سا ڪانهي منڌ مري ويئي.

3. انهيءَ منڍ مرڻ جو کو ٿا کوڙ کهو،
پري مونکي پاڻ کان ساعت نٿا سهو.
ويندس، رهندس ڪينڪي، متان مونکي جهليو،
سنگتي منهنجو سو، جيڪو ساٿي ٿيندو سور ۾.

4. سنگتي سپيئي، يار رکن ياري،
پوئتي پوڻ جي وجهندا ڪا مَ گهاري.
مڃ منٿ مائٽن جي، ڪر عاقل اعتباري،
ڪري ترت تياري، توکي ويهاريون سيج تي.

5. انهيءَ سيج ويهڻ کان، مونکي بنهين آهي بس،
بنگلا وڏي بناوت سان، منهنجو روح انهي رس.
گهوٽ لائي گس، ڪو ڏجو سونهون ساٿ جو.

6. ڪونهي سونهون ساٿ جو، هڪ راتيون ٻيا رُخَ،
ڪوسي واءُ وٽڪار جي، لَهرون ڏئي ٿي لُک.
سيفل وڃين ٿو سڃ ۾، ساڳيان سارينديڻ سُک،
تار وَهي ٿي تِک، اڳيان ٻُجهي سير سمونڊ جي.

7. ٻُجهي سير سمونڊ جي، جنهن ۾ ڊپ نڪو ڊاءُ،
درياءُ پيو دور ڪري، سو ويرا پانيان واه.
ساريو روز سڪي ٿو، اندر سو ارواح.
بنا بديعل جي، منهنجو سک نہ ويهندو ساه،
پيڙو ٿيندم پاءُ، ڪو ساڏ پهرئين سڏ سان.

8. سڻي سڏ سيفل جا، ساڏ ڪيو سعيو،
ڪريو تيل ڦليل تڙ تان، ٿي اُٿانهين آيو.
ڪامل ڪچهري وچ ۾، اڇي ٻاوَن ٻولايو:
يار پڇي ٿو يار کان، منهن منهن سان لايو،
ڏي حقيقت حال جي، تون ڪيئن سک ڦٿايو.
تو وير ويهاريو، نہ تہ ڪو ساٿ سڄو ئي سُور جو.

9. ساٿ ٻہ ٿي سورن جا، آيم خريدار ڪٽي،
هڪڙا هلايم هٿن تي، ٻي ڪيم گهور گهٽي.
پانءِ تي منهنجي پاڳ ۾، مُڪا پاڻ ڏٽي،
ماري پنهنجن من ڪي، آءٌ ڪندس پاڻ پٽِي.
هتان خان ڪٽي، هل ادا! ايرم شهر ڏي.

10. انهي ايرم شهر ڏي، توکي هلندس وير وٺي،
متان مرد ماندو ٿئين، تنهنجي پريندو پير پٽي.

❊❊

علي حسن فقير چانڊيو

علي حسن ولد ڳهٽو خان معارفاڻي چانڊيو ڳوٺ ڳاڙهي جاگير، تعلقي وارهه، ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده ضلع قمبر شهدادڪوٽ) ۾ 1922ع ڌاري ڄائو جئين ته مشهور شاعر ولهاري فقير سندس نانو هيو، سو علي حسن فقير به ناني وانگر شاعري ۾ نالو ڪڍيايو سندس ڪلام جو نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

جئين سليمان فقير ڪلام چيو آهي ته:

ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان ڏس ڪو ڏانو ڏس ڪو

ڏانوَ ساڳي طرز تي علي حسن فقير هن طرح چيو.

ڪيئن منايان توکي ڪيئن پهايان ڏس ڪا راهه سائين ڏس ڪا راهه،
يا ٿيان سڪدل برهمڻ سامي پنڊت پوڄاري ڪن هندو گو سائين.
ٻانيڻ ٻڌايان ڪن ٻائو سڏايان ڏس ڪا راهه سائين ڏس ڪا راهه.
ڪوڙ ڪمائڻ آ رسم روازي شرڪ شرارت شهدي بازي،
ماڻهو ويڙهيان ڪن قسم پيو چايان ڏس ڪا راهه سائين ڏس ڪا راهه،
يا ڪيان ڦر ڌاڙو چغلي چوري ظلم زبردستي ڪن رشوت خوري،
ظالم سڏايان ڳِن اجان پيو اچايان ڏس ڪاراهه سائين ڏس ڪا راهه،
ٻڌ ڌرم ويا جي آري زميندار پورهيت هاري واپاري،
ملاوٽ پيو ملايان اجا پيو ڇا وهايان ڏس ڪا راهه سائين ڏس ڪا راهه،
ملنگ موالي شعيو ڦند فقيري آڌوتي گاروڙي ذڳري پوش پزيري،
چڙيون وڄايان ڪن صوفي سڏايان ڏس ڪا راهه سائين ڏس ڪا راهه،
مولوي وڄهي ملان قاضي ديوبند دهريو ڇا ۾ آهين راضي.
قادياني ڪوٺايان ڪِن سني سڏايان ڏس ڪا راهه سائين ڏس ڪا راهه،
حنبلي شافي مالڪي حنفي الائي ڪيئن "علي حسن" تون مولا ڏيندي معافي.
ڪهڙو به آهيان تنهنجو ٻانهو ٻاڌايان ڏس ڪا واهه سائين ڏس ڪا راهه.

**

محمد خان مولائي

محمد خان مولائي ولد ميهر خان چانڊيو "وڳڻ وڏا" ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ پهرين جولاءِ 1923ع تي پيدا ٿيو. تعليم ۾ "سنڌي فائنل" جي ڊگري حاصل ڪئي هئائين ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سٺن شاعرن ۾ شمار ٿيندو هو. 1952ع کان شاعريءَ جو باقاعده آغاز ڪيو هئائين. شاعريءَ ۾ سندس استاد "احقر جمالي"هو.

سندس شاعريءَ ۾ هر قسم جو موضوع جهڙوڪ، توحيد، رسالت، عشق ۽ محبت جو رنگ رچيل آهي، سندس شاعري جو ننڍڙو ڪتابڙو (چوپڙي) "اندر جا اڌما" نالي سان منظور علي پيارو عباسي، ترتيب ڏيئي 1990ع ۾ شايع ڪرايو. جنهن ۾ گيت، غزل، ٽيڙوو ۽ چوسٽه ڏنل آهن.

چوسٽو

هاءِ هيءَ دل ۾ وڏي فڪرات آ،
جو اکين آڏو اچائي رات آ.
دل پريشان ٿي رهي چاڪاڻ جو
ٿي اجان تائين نڪا پريات آ.

غزل

موڪلائي ملڪ مان محبت وئي،
جو وڏي اڄ خلق ۾ ڪلفت وئي.

ڀاءُ آهي ڀاءُ جو دشمن ٿيو
جو ٽٽي ڀائن منجهان نسبت وئي.

روز ٿا ماڻهو ڪڄن چاڪاڻ جو
رهزنن جي زور ٿي زحمت وئي.

خون ڏاڍا عام ٿي چرچو ويو
جو برائي جي وڏي فطرت وئي.

ناھ اڄ انصاف ڪنهن ۾ ڪو چوان،
ملڪ ۾ آ جو وڏي رشوت وئي.

ڪين ٿي پوري پوي چاڪاڻ جو
ڪوڙ ڪيني جي ڪري برڪت وئي.

آھ ”مولائي“ وڏو افسوس جو
اڄ هلي ماڻهن منجهان الفت وئي.

**

نذير نورياڻي

اصل نالو: نذير حسين
والد جو نالو: محمد صالح چانڊيو
جنم تاريخ: 15 فيبروري 1926ع
تعليم: سنڌي فائينل
ڪرت: رٽائر پرائمري استاد.
شاعريءَ جي شروعات: 1946ع
وفات: 16 مئي 2005ع.

غزل

ٻيو تہ سڀ ڪجھ ويا ڪٽي، درياھ سان پيي ڏانڏلي،
ظلم ڏس جڳ جا ڏٽي، درياھ سان پيي ڏانڏلي.

وات ڪوهن جا ڪليل، درياھ جو منهن بند ڇو؟
نعل ندي ڪي هٽي، درياھ سان پيي ڏانڏلي.

ٿي درياھ پنهنجا ڪپائي؛ اڪ اسان جي ۾ نہ وجھ،
ايتري ٿي بڪ گھٽي، درياھ سان پيي ڏانڏلي.

ٻوھ جي ٻيمن ڪان آجا ساري دنيا جا درياھ،
جُٽِ بس هن ڪان ٻٽي، درياھ سان پيي ڏانڏلي.

ڪاٿ، ماڪي مال ماڙهو موڪلائيندي مڇي،
ڪر نہ خلقت نڪمٽي، درياھ سان پيي ڏانڏلي.

سنڌ جي تاريخ پيي طعنا هٽي تعدي ڪندئي،
ڪاھ ٿي جا ڪا هٽي، درياھ سان پيي ڏانڏلي.

داوري درٻار ۾ درياھ دانهيندئي ضرور،
ات پٽيندئي پنبٽي، درياھ سان پيي ڏانڏلي.

ٻيم تي تون ٻيڊ ٻاڙون هڻ نہ ”نورياڻي نذير“،
سنڌ ٿي پرچائٽي، درياھ سان پيي ڏانڏلي.

مولوي نور الدين نور

مولوي نُور الدين ”نور“ ولد خاوند ڏنو چانڊيو پهرين مارچ 1927ع تي ڳوٺ ”ڏاتوءَ جي وانڊ“ تعلقي قمبر، ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ڄائو.) عربي فارسي ۽ اردو جي تعليم ان وقت جي مشهور عالمن کان پرائي، جن ۾ مولانا عبدالڪريم ڪورائي، مولانا شير محمد ڪوسو، مولانا مير محمد نورنگي، مولانا اميد علي جيڪب آبادي، مولانا الاهي بخش پنجابي، علامه واحد بخش (ڪوٽ منڻ) ۽ مولانا احمد علي لاهوري جا نالا قابلِ ذڪر آهن. شاعريءَ جي شروعات فارسي، شعر سان ڪيائين، مولانا مير محمد نورنگي جي هدايت موجب شاعري ءَ ۾ ”نُور“ تخلص اختيار ڪيو. 1948ع ۾ عبدالله ”اثر“ کان متاثر ٿي ڪري سنڌيءَ ۾ شاعري شروع ڪيائين سندس شاعريءَ جو مجموعو ”موج نور“ نالي سان شايع ٿيل آهي ۽ اڻڇپيل ڪتابن ۾ ”ڪلام نُور“، ڪليات نور، ”ديوان نُور“، ”شعله نُور“ ۽ ”سوانح عمري نُور“ شامل آهن، سندس شاعريءَ مان ڪجھ چوسٽا پيش ڪجن ٿا.

وطن زندگي آهه، وطن آهه حيات،
دلِ ناتوان جي وطن ڪائنات،
وطن رهڻ روز، آ روز عيد.
وطن ۾ رهڻ رات، آهه عيد رات.

**

سراپا نُور تنهنجي ذات آهي،
اڇڻ تنهنجي سان ٿي پريات آهي.
ڏسڻ وارا ڏسن ٿا سوجھرو آ.
ڪٿي پيي ڪين باقي رات آهي.

**

وري دل ڪنهن ڏي مائل ٿي رهي آهه.
وري ڪنهن در تي سائل ٿي رهي آهه.
نگاهن سان نگاهن کي ملائي،
ڏسو نادان گهائل ٿي رهي آهه.

صوفي لعل محمد چانڊيو

صوفي لعل محمد چانڊيو ولد شفيع محمد چانڊيو 1933/1932ع ڌاري ڳوٺ ٻچل چانڊيي لڳ ”دوآبو“ حيدر آباد ۾ ڄائو. سندس تعلق چانڊين جي معارفاڻي پاڙي سان هو. سندس وڏا ساڪري شهر جا ويٺل هئا. جيڪي ميرن جي صاحبيءَ ۾ لڏي اچي حيدرآباد ۾ رهيا هئا.

صوفي لعل محمد چانڊيو ڪنهن به اسڪول ۽ مڪتب ۾ ڪو نه پڙهيو پر پڙهڻ سان پوءِ سندس پيار ٿيو. پنهنجي منهن پيو پاڻ لکندو پڙهندو هو ۽ پنهنجي لکيل شيءِ پاڻ پڙهي، ۽ سمجهي ويندو هو ۽ علم جي اهميت کي سمجهندو هو. اهوئي سبب هو جو ننڍڙن ٻارن کي خرچون ڏيندو هو... ۽ پڙهڻ لاءِ اتساهيندو هو. سنڌ جي هن صوفي منش انسان 24 مئي 2012ع تي وفات ڪئي، جڏهن ته صوفي لعل محمد چانڊيو شاعر به هيو. سندس شاعريءَ مان ڪجھ شعر پڙهندڙن آڏو پيش ڪجن ٿا.

سچ اجا ته لٿو ناهي، پوک پنهنجي پوکائي، وٺ تون،
وٺ نه ويچائج، مهل اها اٿئي، ٻج ٻنيءَ ۾ ڇٽائي، وٺ تون.

سچ لٿي پوءِ سانجهي ٿيندءِ، رات انڌاري آڏي ٿيندءِ،
اوڳا ”اسُور“ آرس ايندءِ، لهڻ کان اڳ لهائي وٺ تون.

اجان به ورڻ جي ويل اٿيئي، ويهي تو چو ويسر ڳيڙي،
سمهڻ جو هيءُ ماڳ نه آهي، جوت پنهنجي کي جڳائي وٺ تون.

سنوت ڪرينس ڪيڻ ڪمائي، لاهه ڪيينس پاڙان ٿاهي،
واٽر آڏون واهڙ واهي، جلدي ريج رجائي وٺ تون.

ٻني تنهنجي سلين سائي، نسري ساڻ سنگن سان آئي،
متان ويڃيئي ڪيرو ڪائي، پنهنجي پوک بچائي وٺ تون.

پوک تنهنجيءَ تي پرندا آيا، ”لعل“ اچي تن لعل ستايا،
توکان اڳ ڪنهن ڪونه اُڏايا، ڏيئي آڏ اُڏائي وٺ تون.

غلام مرتضيٰ "مرتضائي چانڊيو"

غلام مرتضيٰ ولد قاضي سعد الله چانڊيو 1933ع ڌاري تعلقي ميرو خان جي ڳوٺ "ڦولهڙو"، ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده ضلعي قمبر شهدادڪوٽ) ۾ ڄائو هو. تعليم چار درجا سنڌي ۽ ٻه درجا انگريزي ڳوٺ ڦولهڙي ۽ ڳوٺ رپ و توخان چانڊيي ۾ استاد محمد چٽل مير بحر وٽ پڙهيو. 1941ع ۾ حاجي محمود خادم جي ڪتاب "رياض البلاغت" جي پڙهڻ سان ڪيس شاعريءَ جو شوق ڄاڳيو. شاعريءَ جي سکيا نواز علي جعفري سابق مختيار ڪار ۽ "نظام" گوپانگ ڪان حاصل ڪيائين، پنهنجي وقت جي سٺن شاعرن ۾ شمار ٿيندو هو. ڪڇهريءَ جو ڪوڏيو ۽ محبتي ماڻهو هيو.

هن پياري ۽ محبوب ماڻهو 05 فيبروري 2021ع تي هن فاني دنيا کي ڇڏي وڃي، حقيقي دنيا وسائي، سندس آخري آرامگاهه ڪير ٿر جبل جي ماٿر تي "ڏُڙٻ" واري قبرستان ۾ واقع آهي.

سندس ڪلام ڪافي ڪتابن ۾ شايع ٿيو آهي، ۽ ان ڪان علاوه سندس شاعري سونو فقير چانڊيو، غلام حسين عمراڻي ۽ ٻيا فنڪار وقتاً فوقتاً ڳائيندا رهن ٿا. سندس ڪلام جو نمونو پڙهندڙن آڏو پيش ڪجي ٿو.

سگهو آءُ سهڻا هلي ڪيرٿر تي،
جانب جواني ماڻين ايندو ڪر چڪر تي.

1

مٺا ملڪ ۾ ٿي ڏاڍيون بهاريون،
پرين ڊِج نہ پنڌ ڪان، اٿئي، سَوَ سُواريون.

وهن ويگنون پيون، لڪين يار لاريون،
سڌو روڊ سهڻا ٿي اسان جي شهر تي.

2

ٿيا جام پاڻي، ڪيون سارين هي سرسيون،
سرنهن ڪڪڙ پيارا لٿا گاهہ برسيون.

ڪري وچ ڪڇهريون، ٻہ ٿي ڏينهن ترسيون،
آهي موج منڙا سدا جهنگ جهر تي.

3

وٺا مينهن منڙا ڪيا ڪرم قادر،
پٽن آهي پهري سڄڻ سائي چادر.

پڪيون جام پوڪان، نمونا ٿيا نادر،
سکيا سپ سدائين رهن ٿا سڪر تي.

4

مٺا ڪا منجهڻ جي ناهي ڳالهہ ڪائي،
پرين منهنجو پڇندين تہ ڏيندئي ڏس خدائي.

اٿئي نانءُ مشهور منهنجو "مرتضائي"،
اچي بس ٿي بيهي دلدار در تي.

**

خاتم جانوري

سندس اصل نالو عبدالنبي ولد ارباب خان "ارباب جانوري" آهي، سندس جنم 02 آگسٽ 1933ع تي روهڙي، ضلعي سکر ۾ ٿيو سندس والد صاحب پنهنجي دور جو سٺو اديب ۽ شاعر هيو.

گهرو ماحول جي ڪري سندس شاعريءَ ڏانهن لاڙو ته ننڍپڻ کان ئي هيو پر 1952ع ۾ باقاعده شاعري جي شروعات ڪئي، شاعري جي سکيا پير علي محمد "اظهر ريلائي"، حافظ احسن چنه ۽ جامي معصومي کان حاصل ڪيائين. سندس شاعريءَ جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

واديءِ جنت

هي سنڌ سڄي چنڊ ۽ تارن جي زمين آ،
هي واديءِ جنت آ بهارن جي زمين آ.

**

هيءَ سنڌ جي ڌرتي آ، سڄي سونَ جو جوهَرُ،
هر ڳلي سندس آهِ ستارن سان منور.

قدرت حسين ترهي نظارن جي زمين آ،
هي واديءِ جنت آ، بهارن جي زمين آ.

**

هن ديس جي مٽي ۾ شهيدن جو لَهُو آ،
هن سنڌ ڌرتيءَ ۾ پيل مشڪ جي بُو آ.

هي پاڳ پرين ۽ پلارن جي زمين آ،
هيءَ واديءِ جنت آ، بهارن جي زمين آ.

**

"خاتم" مان ڪندس روشن هن باغ چمن کي،
ناهيندس اسلام جو مرڪز وطن کي.

غيرن جي نه، هي سنڌي هزارن جي زمين آ،
هي واديءِ جنت آ، بهارن جي زمين آ.

علي دوست "صابر" چانڊيو

علي دوست "صابر" ولد علي شير قمبراڻي چانڊيو پهرين سيپٽمبر 1934ع تي ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده ضلعي قمبر شهدادڪوٽ) جي ڳوٺ رَپ وَٽُو خان چانڊيي، تعلقي ميروخان ۾ جائو تعليم سنڌي فائينل تائين حاصل ڪئي هئائين، پاڻ رٽائرڊ پرائمري استاد هيو، تَرَ جي معزز شخصيتن ۾ شمار ٿيندو هو. پاڻ سٺو شاعر به هيو شاعريءَ ۾ سندس استاد مرحوم نظام الدين "نظام گوپانگ هيو

علي دوست صابر جولاءِ 2005ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس آخري آرام گاهه ڳوٺ ڦولهڙي جي قبرستان تعلقي ميروخان ۾ آهي.

هتي سندس شاعريءَ جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

غزل

گهران بي پردهہ ٿي بي پير نڪتو
ٽيو لرزان ٿي جو ممير نڪتو.

پئي ڦتجي سچڻ دلڙي تڏهن ڪان،
نگاهہ ناز مان جو تير نڪتو.

ٽڪيون جنهن ڏي ڏسي اکڙيون،
اهو پيي ڪو ٻيو رهگير نڪتو.

حوالي جنهن جي قسمت ڪئي مون پنهنجي،
اهو ئي تہ قاتل تقدير نڪتو.

پيارو ٿي جڏهن مجلس ۾ مرڪيو،
دهن مان ٿي صفا جڻ کير نڪتو.

ڪيم ديدار جو جو عرض هن کي،
ڪٽي سامهون ننگي شمشير نڪتو.

شڪايت ڇا ڪيون ڪنهن جي اي يارو،
اهوئي خواب جو تعبير نڪتو.

مرادون ڇا ڪو ماڻيندو اتان ئي،
جتان "صابر" پيي ٿي دلگير نڪتو.

**

سرڪش سنڌي

سرڪش سنڌيءَ جو اصل نالو عبدالمجيد ولد مولوي عبدالله "عبد" چانڊيو هو. پهرين آڪٽوبر 1940ع تي پليپوٽن جي ڳوٺ پرسان، سِيتا روڊ جي اوڀر طرف پنجن ڇهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ضلعي دادو ۾ ڄائو هو. سندس تعليم "بي اي"، "بي ايڊ" هئي، ۽ تعليم کاتي ۾ استاد طور ڀرتي ٿيو هو سندس پيشو درس وتدريس ئي رهيو ۽ 1987ع ۾ رٽائر ڪيائين. ابي زندگيءَ جو آغاز 1954ع ۾ شاعريءَ سان ڪيائين، سرڪش سنڌي، سنڌ جو مزاحمتي شاعر هيو هر ظالم کان نفرت ڪندڙ ۽ هر مظلوم ۽ پورهيت سان پيار ڪندڙ هو. ڪنهن بہ ظالم جابر اڳيان نہ جهڪيو ۽ سدائين حق جا هوڪا ڏيندو رهيو. سندس شايع ٿيندڙ ڪتابن جو تفصيل هيٺينءَ ريت آهي.

1. "امن آب حيات" (شاعري 1987ع)
2. "پيار ۽ آزادي" (شاعري 1990ع)
3. "سنڌو ڳائي ٿي" (شاعري 2000ع)
4. "سمنڊ ڇوليون ٿمڪ" (شاعري 2003ع)
5. "زندگيءَ جي گونج" (شاعري 2010ع)
6. "ڇاٽا پڇو تہ ڇاهيو" (ڪالم تاثر ۽ شاعري 2013ع مرتب ناياب سرڪش).
7. "سمنڊ ۾ سپ (شاعري 2015ع)
8. جُوٽيون جيءَ جهان جون (آتم ڪهاڻي بہ جلد پهريون جلد 2007ع ۽ ٻيو جلد 2009ع.
9. "سچ ٿا مرد چون" (نثر 2009ع)

سنڌ جي هن مزاحمتي ۽ سرڪش شاعر 05 مارچ 2012ع تي وفات ڪئي ۽ سندس آخري آرام گاهہ لاڙڪاڻي شيخ زيد اسپتال پرسان قبرستان ۾ آهي.

جيئن تہ سرڪش سنڌي سنڌ جي تمام وڏن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس شاعري جو ڪجهہ نمونو پيش ڪجي ٿو.

وائي

ڏيهہ ڏکاري ڏائڻ جو جي ڪرندي ڪنڌ پڄي،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.
صدين ڪان هي ستايل سانگي سک جو ساهہ پٽي،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.
ماروءَ ماروءَ جي منهڙي تي موٽي مرڪ اچي،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.
اوڍي اجرڪ ٽوپ جي هرڪو لوڏي ٻانهن هلي،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.
ڪٽ تي ويهي هر ٽر ڄائي، سرمو سينڌ ڪري،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.
سنڌوءَ پر تي آزاديءَ جو مارئي گيت چوي،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.
ٿي پئي ٻانهن سراندي جيڪر اهڙو واءُ وري،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.
اڄ جو شاعر سرڪش اڄ جي ماڻهن لاءِ لکي،
تہ منهنجو هانءُ ٺري.

❊

غزل

وقت وهي ٿو پاٽيءَ وانگي،
مند ڦري مانڊاٽيءَ وانگي.

پيار ڪپي ٿو ڪاٺئون آٽيان،
من من آهي، مياٽيءَ وانگي.

نفرت سپ ڪنهن ٻگل آ لاتي،
پاڙي جي حاجياٽيءَ وانگي.

ريت پريت ٽٽي پئي آهي،
گهر جي ڪام پراٽيءَ وانگي.

ٻاهر اجرا اندر ڪارا،
ماڻهو سرمي داٽيءَ وانگي.

ڏس تہ ٻاڙها انبن جهڙا،
چڪ تہ ڪارا لاٽيءَ وانگي.

مان تہ هميشہ تڙپيو آهيان،
ڪڙميءَ جي ڪانپاٽِيءَ وانگي.

گهڙيءَ گهڙيءَ ٿو پور پچايان،
دل ۾ ويٺل نياٽيءَ وانگي.

نيٺ ڪڏهن تون آٿت ايندين،
سسئيءَ ڏي، آرياٽيءَ وانگي.

وڻندو آهين سنڌي ادبي،
سنگت جي گڏجاٽيءَ وانگي.

آزاديءَ لاءِ پيئڻ گهرجي،
وهہ پيي چانهہ ۾ پاٽيءَ وانگي.

منهنجي ڳالهہ نہ سمجهو ساٿي،
صدين جي آڪاٽيءَ وانگي.

ٿي پئي آ، ساٽيهہ جي خاطر،
”سرڪش“ جي دل چاٽيءَ وانگي.

❊

سرمد چانڊيو

سرمد جو اصل نالو سونو خان ۽ سندس والد جو نالو جمع خان چانڊيو هيو. سندس تعلق چانڊين جي ”قاسماڻي“ پاڙي سان هيو.

سرمد چانڊيو 20 جولاءِ 1947ع تي ڳوٺ جمال خان چانڊيي تعلقي قمبر ۾ پيدا ٿيو. تعليم صرف پرائمري پاس ڪئي هيائين ۽ وڌيڪ پڙهي نہ سگهيو.

ادبي دنيا ۾ سرمد کي شاعر، محقق ۽ لطيف شناس طور سڃاتو ويندو آهي، ڪمال جو شاعر هيو. سندس شاعري ۾ هر قسم جو موضوع سمايل آهي، سندس شايع ٿيل ڪتابن جو تفصيل هيٺينءَ ريت آهي.

1. ”ڪارا ڪڻڇي ريٽا گيت“ (شاعري 1995ع)
2. ”مون کي سڏ اروڙجا“ (شاعري 1999ع)
3. ”سانوڻ پهرين بوند“ (شاعري 2006ع)
4. ”جمهوريت جو چنڊ“ (شاعري ذوالفقار ڀٽي کي منظوم خراج 2007ع)
5. جمهوريت جي شهزادي (شاعري بينظير ڀُٽي کي منظوم خراج عقيدت 2008ع)
6. ”جمهوريت ڪي نويد“ (اردو 2009ع)
7. ”ڪلام عثمان فقير سانگي“ (ترتيب 2013ع)
8. شاهہ عبدالطيف ڀٽائي چند وديا: (2016ع)
9. ”اوهان جي سونهن ساڪي آ“ (ديوان سرمد، 2018ع)
10. ”سنڌي ڪلاسيڪل راڳ“ (2019ع)
11. ”چند وِديا جي سکيا ۽ اصول“ (2020)
12. ”لوڪ گيت جڳن جي جيت“ لوڪ گيت (2024)
13. ”شاهہ لطيف جي شاعري ۽ موسيقي“ (لطيفيات 2022ع)

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو

14. ”ڪربلا کان ڪربلا تائين“ (شاعري 2022ع)
15. ”شاهہ لطيف“ (ناول 2022ع)

سنڌ جي هن سپورنج شاعر 18 جولاءِ 2022ع 18 ذوالحج 1443هہ تي وفات ڪئي، سندس آخري آرام گاهہ کير ٿر جبل جي چانڊڪا ڪاڇي ۾ آهي، سندس شاعريءَ جو ڪجهہ نمونو پيش ڪجي ٿو.

مرڪندي مرندا رهيا آهيون اسان،
سنڌ ڌرتيءَ جا ڄڻيا آهيون اسان.

سونهن کي جاتي صحيفو ٿا مڃن،
ان ئي مڪتب ۾ پڙهيا آهيون اسان.

موملن جي ديس ۾ اي دوستو!
راڄ راڻا ٿي رهيا آهيون اسان.

زلف جا واسينگ ويڙهي ٻانهن کي،
پو وڃي جوڳي سڏيا آهيون اسان.

ٻير ڳاڙهي جان وهي ماڻي اٿئون،
چاپڙن جي ور چڙهيا آهيون اسان.

مينهن ۾ چيڪي مٽي وانگي ڀِڄي،
واس ڌرتي جو بڻيا آهيون اسان.

دؤر ”سرمد“ ڪيترا آيا ڏکيا!
گهوٽ ٿي گهاٽي گهڙيا آهيون اسان.

❇

رستم چانڊيو

مرحوم رستم علي ولد حامد علي چانڊيو سال 1948ع ڏاري تعلقي شهدادڪوٽ جي ڳوٺ شهبازي خان چانڊيي ۾ ڄائو. تعليم پنج درجا سنڌي پنهنجي ئي تر جي اسڪول ۾ حاصل ڪيائين.

شاعريءَ جي شروعات 1988ع کان ڪيائين. سندس شاعريءَ ۾ عام فهم ٻولي (ڀراڙيءَ واري ٻولي) استعمال ٿيل آهي، سندس شاعريءَ مان هتي صرف ٻه بيت پيش ڪجن ٿا.

بيت

1. ڏهه هزار توتي ڏنڊ، اٿي پرين منهنجا پيالا،
آيس تنهنجي انجام تي، هيا تاڪ ڏنل تالا.
اهڙا انجام اسان سان، تو چوڪيا چالا.
ڏئي چالاڪيءَ سان چالا، تون ته رولي وئين پنهنجي ”رستم“ کي.

2. پر جي پيارا نه پريندين پيار ۾ ته ڏهوٽا پوندئي ڏنڊ،
چانڊيا، پٽي، پرڳڙي کٽي ميڙ آٽين مرڪنڊ.
ماڇي، مڱريا مڱڻهار، پوءِ پلي اچن پنڊ.
ته پي ”رستم“ پنهنجي رَنڊَ، ڪين ڇڏيندئي قيامت تائين.

**

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو

دوست محمد چانڊيو

دوست محمد ولد علي حسن چانڊيو 1948ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ گاهي خان چانڊيي ۾ پيدا ٿيو. تعليم ۾ انجنئرنگ جي ڊگري حاصل ڪيائين.

ادبي زندگيءَ جو آغاز شاعريءَ سان ڪيائين. شروعات ۾ احقر جماليءَ کان شعر جي سکيا ورتائين ۽ بعد ۾ نظام الدين نظام گوپانگ ۽ مولي نور الدين ”نور“ کان شاعريءَ جي ڄاڻ حاصل ڪيائين. سندس شاعري مان غزل جون چند سٽون پيش ڪجن ٿيون.

ياد تنهنجي ٿي ستائي ڇا ڪريان،
چشم ٿي ڳوڙها وهائي ڇا ڪريان.

تون جڏهن کان آن رٺو، سيڪو رٺو،
ٿو فلڪ پيو آزمائي ڇا ڪريان.

دل سندو واپس اچڻ جڻ موت آ،
دل ڏنل واپس ورائي ڇا ڪريان.

”دوست“ کي لالچ نه آ پر آرزو،
سا نه جي مولا پڄائي ڇا ڪريان.

**

ناظم چانڊيو

نظام الدين ”ناظم ولد عبدالله ”اثر“ چانڊيو پهرين آگسٽ 1948ع تي ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ ”ٻيڙو چانڊيہ“ ۾ ڄائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ”ٻيڙي چانڊيي“ ۾ حاصل ڪيائين ۽ ٻيڙي چانڊيي هاءِ اسڪول ۾ ”ايڇ. ايس. ٽي“ بہ رهي چڪو هو. پاڻ بهترين استادن ۾ شمار ٿيندو هو ناظم چانڊيي 08_08_1996ع تي وفات ڪئي.

ناظم چانڊيو بهترين استاد سان گڏوگڏ تمام سٺو شاعر بہ هو. سنڌيءَ کان سواءِ اردو، سرائڪي ۽ فارسيءَ ۾ بہ شعر لکيائين.

پاڻ نعت گو ۽ غزل گو شاعريءَ جي ڪري گهڻو مشهور هئو. سندس ڪلام مان نموني خاطر هڪ غزل پيش ڪجي ٿو.

غزل

هن زندگيءَ جو هيڏو سفر يوڳ تہ ناهي،
هر لمحہ عجب، شام وسحر يوڳ تہ ناهي.

غم، وهم الم سور سيئي سهڻا پون ٿا،
هت شينهن جو گهرجي ٿو جگر يوڳ تہ ناهي.

حالات حوادث ۾ هجي مرڪ لبن تي،
خطره ۾ ڪلي ڪرڻ گذر يوڳ تہ ناهي.

ڪٿ سهل آ جنت ۾ رهڻ وارو سيلقو
تقويٰ، اڙي آدم جا پسر يوڳ تہ ناهي.

هت موت کان اول بخوشي مرڻو پوي ٿو
ڪوئي جو بڻي اهل، نظر يوڳ تہ ناهي.

مشڪل کان بہ مشڪل آ رهہ مشق حقيقي،
ٿئي زندگي الفت ۾ بَسر يوڳ تہ ناهي.

”ناظم“ تي وجڻ ابن، اثر سولو آ ليڪن،
پيدا ٿئي آهُنِ ۾ اثر يوڳ تہ ناهي.

احمد علي ”صابر“ چانڊيو

احمد علي ولد نواب خان چانڊيو 14 جولاءِ 1952ع تي ميرو خان تعلقي جي ڳوٺ ”چاچڙي“ ضلعي لاڙڪاڻي، (موجوده ضلعي قمبر شهدادڪوٽ) ۾ پيدا ٿيو ابتدائي تعليم ڳوٺ رئيس اعتبار خان چانڊيي ۾ حاصل ڪيائين، مئٽرڪ هاءِ اسڪول قبي سعيد خان مان. ”بي.اي“ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان، ”ايم.اي“ (سنڌي) ۽ ”ايم. اي“ (پوليٽيڪل سائنس) خانگي طور لاڙڪاڻي مان حاصل ڪيائين ۽ ان کان علاوه ”ايل. ايل. بي“ جي ڊگري حيدرآباد مان حاصل ڪيائين.

احمد علي صابر، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ کان متاثر ٿي ڪري 1968ع ۾ هڪ ٻاراڻي آکاڻي ”لالچ جو لقاءُ“ لکڻ سان ادبي زندگيءَ جو آغاز ڪيو ۽ 1976ع ۾ ”قاضي عبدالحئي قائل“ جي صحبت جي ڪري، شاعريءَ جو آغاز ڪيائين ۽ پاڻ کي ”صابر“ سڏائڻ لڳو. شاعريءَ جي تقريباً مروج صنفن جهڙوڪ: غزل وائي، بيت، چوسٽہ نظم، آزاد نظم ۽ ٽيڙو تي طبع آزمائي ڪري چڪو آهي، تمام خوبصورت خيالن جو مالڪ آهي، سندس شاعريءَ جو پهريون ڪتاب ”گهايل منهنجا گيت“ 1994ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي ۽ سندس شاعريءَ جو ٻيو ڪتاب ”ڪاڪ ڪڪوريءَ آءِ“ 2008ع ۾ شايع ٿيو آهي، جيئن تہ احمد علي صابر سٺو نثر نويس بہ آهي، سندس نثر جا بہ چار ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن جو تفصيل هن ريت آهي.

1. ڪويجن ڪني آهيان، (تاريخي ناول حسين بن منصور حلاج بابت 2008ع)
2. ”سورن سلا نسريا“ (مضمون ۽ مقالا 2018ع)
3. ”عشق اُلانبو وحت وائي“ (تصوف بابت 2019ع)
4. پياسي سپ سمونڊ ۾ (ڪهاڻيون)

ان کان علاوه احمد علي صابر ڪيترائي ڊرامه به لکيا آهن، جن مان ڪافي اسٽيج به ٿي چڪا آهن، ان لاءِ صابر صاحب کي "ادب جو هر فن مولا" چئجي ته ڪو وڌاءُ ڪو نه ٿيندو.

خوبصورت خيالن جي مالڪ "احمد علي صابر" جي شاعري جو وري مزوئي پنهنجو آهي، سندس شاعري مان هڪ غزل پيش ڪجي ٿو.

سنڌوءَ پيٽ ۾ پيرا آهن، سوچ ۾ لوچ تي گهيرا آهن،
دنيا جا سڀ اجرا ماڻهو مارو پنهنجا ميرا آهن.

سک ڇڏي ويا ساٿ اسان جو ڏک جا هر هر پيرا آهن،
ڀونڊ متي جيئن ڳجهون ڊرڪيون، اهڙا ڦورن ڦيرا آهن.

روئندڙ سنڌو ماءُ اسان جي، دشمن ڪل ۾ خيرا آهن،
گهاگهر واري ترڻن ڏسجي، خالي دودن ديرا آهن.

گهائڻ هنڌڙي گهوٽڻ آيا، هر جا لک لٽيرا آهن،
تون تون مان مان پيار جي ٻولي. اتي ميرا تيرا آهن.

پارس جهڙا پيار اسان جا، ڏاريا قرب ڪسيرا آهن،
ڌرتيءَ جهڙي ماءُ ٽا وڪڻن، لوڀي وڏ وڏيرا آهن.

لٽ پٽ منهنجو لاش ٿو مرڪي، ڪيڏا پاڳ پليرا آهن،
ٻالڪ هٿ ۾ ڳاڙها جهنڊا، واهه واهه وقت جا ويرا آهن.

ڪويا اٿيا سر سهائي، اکيون جيرا جيرا آهن،
جنگجو جانب دودا دولهه، ريٽا چهرا ٻيرا آهن.

ڪوڙيءَ کان آهيچ هي دنيا، مارو محب مٺيرا آهن،
"صابر" اڻ تون سنڌوءَ مالڪ، صادق صبح سويرا آهن.

❋

ساغر چانڊيو

رحمت الله "ساغر" ولد مولا بخش چانڊيو 29 ڊسمبر 1953ع، تي ڳوٺ ناري، تعلقي ميهڙ ۾ جائو پرائمري تعليم ڳوٺ "ناري" جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ راڌڻ هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين.

ادبي زندگيءَ جو آغاز 1979ع ۾ شاعريءَ سان ڪيائين، شاعريءَ ۾ سندس استاد سيد محمد تقي شاهه هو شعر جي تقريباً صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين. سندس شعر جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

ڪيو لادوا جي دوا غوث اعظم،
رهي ناڳلي تو سوا غوث اعظم.

ٿيو ڪين ڪنهن کان علاج محبت،
زماني ۾ ڪنهن وٽ نه آهي مروت.

هٿن سان بگاڙي ڇڏن ٿا طبيعت،
نه تن کي خبر آ ته ڇاهي حقيقت.

ڪري ڪين تن تي اثر ٿي نصيحت،
شفا لئه ٿي گهرجي دعا غوث اعظم.

❋

شفيع محمد چانڊيو

شفيع محمد ولد جمع خان چانڊيو 05 آڪٽوبر 1954ع تي حيدر آباد ضلعي جي ڳوٺ بچل چانڊيي ۾ پيدا ٿيو. جيڪو هاڻي قاسم آباد جي نالي سان مشهور آهي.

شفيع محمد چانڊيو بهترين محقق، نثر نويس ۽ سٺو شاعر به آهي، سندس شايع ٿيل ڪجهه ڪتابن جا نالا هن ريت آهن.

1. ”اوسيئڙن ۾ نيڻ“ (شاعري ڇاپو پهريون 2014ع)
2. ”محمد عثمان ڏيپلائي ۽ سندس ڊراما نگاري“ (نثر تحقيق ڇاپو پهريون 2016ع)
3. جي تو سڄڻ ساريا (نثر ڇاپو پهريون 2019ع)
4. ”اندر جن اجاريو“ (نثر ترتيب)
5. ”سڄڻ ساهه پساهه ۾“ (نثر مضمون مقالا ۽ خاڪا2019ع).

جڏهن ته شفيع محمد چانڊيو هڪ دردِ دل رکندڙ ۽ محبتي ماڻهو آهي، سندس شاعريءَ ۾ عشق، محبت، پيار پريت، ڏک سک، سڪ ۽ سونهن جا موضوع سمايل آهن. سندس شاعريءَ ۾ فن ۽ فڪر ٻئي نمايان نظر اچن ٿا: سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

غزل

ٻَل ٻَل ڏاڍو ٻاري آهي،
ڪنهن نہ ڏني دلداري آهي.

پنهنجي گهر کان بي گهر آهيون،
جبر اجا ٻي جاري آهي.

دوکن ڏُلبن ۽ دولابن،
ڏاڍي دل آزاري آهي.

روز ڏسون ٿا ڳُونڌر ڳُسندا،
توبهہ توبهہ زاري آهي.

سِنڌ بہ جڻ لبنان لڳي ٿي.
هاءِ قيامت ڪاري آهي،

شهر ۾ آهي دهشتگردي،
ڳوٺ تي وحشت طاري آهي.

پل پل آهي زخمن جهڙو،
جيون کان بيزاري آهي.

❊❊

نياز علي ”نياز“ چانڊيو

نياز علي ”نياز“ ولد نواب خان چانڊيو 1955ع ڌاري ڳوٺ چاچڙي تعلقي ميرو خان، ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده ضلعي قمبر شهدادڪوٽ) ۾ ڄائو. سندس تعلق چانڊين جي گهنوراڻي پاڙي سان آهي، تعليم ٽي درجا سنڌيءَ جا پڙهيو سندس موجوده رهائش ڳوٺ حاجي نياز احمد چانڊيي، تعلقي قبي سعيد خان ۾ آهي،

شاعريءَ ۾ حمد، نعت وغيره لکندو رهي ٿو سندس ڪلام جو نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

تنهنجو مولا ڪيو آ، اعليٰ شان نبي،
توتي نازل ڪَيَئين قرآن نبي.

تنهنجا چارئي يار وفادار هيا،
تنهنجي ڪچهريءَ جا سينگار هيا.
ابوبڪر، عمر، علي ۽ عثمان نبي.

ارڙهن ورهين جي هڪ رات هئي،
تنهنجي مولا سان ملاقات هئي.
تون عرش مولا تي وڃي ٿئين مهمان نبي.

چوي ”نياز چانڊيو“ گنهگار آهيان،
تنهنجي رحمت ۾ اميدوار آهيان.
وٺي ”گهنوراڻي“ کي ڏيندين دين ۽ ايمان نبي.

**

منظور چانڊيو

منظور علي ولد غلام حسين چانڊيو 1958ع ڌاري تعلقي ميهڙ، ضلعي دادو ۾ ڄائو 1980ع ڌاري سگهڙائپ جي شروعات ڪئي، سگهڙ پائي واري فن ۾ سندس استاد محمد يوسف سيلرو آهي، سندس شاعريءَ مان ڏهس جو بيت ڏجي ٿو.

خن خماريل چمان چيهل آهُو ڪنو اور ميان،
عين اک، نيتر نوري، آئيز ٽيندي ڪمزور ميان.
نيڻ نماڻي، نيٽ نهاري، ماڱ چوڙيندي مور ميان،
آنکھ، اکيان ڏيک عجيب ديان، پچ پوندي ني پور ميان.
چسمان دي هي چال عجب، تنهن ڪيتي منظور ميان.

**

حافظ الله ڏنو چانڊيو ”گھنوراٹي“ ؒ

حافظ الله ڏنو ولد شاھنواز چانڊيو 1930ع ڌاري ”صوبيدار جو ڳوٺ“ لڳ ڳوٺ بھار چانڊيي تعلقي قمبر، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. قرآن پاڪ جو حافظ ھيو، سندس آواز ڏاڍو منڙو ھوندو ھيو.

زندگيءَ جو گھڻو حصو ڳوٺ ڦولھڙو، تعلقي ميروخان ۽ وارھ تعلقي جي وڳڻ شھر جي پرسان ڳوٺ سچي ڏني چانڊيي ۾ گذاريائين.

سن 1982ع ۾ نانگ جي ڏنگ سبب کيس شھادت نصيب ٿي. سندس آخري آرامگاھ ڳوٺ سچي ڏني چانڊيي لڳ وڳڻ ۾ آھي.

حافظ الله ڏنو چانڊيو سٺو شاعر بہ ھيو، حمد، نعت وغيره لکندو ھو. سندس ڪلام جو نمونو ھيٺ ڏجي ٿو، جيڪو نياز علي نياز گھنوراٹيءَ کان مليو آھي.

خدا وندا ھميشہ تون شريعت تي ھلائيندين،
مرادون من سنديون منھنجون مٺا مالڪ پڄائيندين.

ھجي قرآن ھي تنھنجو سڄوئي ياد سيني ۾،
عمل ڏيندين، انھيءَ سان گڏ قرائت سان پڙھائيندين.

مصيبت ۽ مرض آ جيڪو سڄي گھر مان وڃي نڪري،
مھابي پاڪ پنجتن جي بلائن کان بچائيندين.

”الھڏنو“ آھي آسي، محمّدصہ مير جو پياسي،
اگھائج عرض ”حافظ“ جو روضو اطھر چمائيندين.

✻✻

ايم، ايم چانڊيو

ايم، ايم چانڊيو ڳوٺ ”چانڊين جي ماڙي“، تعلقي خيرپور ناٿن شاھ، ضلعي دادو ۾ 1942ع ڌاري ڄائو.

تعليم ۾ انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪيائين، واپڊا کاتي ۾ مڪينيڪل انجنيئر مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري ”چيف“ جي عھُدي تي فائز ٿيو ۽ زندگيءَ جا 60 سال پورا ڪري چيف واپڊا تي عھدي تان رٽائر ٿيو. سندس نمايان ڪاميابين ۾ ڄامشورو پاور ھاؤس جي مقرر وقت کان اڳ تڪميل، سنڌ ۾ ڇھن مھينن اندر ڇھن ووڪيشنل ادارن جو قيام ۽ پنجن گور پاور اسٽيشن جو ٿورڙي وقت ۾ مڪمل ٿيڻ قابل ذڪر آھن، سندس غير معمولي خدمتن جي اعتراف طور کيس ”پھريون پرائيڊ آف پرفارمينس“ ڏنو ويو ۽ کيس ستاره امتياز لاءِ نامزد ڪيو ويو.

جئين تہ ايم. ايم چانڊيو صاحب پاڻ علم ادب سان چاھ رکندڙ ليکڪ بہ ھيو. ھن شاھ پسند چانڊيي جي شاعريءَ کي ترتيب ڏئي ”چل پل جو چٽڪو“ نالي سان شايع ڪرايو ۽ سندس آتم ڪھاڻي جو ڪتاب ٻن جلدن ۾ شايع ٿي چڪو آھي، ان کان علاوه ”چانڊيا قبيلي جي تاريخ“ ڪتاب 2024ع ۾ شايع ٿيو آھي، جنھن ۾ چانڊيا قبيلي جو حسب نسب، جاگير بابت ڄاڻ، چانڊڪا جاگير جي ماڳ مڪانن، جوڌن ۽ جرنيلن جو احوال ۽ سياسي صورتحال جو ذڪر محققاڻي انداز ۾ ڪيو ويو آھي.

ايم، ايم چانڊيو غريبن ۽ بي پھچ ماڻھن جو ھمدرد ۽ ھڏ ڏوکي ھوندو ھو. ڪيترن ئي ماڻھن کي واپڊا کاتي ۾ نوڪرين جا مفت آڊر ڏنائين. سماجي خدمتن تي کيس ”آل عوامي بلوچستان گولڊ ميڊل“ ڏنو ويو. سنڌ جي ھن محبوب شخصيت 11 سيمپٽمبر 2025ع تي وفات ڪئي ۽ پنھنجي پنيان پيشاورانہ عظمت، اداراتي خدمت علمي ورثو ۽ انسانيت سان ڀرپور زندگيءَ جو دائمي نقشو ڇڏي وئي.

✻✻

حڪيم خليفو عبدالحميد چانڊيو

حڪيم خيلفو عبدالحميد چانڊيو ولد حڪيم خليفہ عبدالمجيد چانڊيو 02 ڊسمبر 1938ع ۾ ڳوٺ ”ستاڻي چانڊيا“ ۾ ڄائو.

حڪيم صاحب جا وڏا نواب غيبي خان چانڊيي ۽ سندس خاندان جا گھرو حڪيم (طبيب) ۽ منشي رهيا آهن ۽ حڪيم صاحب بہ پنهنجي وڏڙن جي پيروي ڪندي حڪمت جو ڪم شروع ڪيو ۽ سنڌ جي تمام سٺن حڪيمن ۾ شمار ٿئي ٿو.

حڪيم صاحب حڪمت سان گڏ، تاريخ جو بہ وڏو ڄاڻو آهي، سنڌ جي اتر ڪاڇي واري علائقي تي سندس لکيل ڪتاب ”سنڌ جو اتر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو“ ۽ نواب علي نواز خان المعروف نواب غيبي خان جي سوانح حيات تي ”سوانح حيات نواب سرغيبي خان چانڊيو“ (2006ع) شايع ٿي چڪا آهن، انهن ٻنهي ڪتابن ۾ چانڊڪا جاگير چانڊيہ قبيلي ۽ سندن سردارن جي تاريخ بيان ڪئي وئي آهي.

❊❊

اديب انقلابي

”اديب انقلابي“ جو اصل نالو مظفر علي ولد علي حسن چانڊيو آهي، سندس جنم 14 مارچ 1959ع تي ڳوٺ گاهي خان چانڊيي، ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ٿيو. تعليم ۾ ”ايم. بي. بي. ايس“ جي ڊگري حاصل ڪيائين، پيشي جي لحاظ کان پاڻ ڊاڪٽر آهي. ادبي دنيا ۾ ڪيس شاعر، محقق ۽ مزاح نگار سان سڃاتو وڃي ٿو. سندس شايع ٿيل ڪتابن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

1. ”جساف جي ڏهہ سالا تاريخ“ (1982ع)
2. ”دنيا جا انقلابي ٻار“ (1982ع)
3. ”پشتو شاعريءَ جو سنڌي روپ“ (ترجمو 1983ع)
4. ”دنيا جا انقلابي ڊاڪٽر“ (1984ع)
5. ڪن، نڪ، ڳلي جون عام بيماريون (1985ع)
6. ”سائين جي. ايم. سيد سان ڪچهريون“ (1985ع)
7. ”سنڌ جا عظيم ويڄ“ (1993ع)
8. ”سنڌ جي ڪُوپائي ڪٿا“ 1993ع)
9. ”ٿارچر سيل جي شاعري“ (1996ع)
10. گستاخ ڪلامي (شاعري 2006ع)

هتي سندس شاعريءَ جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

غزل

آزادي اعلان ڪيڏو ٿو لڳي،
پاپي پريشان ڪيڏو ٿو لڳي.

”ڪڙ ڪبيتو“ ننڍڙو اوندھ ۾،
صاحب ايمان ڪيڏو ٿو لڳي.

ڪڪر ڪارا مينھن ڪي ايندا ڪٽي،
گھٽ ۾ طوفان ڪيڏو ٿو لڳي.

ڄامشورو مورو، ميھڙ چانڊڪا،
ڪربلا ميدان ڪيڏو ٿو لڳي.

چنڊ تي انسان پھچي ويو پر،
ھيٺ تي حيوان ڪيڏو ٿو لڳي.

بمن بارودن ۽ گولين سان ”اديب“،
ڀوڙيل انسان ڪيڏو ٿو لڳي.

❋❋

فدا ڪَلرائي

فدا حسين ولد احمد خان چانڊيو 02 مئي 1961ع تي ڳوٺ ”ڪلري“ ضلعي دادو ۾ ڄائو. تعليمي ميدان ۾ ”ايم. اي“ ۽ ”ايم. ايڊ“ جون ڊگريون حاصل ڪيائين. روزگار سانگي سنڌ جا ڪافي شهر گھميو. پبلڪ اسڪول سکر ۾ ليڪچرار ۽ هائير سيڪنڊري اسڪول سَنَ ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ ٿي رهيو. فدا ڪلرائي سٺن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. شاعري جي مروج تقريباً صنفن تي طبع آزمائي ڪري چڪو آهي، شاعريءَ ۾ سندس استاد الهنواز رڪڻائي آهي.

سندس شاعريءَ جو ڪتاب ”اندر جا اتساھ“ 2017ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي. سندس شاعريءَ مان هڪ غزل نموني طور پيش ڪجي ٿو.

مڙس ٿي مشڪل ڪي منهن ڏيو، دل نہ هاريو دوستو،
زهر پي پي زندگي، مُرڪي گذاريو دوستو.

نفرتن جي پاڙ پٽيو، ڪلفتون ڪاٽي ڇڏيو،
اوچ جا ۽ نيچ جا، ويڇا وساريو دوستو.

نفس جي پوڄا ڇڏي ڏيو، پاڻ ڳوليو پاڻ ۾،
ڇيڪ هي ڇڙواڳ پنهنجو، نفس ماريو دوستو.

ويا شرافت جا لتاڙي لنگھ ليڪا لوٺيا،
تن لُچن پوبان اُٿي، ٻارڻ ڪو ٻاريو دوستو.

ڪنهن جي عصمت سان نہ ڪيڏو ڪين غيرت ڀوڙيو،
مرد ٿيو شرم و حيا جي، ديد ڏاريو دوستو.

چور ۽ ڏاڙيل سڏجڻ ۾ نہ ٿيو سَرها سپوت،
چور نالو آ ڪُتي جو ڏيان ڏاريو دوستو.

ڪيترا پيرا چَيُوَ ٿيبو ”فدا“ هِنَ ديس تان،
سر ڏئي پنهنجي وطن سان، قول پاڙيو دوستو.

زخمي چانڊيو

زخميءَ جو اصل نالو ڄام خان ۽ سندس والد جو نالو مولا بخش چانڊيو هيو. زخمي چانڊيو ڀرين مئي 1961ع تي ڳوٺ ڍڪڻ ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو هو. تعليم ۾ "ايم. اي" جي ڊگري حاصل ڪئي هئائين. 1979ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو ۽ آخر ترقي ڪري هاءِ اسڪول ٽيچر (HST) جي عهدي تي فائز ٿيو.

1984ع کان ادبي زندگيءَ جو آغاز ڪيائين. شاعريءَ جي سکيا نثار بزمي ۽ سرڪش سنڌيءَ کان حاصل ڪيائين. ظالم مير، پير، وڏيري ۽ سردار کان کيس نفرت هوندي هئي، ۽ هر مظلوم ۽ پورهيت سان کيس بيحد پيار هوندو هو. زخمي ڏاڍو پيارو ۽ محبتي ماڻهو هو. سندس شاعريءَ ۾ مزاحمت ۽ محبت جا درس ملن ٿا. سندس شايع ٿيل ڪتابن جو تفصيل هن ريت آهي.

1. "شهر شهر زحمي" (شاعري 2001ع)
2. "ڏاڍو سارينديِن" (شاعري 2006ع)
3. "منهنجي مُئي کان پوءِ" (شاعري 2016ع)
4. "منڊا ٻارڙا" (ٻارن لاءِ شاعري 2017ع)

سنڌ جي هن سر موڙ شاعر 24 آڪٽوبر 2000ع تي شهادت جو جام پيتو ۽ جسماني طور زخمي اسان کان هميشه هميشه لاءِ جدا ٿي ويو. کيس قبيلائي تڪرار جي ڪري ناحق قتل ڪيو ويو هو.

سنڌ جي هن ارڏي ۽ مزاحمتي شاعر جي شاعريءَ جو ڪجهه نمونو هتي پيش ڪجي ٿو.

غزل

دل مان ٽڏڙو ساهُ ڪڇي ويو،
جيئڻ تان ارواحُ ڪڇي ويو.

مسجد مان معصومُ ٿيو اغوا،
پاڻ ئي جڻ اللهُ ڪڇي ويو.

دانگيءَ تي رَتُ ڪونه وري ٿو،
رشتن تان ويساهُ ڪڇي ويو.

رئيس ته زوري واهُ ڪٽايو،
هوڏي آ درياهه ڪڇي ويو.

وڏن ماڻهن جي ڪوٺ نه هُئي پر،
غريب غلام الله ڪڇي ويو.

مڇي نه ڏيڻ تان ڏينهن ڏٺي جو،
ٻانڌي تان ملاح ڪڇي ويو.

ٻئي کي بچائيندي ٿي "زخمي"،
ڪيوئلٽي همراهه ڪڇي ويو.

❊❊

مهربان علي "خاموش"

مهربان علي ولد محمد ملوڪ چانڊيو 25 جنوري 1966ع تي ڳوٺ رئيس اعتبار خان چانڊيي ۾ ڄائو پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ، مئٽرڪ ۽ انٽر شهدادڪوٽ "بي. اي" ۽ "ايم. اي" جي ڊگري قمبر مان حاصل ڪيائين، پيشي جي لحاظ کان پاڻ هاءِ اسڪول ٽيچر آهي.

ادبي زندگيءَ جو آغاز 1982ع کان شعر لکڻ سان ڪيائين، شعر ۾ سندس پسنديده صنف غزل آهي، سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

غزل

مون کي هاڻ وساري ڇڏجان،
تنها جيون گهاري ڇڏجان.

جيڪي خواب ڏناسون گڏجي،
ذهن تان پنهنجي واري ڇڏجان.

شام جو گهر جي ڇت تي ويهي،
خالي راهه نهاري ڇڏجان.

سارولوڪ ڏسي جي سپنا،
ميڻ بتي تون ٻاري ڇڏجان.

ڪاري رات جا پويان پل تون،
ساڻ ستارن گهاري ڇڏجان.

ماضيءَ ۾ جي محب لکيامون،
يار اهي خط ڦاڙي ڇڏجان،

"خاموش" اگر ڪو حال پڇئي ته،
لڙڪ اکين مان هاري ڇڏجان.

**

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو

رشيد مرتضائي

عبدالرشيد ولد غلام مرتضيٰ (مرتضائي) چانڊيو پهرين جنوري 1968ع تي ڳوٺ بقار (ڳوٺ سعيد احمد چانڊيو) تعلقي قبي سعيد خان، ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ڄائو پرائمري تعليم پرائمري اسڪول نيڪ محمد مغيري، مئٽرڪ هاءِ اسڪول قبي سعيد خان ۽ انٽر شاهه عبداللطيف ڪاليج قمبر مان حاصل ڪيائين.

1990ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو رشيد مرتضائي بهترين استاد سان گڏوگڏ سنو شاعر به هيو نهايت ئي پيارو ۽ محبوب ماڻهو هو.

14_02_2013ع تي هن فاني دنيا کي الوداع چئي، وڃي حقيقي دنيا وسائي، سندس آخري آرام گاهه کير ٿر جبل جي ماٿر تي "ڏڙٻ" واري مقام ۾ آهي. سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

رت ۾ رَليل آهي، ساگر سنڌوءَ جو
من ۾ مليل آهي، ساگر سنڌوءَ جو.

خوش رنگ خوشبو سرهاڻ جيڪا،
ميون ۾ آهي، مناڻ جيڪا،
ڳُر ۾ ڳُتيل آهي، ساگر سنڌوءَ جو.

جنم کان تون جيڪو پيئندو رهين،
جنهن جي سهاري تون جيئندو رهين.
ٿج ۾ گڏيل آهي، ساگر سنڌوءَ جو.

ڪچي ۽ پڪي جي ٿو رونق ٻڌائي،
"رشيد" روح جي ٿو راحت وڌائي،
روح ۾ رکيل آهي، ساگر سنڌوءَ جو.

**

مظفر چانڊيو

مظفر چانڊيو جئين تہ شروعات کان وٺي ئي ڪاھوڙي (جاڪوڙي ڪردار رھيو آھي ۽ ڪڏھن بہ ماٺ ڪري ناھي ويٺو شاگردي واري دور ۾ ”پروڙ“ نالي رسالو ڪڍيائين. جنھنڪري ڪيس ادبي دنيا ۾ مڃتا ملي.

ان ڪانپوءِ ڪتاب ”ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان“ نئين ٿھي جي چونڊ شاعرن جي شاعريءَ تي ٻڌل ڪتاب ترتيب ڏنائين ۽ ان جو مھاڳ (مقدمو) شيخ اياز کان لکرايو ۽ انھي ڪتاب کي وڏي اھميت ملي ۽ يونيورسٽين جي سنڌي شعبن پاران ان ڪتاب کي شاگردن لاءِ ڪورسن ۾ شامل ڪيو ويو.

جئين تہ مظفر چانڊيو مسلسل محنت ڪندو رھيو آھي، سندس محنت وري رنگ لاٿو 2013ع ۾ مظفر صاحب جي شاعريءَ جو مجموعو ”ساري سنڌ پرين جو پاچو“ شايع ٿيو. جنھن منجھان سندس ھڪ غزل نموني خاطر پيش ڪجي ٿو.

تون نہ آن تنھنجي تات آھي،
ستارن پري اڄ رات آھي.

وندر جي وٽن ۾ ڳولھيان پيو،
پکين جي نہ ڪائي لات آھي.

وسارڻ لاءِ وقت آ ڪنھن وٽ پرين،
وائي تہ تنھنجي وات آھي.

دل جون شڪستون شامل ڪرين،
مند کي پوءِ مات آھي.

سوريءَ ۾ آ ساھہ پنھنجو،
بلاول جي جڙ ٻات آھي.

❋❋

گلاب سيتائي چانڊيو

گلاب خان ولد حاجي محمد سومر چانڊيو سيتا وليج جي پرسان ڳوٺ خير محمد چانڊيي ضلعي دادو ۾ 02 اپريل 1968ع تي ڄائو.

سندس تعليم انٽر آھي، ۽ پيشي جي لحاظ کان پاڻ استاد آھي، گلاب چانڊيو استاد بخاريءَ کان متاثر ٿي ڪري شاعريءَ جي شروعات ڪئي، شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪري رھيو آھي، جئين تہ گلاب نالي سان ٻہ ”گلاب“ آھن ۽ ٻئي ذات جا چانڊيا آھن ۽ ٻئي ھم عصر بہ آھن. تنھنڪري ھن گلاب چانڊيي کي گلاب سيتائي چانڊيو ڪري لکيو ويو آھي، تہ جيئن تاريخ لکندڙ ماڻھو منجھي نہ پون ۽ ھر گلاب جي شعر جي خوشبو کي واضح نموني محسوس ڪري سگھن.

گلاب سيتائي جي شاعريءَ جو نمونو پڑھندڙن آڏو پيش ڪجي ٿو.

ڪافي

ڪنھن کي پيو ٿو ڳولھين ڪڪر چانَو وارا،
ڪڏھن توکي ملندا سمنڊ جا ڪنارا.

آھين تون بہ وڇڙيل، آھيان مان بہ وڇڙيل،
وڇوڙو ٻنھي کي آھي يار چنبڙيل،
ڪڏھن نيٺ لھندا مَنَ جا مونجھارا.

منھنجو يار ڏاڍو حُسندار ھوندئي،
اوندھہ ۾ ڏيندو پيو چمڪار ھوندئي.
جَھڪا ھن اڳيان آھن سڄ چنڊ تارا.

وڃين پيو ٿو ھلندو سڄڻ ڏي بہ وڃجان،
وڃين ڪيس در تي ڪڪر چانوَ ٿيجان،
”گلاب“ ڏسئي ٿو ڪٽي نيڻ ٻاجھارا.

❋❋

نوٽ: ھڪڙو گلاب چانڊيو ”سيتا“ ضلعي دادو جو آھي،
۽ ٻيو گلاب چانڊيو ضلعي لاڙڪاڻي جو آھي.

درد جانوري

عبدالرسول ولد الھوسايو جانوري 10 جنوري 1969ع تي جانوري محلي دادو ۾ ڄائو.

درد صاحب 1983ع کان شاعريءَ جي شروعات ڪئي، سندس شاعري جو چڱو خاصو مواد وٽس موجود آھي، درد صاحب جي شاعريءَ جو نمونو، پڙھندڙن آڏو پيش ڪجي ٿو.

غزل

احسان ڪري مون تي اڄ يار اڳڻ آيو،
محبوب منو پاڙڻ اقرار اڳڻ آيو

جا آس ھئي دل ۾ پوري ٿي سموري اڄ،
جو مھر ڪري مون تي منٺار اڳڻ آيو.

آغوش سڄڻ جي اڄ ٿي مون کي نصيب آھي،
لک قرب ڪري پنھنجا دلدار اڳڻ آيو.

ھئي پياس نگاھن کي، ديدار سندي ڏاڍي،
ٿي پياس وئي پوري جو پيار اڳڻ آيو.

دلبر کي ڏٺو اکڙين مون لاءِ ٿيون عيدون،
دک "درد" لھي ويڙا غمخوار اڳڻ آيو.

❋❋

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو

عاشق چانڊيو

عاشق چانڊيي جو اصل نالو احمد علي ولد محمد سليمان چانڊيو آھي، 05 فيبروري 1969ع تي ڳوٺ ايوب چانڊيو لڳ ڏڪڻ، ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ پوليس کاتي ۾ ملازمت ڪري رھيو آھي، پاڻ سٺو شاعر بہ آھي، سندس شاعريءَ جا بہ ڪتاب شايع ٿي چڪا آھن، جن جا نالا ھن ريت آھن.

1. "دل جي آڳر تي" (شاعري 2003ع)
2. "لفظن جو رقص" (شاعري 2009ع)

سندس شعر جو نمونو ھيٺ پيش ڪجي ٿو.

عشق بنا انسان اڌورو آ پيارا،
سارو ئي جھان اڌورو آ پيارا.
درد بنا دل خالي لڳندي آ،
گلن بنا گلدان اڌورو آ پيارا.

❋❋

رشيد خانواهي

عبدالرشيد ولد عبدالله چانڊيو پهرين اپريل 1969ع تي ڳوٺ خانواهه، تعلقي شهدادڪوٽ (موجوده تعلقي قبي سعيد خان)، ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده ضلعي قمبر شهدادڪوٽ) ۾ڄائو. پرائمري تعليم ڳوٺ رئيس اعتبار خان چانڊيي، مئٽرڪ هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ، انٽر ڊگري ڪاليج شهداد ڪوٽ، ”بي. اي“ ۽ ”ايم. اي“ جي ڊگري شاهه لطيف ڪاليج قمبر مان حاصل ڪيائين.

شاعريءَ جي باقاعده شروعات 1987ع ۾ ڪئي. شاعري ۾ سندس استاد احمد علي صابر، پروفيسر سيد گل محمد شاهه گل بخاري (مرحوم) ۽ راشد مورائي (مرحوم) آهن.

سندس پهريون شعر ”آزادي انسان ٿو چاهي“ جيڪو نئين سوچ مئگزين ڪراچي جي فيبروري 1990ع واري شماري ۾ شايع ٿيو.

رشيد خانواهي نثر توڙي نظم ۾ لڳاتار لکندو ٿو رهي، سندس چار ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جن جو تفصيل هن ريت آهي.

1. ”سڄڻ ۽ ساٿيهه“ شاعري 2005ع.
2. ”املهه انسان“ (رئيس امداد علي خان جي مختصر سوانح حيات) 2004ع.
3. ”ساجهر ڪر ڪايار سجاڳي“ (شاعري 2024ع)
4. ”ڪردار زنده رهندو“ (سوانح حيات 2025ع).

ان کان علاوه نثر جا ٽي ڪتاب ”سنڌي ادب جا سونهري باب“، ”ڌرتيءَ جا ڏنگ“ ۽ ”سنڌ جا سرموڙ شاعر“ وٽس قلمي صورت ۾ موجود

آهن. پيشي جي لحاظ کان پاڻ ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهي.

رشيد خانواهي سنڌي ادبي سنگت جو بنيادي ميمبر آهي، مختلف عهدن تي رهندي هن وقت سنڌي ادبي سنگت شاخ شهدادڪوٽ جو سيڪريٽري ۽ ”سِپلا“ (سنڌ پروفيسرس اينڊ ليڪچررس ايسوسيئيشن) ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جو صدر پڻ آهي. جئين ته رشيد خانواهيءَ جو شمار سنڌ جي سٺن شاعرن ۾ ٿئي ٿو. سندس شاعريءَ جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

نظم
سو منهنجو وطن سو منهنجو وطن

هر روز جتي پيا ڪِيسَ ٿِيَن،
۽ ڳاڙها ڳڀرو گهوٽ ڪُسن،
۽ پيٽون مائون لاش کڻن.
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

جت جاهل ڪاهل پير هجن،
۽ ظلم جابر مير هجن،
جت خوني ۽ خنريز هجن.
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

جت ڦريون ڌاڙا عام هجن،
۽ راشي افسر جام هجن،
۽ خان وڏيرا خام هجن.
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

جت مسڪينن جا ٻار ڪڄن،
هر روز مرن هر بار ڪڄن،

۽ هنئين سندا هار ڪڇن.
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

جت ٿاڻن ۾ ڏاڙيل هجن،
۽ ماڻهو اغوا روز ٿين،
۽ ڪورٽ ۾ پيا ڪيس ٿين.
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

جت بجلي جا بُحران هجن،
۽ ماڻهو پاڻيءَ لاءِ سڪن،
۽ گهر گهر گئس ڪان گوڙ ٿين.
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

جت ڪونڌر ڪُوپا ماريا وڃن،
۽ باهه ڏئي گهر ساڙيا وڃن.
۽ جوڙا جيلن واڙيا وڃن،
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

جت قرب ڪميشن[2] وارا ڪن،
۽ راشي رشوت عام وٺن،
۽ مون پارا پيي پاس ٿين.
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

جت يار "رشيدڻ" ڏکڙا ڏين،
۽ گڏجي غيرن ساڻ گهمن،
۽ ويٽر ٻرڪن لوڻ ڦٽن،
سو منهنجو وطن، سو منهنجو وطن.

❊❊

[2] ڪميشن وارا يعني سنڌ پبليڪ سروس ڪميشن وارا، جيڪي پنهنجي مڪمل ايمانداري سان رشوت وٺي ۽ پوءِ نااهل کي پاس ڪري ڇڏين، جن کي سنڌ جي تاريخ ۾ ڪني ڪردار سان ياد ڪيو ويندو.

الطاف "آسي"

الطاف "آسي" ولد عبدالغفور چانڊيو پهرين جولاءِ 1969ع تي ڳوٺ "رئيس ڀنيوخان چانڊيو" تعلقي ميروخان، ضلعي لاڙڪاڻي (هاڻوڪي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ) ۾ ڄائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ رئيس ڀنيي خان چانڊيي ۾ حاصل ڪيائين. مئٽرڪ ۽ انٽر جي تعليم شهدادڪوٽ مان "ايم اي" اسلامڪ ڪلچر جي ڊگري شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪيائين.

الطاف "آسي" ادبي زندگيءَ جو آغاز 1980ع ۾ نعتيه شاعريءَ سان ڪيو. سندس شاعريءَ ۾ فن به آهي ته فڪر به. سندس شاعريءَ تي سنڌجي مشهور شاعر عبدالخالق "عبد" جو گهڻو اثر آهي. سندس شاعريءَ جو ڪتاب "اڄايل اکيون" 2013ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي. سندس شاعريءَ مان هڪ نعت پيش ڪجي ٿي.

نعت

مٺي مصطفيٰ جي محبت ملي آ،
ته ڄڻ دوزخيءَ کي به جنت ملي آ.

زماني ۾ چاهي نه جي ڪنهن سڃاتو،
نبيءَ جي غلاميءَ جي عزت ملي آ.

ڪنيو نانءُ جو آءُ صلوات ساري،
ته دردن ڀري دل کي فرحت ملي آ.

رسول ڪريم رحيم عظيم،
تڏهن امتن کي به عظمت ملي آ،

ته غم آ ذري جو، نه اوري پري جو،
جي رحمان طرفان هي رحمت ملي آ.

نه گهر جيم ٻيو ڪجهه "الطاف آسي"
دکئي دل کي دلبر جي دولت ملي آ.

ڊاڪٽر فياض لطيف

سندس اصل نالو بشير احمد ولد محمد حسن چانڊيو آهي، سندس جنم ڀهرين اپريل 1972ع تي ڳوٺ فقير محمد چانڊيي تعلقي ڏوڪري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو.

تعليم جي ميدان ۾ سال 2015ع ۾ ”شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ جماليات“ جي موضوع تي سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي مان ”پي.ايڇ.ڊي“ (ڊاڪٽريٽ) جي ڊگري حاصل ڪري چڪو آهي. پيشي جي لحاظ کان پاڻ پروفيسر آهي.

ڊاڪٽر صاحب ادبي زندگيءَ جو آغاز 1990ع ۾ شاعريءَ سان ڪيو. پاڻ شاعريءَ جي تقريباً صنفن تي طبع آزمائي ڪري چڪو آهي، سندس شاعريءَ جا ٻه ڪتاب ”چنڊ ڪڪر جي اوٽ“ ۽ ”دل جي خانہ بدوشي“ شايع ٿي چڪا آهن. ان کان علاوه سندس نثر ۾ هيٺيان ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.

1. ”خدا زندگي، محبت ۽ موت“ (2000ع ترجمو.)
2. ”اڻ چاول ٻار ڏانهن خط“ (2001ع ترجمو.)
3. ”رجنيش اوشو جي آتم ڪٿا“ (2003ع ترجمو.)
4. ”خط خوشبو خواب“ (خط 2010ع ترجمو.)
5. ”شاھہ لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جو جمال“ (2017ع ترتيب.)
6. ”شيخ اياز جي شاعريءَ جو جديد مطالعو (2017ع ترتيب.)
7. ”شيخ اياز جي شاعري ۾ جماليات“ (Ph.D 2018ع)
8. ”شيخ اياز جا دوها“ 2018ع
9. ڪتين جو ڪنمال (تنقيد 2020ع)

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو

جئين تہ ڊاڪٽر فياض لطيف سٺو شاعر بہ آهي، سندس شاعري جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

غزل

ساري رات ستارا جاڳن،
چنڊ ٿو جاڳي چارا جاڳن.

ڪاٽي ننڍ ندي ڪي آهي،
لهرون ناوَ ڪنارا جاڳن.

ماڻهن جا هِنِ خواب سمهي پيا،
ديوارن تي نعرا جاڳن.

رت ۾ لت پت آهي ڪراچي،
گهر گهر ٿا اوسارا جاڳن.

جوڳيءَ جو آ ڀاڳ سمهي پيو،
ٽٻڻي ۾ ٿا ڊارا جاڳن.

**

”بيوس“ بخش علي چانڊيو

بخش علي چانڊيو ولد نياز علي چانڊيو 06 اپريل 1972ع تي ضلعي نوشهرو فيروز جي شهر ”ڦل“ جي ڀرسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڄائو. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ 2000ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪيءَ ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو ۽ هينئر مهراڻ ڪاليج مورو ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور پنهنجا فرائض پورا ڪري رهيو آهي.

”بيوس“ بخش علي چانڊيو سٺي نثر نويس سان گڏوگڏ سٺو شاعر به آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڏک، سک، سونهن ۽ سڪ جا موضوع سمايل آهن. سندس شاعريءَ جو ڪتاب ”ڪرونا لاڪ ڊائون ۽ پيڙائن جا عڪس“ سِڳا شاخ ڦل طرفان 2020ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

غزل

هٿن ۾ برف وانگر جي، ڳري وياسين ته چاٿيندو،
اوهان جي آسرن ۾ ايئن، مري وياسين ته چاٿيندو.

اوهان کي آزمائيندي به، يارنهن ڏينهن ٿي ويا هن،
ڪٽي سر تي بکن واري ڀري وياسين ته ڇا ٿيندو.

اسان جا هي ٻچا عادي، ڏکن سورن سندا آهن،
تنهنجي در تان بکيا واپس، وري وياسين ته ڇا ٿيندو.

ڪڏين ٿو سيلفيون سهڻا، ڏئي صابڻ فقط هڪڙو،
ٻرن ڪورا نه هاٽي جي، ٽري وياسين ته ڇا ٿيندو.

اسان کي ياد ئي ڪونهي، نئون ڪو ويس پاتو آ،
ڪفن پائي ڳريل ليڙون، ڏري وياسين ته ڇا ٿيندو.

اسان ”بيوس“ قرنطينه، سڄي هي عمر گهاري آ،
اڪيلائيءَ ۾ ڳاري دل، ڇري وياسين ته چاٿيندو.

دلبر چانڊيو

عنايت الله ”دلبر“ ولد امام بخش چانڊيو 23 ڊسمبر 1972ع تي ڳوٺ امام بخش چانڊيي لڳ ڊڪڻ، ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو.

1990ع ڌاري ادبي پورهئي جي شروعات ڪهاڻين لکڻ سان ڪيائين. ۽ ان کانپوءِ شاعريءَ به لکڻ لڳو. 26 جنوري 2008ع تي وفات ڪيائين. سندس ڪهاڻين جو ڪتاب ”جيجل منهنجي قسمت“2015ع ۾ يار محمد چانڊيي ترتيب ڏئي شايع ڪرايو. جئين ته دلبر چانڊيو نثر نويس سان گڏ، سٺو شاعر به هو. سندس شاعريءَ مان هڪ غزل پيش ڪجي ٿو.

غزل

اهڙو تمغو خطاب ڏئي وئين،
بي وفا ڇئي عذاب ڏئي وئين.

مون سان ملڻ نه ايندو ڪرتون،
در جي اندران جواب ڏئي وئين.

پنهنجا پراوا ٿوڪن پيا ٿا،
تون به سزا بي حساب ڏئي وئين.

شهر سارو ڀنل ڀنل ٿو لڳي،
منهنجي اکڙين آب ڏئي وئين.

بي خطا ڇو ايڏو ”دلبر“،
دل دکي کي عتاب ڏئي وئين.

❊❊

سليم چانڊيو

سليم چانڊيو پيشي جي لحاظ کان استاد هيو، مسلسل محنتي ۽ جاکوڙي ڪردار رهيو. سندس شاعري جا ٻه ڪتاب "باک ڦٽي جا گيت" (2005ع) ۽ "ڪارونجهر تي مور" (2021ع) شايع ٿي چڪا آهن. سندس شاعريءَ ۾ سونهن، سڪ، ساٽيھ ۽ مارن جي محبت ۽ مزاحمت جا عنصر ۽ عڪس چٽا سمايل آهن.

سليم چانڊيي بابت اڄ هي ٻه اکر لکي رهيوس، جڏهن سندس شاعريءَ جي ڪتاب "ڪارونجهر تي مور" ۾ پياءُ مصور حسين جو لکيل مضمون پڙهيم تہ بنا ڪڪرن جي اکين مان مينهن وسي پيو تہ الائي ڪنهن جي نظر لڳي جو چانڊڪا چمن جا گل، هڪ هڪ ٿي جدا ٿي ويا. زخمي ويو "دلبر" ويو "سليم" ويو ڪي هميشہ هميشہ لاءِ هليا ويا تہ ڪي وري جيئري ئي پن پن ٿي وکري ويا. سچ پچ تہ ڏاڍ ڏک ٿيو الائي اسان ۾ ڪڏهن شعور ايندو جو اسان قبيلائي جهيڙن ۽ گندين ريتن رسمن کان آجا ٿي سک جو ساھ کڻنداسين.

سنڌ امڙ جي هن استاد ۽ شاعر پٽ 18 آگسٽ 2020ع تي هن دنيا کي الوادع چئي، وڃي، هُوءَ دنيا وسائي، جتان ڪوئي بہ اڄ تائين موٽيو ئي ناهي.

سندس شعر جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

روح اندر احساس رچي ٿو،
تنهنجو مونکي خيال اچي ٿو.

توکان وڇڙي ويندس آخر،
پيڙا جو وشواس لچي ٿو.

ظالم تون بہ پڇري ويندين،
شعلو شعلو آھ مچي ٿو.

موت پڇاڙان سرتي لکجان،
مون وٽ هڪڙو خيال بچي ٿو.

بادل کنوڻيون چوڏس آهن،
ڪارونجهر تي مور نچي ٿو.

❋❋

حبدار ٿوٿاٽي

حبدار علي ولد سيفل خان ٿوٿاٽي 1973ع ۾ ڳوٺ انور آباد تعلقي وارهه ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ڄائو.

تعليم ۾ "ايم. اي" سنڌي جي ڊگري حاصل ڪيائين. پيشي جي لحاظ کان پاڻ استاد آهي، ۽ سندس ڪم درس و تدريس آهي.

ادبي زندگيءَ جو آغاز 1996ع ۾ شاعريءَ سان ڪيائين ۽ شاعري جي ميدان ۾ جن استادن کان رهنمائي حاصل ڪيائين. انهن ۾ عبدالحنان ڪوکر، عجب شيخ، امام الدين ضامن ۽ منصور احمد "منصور" جا نالا قابل ذڪر آهن. سنڌي شاعري جي مروج تقريباً صنفن تي طبع آزمائي ڪري چڪو آهي. سندس ڪلام مان هڪ غزل پيش ڪجي ٿو.

غزل

لفظ مانا ٿيا خوش بياني وَئي،
موڪلائي ڪلا کان رواني وَئي.

ڪو ملي ئي نه ٿو محنتن جو ثَمر،
دور تائيد ٿي آسماني وَئي.

شوخ لهجو پَسي مرڪ برمنهن ڪيو
مهربانن منجهان مهرباني وَئي.

اڄ ۽ ڪالهه جي ڪا خبر ئي نه پئي،
ڪيئن گذري حسين زندگاني وئي.

ڏس ته مهمان گهر جائي مالڪ بڻيا،
ريت تن جي ڏسي ميزباني وئي.

هيل "حبدار" موسم ميارون ڏنيون،
تون نه آئين هلي، رت سهاني وئي.

خدا ڏنو "الماس" چانڊيو

خدا ڏنو ولد علي گوهر چانڊيو 07 آگسٽ 1974ع تي شهدادڪوٽ پرسان ڳوٺ مُنڊُو چانڊيي ۾ ڄائو. تعليم ۾ "ايم.اي" جي ڊگري حاصل ڪيائين. 1993ع ۾ استاد بخاري جي شاعري کان متاثر ٿي، ادبي زندگيءَ جو آغاز ڪيائين ۽ شاعريءَ جي سکيا "ضمير ڪرل" کان ورتائين. سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

غزل

هارهُو ڏيئي جيت ڪسي ويو،
سڏڪا ڏئي سنگيت ڪسي ويو.

درديلا هُو نوحا بخشي،
خوشين وارا گيت ڪسي ويو.

ڪين خبر پئي ڪنهن کي ڪائي،
دلڙي اهڙي ريت ڪسي ويو.

اهڙو آيو يار زمانو،
جيڪو مون کان ميت ڪسي ويو.

**

گلاب چانڊيو

گلاب خان ولد احمد علي چانڊيو 05 جولاءِ 1975ع تي ڳوٺ لهڻو سامٽيو لڳ عاقل، تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. سندس تعليم مئٽرڪ آهي. ادبي دنيا جو آغاز 2001ع کان ڪيائين. سندس شاعريءَ ۾ استاد سعيد ميمڻ آهي.

شاعريءَ جي تقريب مروج صنفن تي طبع آزمائي ڪري چڪو آهي، سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

غزل

خدا مٽيءَ مان بنايو، مٽيءَ جو هان شاعر،
مان زندگيءَ کي آڳايو، مٽيءَ جو هان شاعر.

هوءَ ڍنڍ پاڻي جي، جنهن تي پکين جا وڳر،
مان تَن سان سُرُ آ ملايو، مٽيءَ جو هان شاعر.

پٿر جي بتَ کي چاهي، ها هاڻي سوچيان ٿو
مان وقت پنهنجو وڃايو، مٽيءَ جو هان شاعر.

مڃين نہ ٿو تہ نہ مڃ پَل اي دوست! تون مون کي،
مان رات اُپَ کي جُهڪايو، مٽيءَ جو هان شاعر.

پلي گلاب! حقيقت لڪاءِ تون جَڳَ کان،
مان توکي عرش پڄايو، مٽيءَ جو هان شاعر.

❊❊

امين چانڊيو

امين چانڊيو 1975ع ۾ ڳوٺ ”ڪاريجا چانڊيا“، تعلقي موري، ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو سونو خان چانڊيو آهي.

امين چانڊيو نئين ٽهي جي سٺن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس شاعري جو پهريون ڪتاب ”عڪس ۾ رقص“ ڪنول پبليڪيشن قمبر، طرفان 2014ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي، سندس شاعريءَ ۾ ڏک، درد الم، سک ۽ سونهن جهڙا موضوع سمايل آهن. سندس شاعريءَ جو ڪجهہ نمونو پيش ڪجي ٿو.

هو نہ آهي پيار کي ڪاڏي ڪيان،
عشق جي اظهار کي ڪاڏي ڪيان.

درد دل جو حال اوريندو هئس،
برهہ جي اڄ بار کي ڪاڏي ڪيان.

چاهہ ناهي ايترو ڪاري رڪان،
سمنڊ کان وڌ سار کي ڪاڏي ڪيان.

آس جا احساس زخمي ٿا رلن،
پيار جي هن هار کي ڪاڏي ڪيان.

آرزو ۽ جستجو جذبو ٽڪل،
زندگيءَ جي دار کي ڪاڏي ڪيان.

❊❊

حفيظ ڪلواٽي چانڊيو

عبدالحفيظ ولد غلام مرتضيٰ (مرتضائي چانڊيو) پهرين جنوري 1976ع تي ڳوٺ غلام مرتضيٰ چانڊيي، تعلقي شهدادڪوٽ ۾ ڄائو. پرائمري تعليم، ڳوٺ نيڪ محمد مغيري، جعفر ٻرڙو ۽ حاجي نياز احمد چانڊيي ۾ حاصل ڪئي، ۽ مئٽرڪ جي تعليم هاءِ اسڪول قبي سعيد خان مان حاصل ڪيائين. 1990ع ۾ ادبي زندگي جو آغاز شعروشاعريءَ سان ڪيائين، شاعري ۾ سندس استاد پيرل قمبر ۽ غلام مرتضيٰ چانڊيو آهي، سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

غزل

هي پکڙا پراڻا وساري چو ويٺين،
ڪچا گهر ڪکاڻا وساري چو ويٺين.

وجي ٿي بي الڪو سمهين پئين سراندي،
ٻنا ڏئي وهاڻا وساري چو ويٺين،

سگهو اچ هلي تنهنجو هر هر پڇن ٿا.
لَيون ڪرڙ لاڻا وساري چو ويٺين.

هجئي حيف "ڪلواٽي" جيئري "حفيظ"،
هي جُهڳڙا اباڻا وساري چو ويٺين.

❋❋

ملهار چانڊيو

ملهار جو اصل نالو غلام مصطفيٰ آهي، غلام مصطفيٰ ولد حسين بخش چانڊيو تاريخ 20 جنوري 1977ع تي تعلقي قمبر جي ڳوٺ لشڪري چانڊيي، ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ڄائو.

ملهار صاحب تعليمي ميدان ۾ "BSC"، "ايل. ايل. بي" ۽ اليڪٽريڪل جي ڊگري حاصل ڪئي آهي، ۽ سال 2002ع کان "واپڊا" کاتي ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي.

ادبي زندگيءَ جو آغاز 1993ع کان ڪيائين، سال 2000ع ۾ هڪ ادبي رسالو "نئون سفر" جي نالي سان جاري ڪيائين، کيس ادبي خدمتن جي ڪري ماهوار ڊائجسٽ "هالار" ۽ سنڌ رنگ" طرفان مڃتا سرٽيفڪيٽ مليل آهن. سندس شاعريءَ مان هڪ شعر نموني خاطر پيش ڪجي ٿو.

گهر اڱڻ تي هيڪلو وڻ،
تنهنجي اوسيئڙي ۾ آ جڻ،
هاءِ جيون تو پڇاڻان،
جيئن هجي ويران ڪو رڻ.

❋❋

عبيدالله "عبيد" چانڊيو

عبيدالله ولد غلام مرتضيٰ (مرتضائي چانڊيو) 03 مارچ 1977ع تي ڳوٺ غلام مرتضيٰ چانڊيي، تعلقي شهدادڪوٽ (هاڻوڪي تعلقي قبي سعيد خان) ۾ ڄائو سندس تعليم مئٽرڪ آهي. شعرو شاعري سان ڪيس دلي لڳاءُ آهي ۽ پاڻ به شاعري لکندو رهي ٿو سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

غزل

دلبر ڪئي جدائي تقدير ڪان پڇان ڇا؟
آ اُن ڪُنو اکين سان تڪبير ڪان پڇان ڇا؟

مون تي نشان پنهنجو پورو پرين ڪيو هو
بي رحَم ٿي هنيائين تنهن تير ڪان پڇان ڇا؟

ڪمڙي خطا جي عيوض هيڏي سزا ملي آ،
نيشان آهي ظاهر زنجير ڪان پڇان ڇا؟

بسمل اڳيئي دل هئي، مجروح اڄ به ٿي پئي،
گهايل جگر ڪيو ڪنهن شمشير ڪان پڇان ڇا؟

تلطف "عبيدُ چانڊيو" اڄ يي آهي پرينءَ جي،
آيو نہ پاڻ دلبر تاخير ڪان پڇان ڇا؟

**

وحيد چانڊيو نُورياڻي

وحيد احمد ولد محمد انور چانڊيو 20 فيبروري 1977ع تي ڳوٺ جام خان چانڊيي، تعلقي قمبر، ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده ضلعي قمبر شهدادڪوٽ) ۾ ڄائو پرائمري تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ جام خان چانڊيي ۾ حاصل ڪيائين مئٽرڪ هاءِ اسڪول قمبر ۽ انٽر جي تعليم شاهہ لطيف ڪاليج قمبر مان حاصل ڪئي. سندس تعلق چانڊين جي نُورياڻي پاڙي سان آهي.

پيشي جي لحاظ کان پاڻ هاءِ اسڪول ٽيچر (HST) آهي. شاعري جي شروعات نائين جماعت ۾ پڙهڻ دوران ڪيائين. سندس شاعري سنڌ جا مختلف فنڪار ڳائيندا رهن ٿا. هتي سندس شاعريءَ مان هڪ غزل هيٺ ڏجي ٿو.

غزل

اجرڪ ويڙهي ڪلهن تي ۽ سنڌي ٽوپي پائي،
سباجهڙا او سنڌي توکي سلام آهي.

مهراڻ ۾ سرهاڻ آ. توسان ئي رب ٿو جاڻي،
ڌرتيءَ جو آهين دودو مولا توکي وڌائي.

رکوالو ٿي تون راڻا، هن سنڌ جو سدائين،
ان لاءِ توکي جيجل وڏڙو ڪيو نپائي.

تنهنجي شان ۾ لکي ٿو هي گيت "وحيد چانڊيو"،
عظمت تنهنجي او پيارا سجي ڏيهہ کي ٻڌائي.

**

فراخ جانوري

فراخ جانوريءَ جو اصل نالو همت علي ۽ سندس والد جو نالو قرب علي آهي فراخ جانوريءَ جو جنم 22 جنوري 1978ع تي ٿيو. ادبي دنيا ۾ شاعر طور سڃاتو وڃي ٿو سندس شاعري مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندي رهي آهي، سندس شاعريءَ جو اڻڇپيل ڪتاب ”زندگي ڪي ڳائبو“ وٽس قلمي شڪل ۾ موجود آهي، سندس شاعريءَ مان هڪ غزل پڙهندڙن آڏو پيش ڪجو ٿو.

غزل

لهرون لهرون ٿي وئي دل جي ندي آ،
ياد اوٿر جيئن سيني ۾ لٿي آ.

تنهنجي چاهت جي ٽڏيري چانوَ پويان،
ڏرتتين ۾ زندگي ڪيڏو جلي آ.

جا سچائي جو ٻڏي سندرو لٿي آ،
هر لهر دريا مان سا پار ٿي آ.

هي وڇوڙو آهي يا آڙاهه ڪوئي،
دل چري جي خاڪ ٿي وئي هر خوشي آ.

ڏاڍ جي انڌير ۾ آهيون صدين کان،
آجپي جي وئي لٿي هر روشني آ.

زندگي جهومڻ لڳي آ بي خودي ۾،
جيئن ئي تنهنجي نظر آئي ڳلي آ.

گيت نغما ۽ غزل گوئي ”فراخ“،
هي سڀ ڪجهه خوشبو تنهنجي پيار جي آ.

❋❋

علي احمد ”منتظر“ چانڊيو

اصل نالو: علي احمد ولد فضل محمد چانڊيو
جنم: 05 مئي 1975ع، ڳوٺ ميان علي شير چانڊيو تعلقو قمبر
موجود رهائش: لاڙڪاڻو.
تعليم: مئٽرڪ
ادبي سڃاڻپ: شاعر (سنڌي ۽ اردو جو شاعر)

غزل

وفائون ٿو ڳولهيان، بي وفا جي شهر ۾،
پاڻ کي ٿو روليان، بي وفا جي شهر ۾.

ڏاڍن سندي ڏاڍ جو ڌهڪاءُ آ،
ٻڙڪ نه ٿو ٻوليان، بي وفا جي شهر ۾.

نه ڪو ٻڌڻ وارو، نه ڪو سمجهڻ وارو،
ڪنهن سان سور سليان، بي وفا جي شهر ۾،

”منتظر“ ماندو سواءِ سڄڻ جي،
خوشيون ٿو ڳولهيان، بي وفا جي شهر ۾.

❋❋

ياسين چانڊيو

محمد ياسين ولد خادم حسين چانڊيو تعلقي باقراڻي، ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ "آندل خان چانڊيي" ۾ پهرين فيبروري 1980ع تي ڄائو. تعليم "بي.اي" تائين حاصل ڪيائين ۽ هاڻ تعليم ڪاتي ۾ پرائمري استاد طور پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

هن شاعريءَ جي شروعات 2003ع ۾ ڪئي، ۽ شاعري جي سکيا مشهور شاعر حبدار سولنگيءَ کان حاصل ڪيائين، خاص ڪري "غزل ۽ وائي" جي صنف ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندو ٿو رهي.

ٺهڪ تنهنجا گيت جي آهن مثل،
مرڪ تنهنجي ڄڻ ته آ ڪوئي غزل.
آءُ تو ڏي ايئن ٿو ڇڪجي اچان.
ڄڻ هِنئين جي ڏور آ توسان ٻڌل.

❊❊

خادم سناٽي

خادم حسين ولد ميانداد چانڊيو 11 مارچ 1980ع تي ڄائو. سندس تعليم "بي اي" آهي.

1994ع ۾ ادبي زندگيءَ جو آغاز شاعريءَ سان ڪيائين، سندس شاعريءَ مان هڪ وائي نموني خاطر پيش ڪجي ٿي.

وائي

سک چين کسي ٿي،
فيڪلٽي جي ڇوڪري،
تنها ويهي روم ۾،
ڪي گيت چئي ٿي.
فيڪلٽي جي ڇوڪري،
قاضي جي ته مزار تي،
هر روز وڃي ٿي.
فيڪلٽي جي ڇوڪري،
روزانه هُو فون تي،
طعنا هڻي ٿي،
فيڪلٽي جي ڇوڪري،
ٽارين مان ڪي گل پٽي،
چوٽيءَ ۾ هڻي ٿي.
فيڪلٽي جي ڇوڪري،

❊❊

خالد چانڊيو

خالد حسين ولد ڄام خان (زخمي چانڊيو) 05 جنوري 1981ع تي ڳوٺ "جواب پور" تعلقي ڳڙهي ياسين، ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو.

تعليم ۾ "ايم.اي" سنڌي ۽ "بي ايڊ" جي ڊگري حاصل ڪري چڪو آهي، 1991ع ڌاري ادبي دنيا ۾ داخل ٿيو ۽ سندس ادبي سڪيا سندس ئي والد محترم زخمي چانڊيي ۽ سنڌ جي باغي شاعر سرڪش سنڌي ڪئي. خالد صاحب نثر نويس سان گڏ سٺو شاعر به آهي، سندس شعر جو نمونو جنهن ۾ درد جو داستان سمايل آهي.

منهنجون آليون اکيون لاڙڪاڻه شهر،
خواهشيون اڌمُيون لاڙڪاڻه شهر.
ڇا نه واڪا رڙيون التجائون هيون،
لوڪ ڪي حيرتون لاڙڪاڻو شهر.

❋❋

ضمير حيدر چانڊيو

ضمير حسين ولد نياز علي چانڊيو 02 اپريل 1981ع تي ڳوٺ دريا خان چانڊيي، ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ڄائو.

ادبي زندگيءَ جو آغاز 2005ع ۾ شاعريءَ سان ڪيائين. شاعري جي مختلف صنفن جهڙوڪ، غزل، گيت، وائي، چوسٽن وغيره تي طبع آزمائي ڪري رهيو آهي، سندس پسنديده صنف غزل ۽ نظم آهي.

غزل

ڪيڏو آهي هو اجارو شام جو
ٽڪجي پيو شايد آ يارو شام جو.

اجنبي جيئان مون رلندي هو ڏٺو
راهه ۾ ڀٽڪيل ويچارو شام جو.

نا اميديءَ جو نه هان پيڙي سوار،
نيٺ ملندو ڪو ڪنارو شام جو.

ياد آ مون سان به گڏ هو ڪي گهڙيون،
هڪڙو منڙو يار پيارو شام جو.

گڏ پکين جون گڏ قطارون دوستو
ڪيڏو دلڪش آ نظارو شام جو.

ٻار هَس بک تي تڏهن گُهرندو رهيو
ڪين مِليس ڪو اڌارو شام جو.

تو اڳيان جي ڪين اگهياسين "ضمير"،
هوندو گردش ۾ ستارو شام جو.

”وفا“ الله ڏنو چانڊيو

الله ڏنو ولد عبدالحليم چانڊيو تاريخ 05 فيبروري 1982ع تي ڳوٺ ميهوال خان جانوري ۾ پيدا ٿيو.

ادبي زندگيءَ جو آغاز 1999ع کان شاعري سان ڪيائين. شاعريءَ ۾ ”وفا“ تخلص ڪم آندو اٿس. سندس شاعري مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندي رهي آهي، هتي سندس هڪ غزل پيش ڪجي ٿو.

مونکي پنهنجو پيار ملي ويو،
ٻانهن جو آ هار ملي ويو.

ڏاڍو ڪيم انتظار بيچين ٿي،
هاڻي مون کي قرار ملي ويو.

هن جو ڪوئي مٽ ئي ناهي،
اکڙين جو آ ٺار ملي ويو.

ڳولهي ”وفا“ هي گل ڪنيون آ.
ساجن خوشبودار ملي ويو.

**

ساجد چانڊيو

ساجد حسين ولد ڄام خان (زخمي چانڊيو) 10 آڪٽوبر 1984ع تي ڳوٺ ”جوابپور چانڊيي“، تعلقي ڳڙهي ياسين، ضلعي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. تعليم ۾ ايم فل (سنڌي ادب) جي ڊگري حاصل ڪيائين. پيشي جي لحاظ کان پاڻ ڪاليج ايجوڪيشن کاتي ۾ ليڪچرر آهي.

ساجد صاحب مسلسل محنت ڪندو رهي ٿو ۽ سنڌي ادب جي تاريخ تي هڪ بهترين ڪتاب ”سنڌي ادب ڪلاسيڪيت کان جديديت تائين“ لکيائين جيڪو 2020 ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

ساجد چانڊيو نثر نويس سان گڏوگڏ سٺو شاعر به آهي سندس شاعريءَ مان هڪ غزل جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

غزل

ڪئين خطائون مرڪن ٿيون،
عشق ڪٿائون مرڪن ٿيون.

منهنجي آڏو پوپٽ ٻڌجي،
تنهنجون ادائون مرڪن ٿيون.

ڪنهن جي آڏو ميندي سجايل،
هٿ ريکائون مرڪن ٿيون.

گهوٽ جي پرسان الهڙ ڇوريون،
ڏسندي لائون مرڪن ٿيون.

لبن تي آهي، تنهنجو نالو،
تڏهن دعائون مرڪن ٿيون.

تنهنجي جفائن آڏو ”ساجد“،
منهنجون وفائون مرڪن ٿيون.

**

حفيظ چانڊيو (حفيظ زخمي چانڊيو)

حفيظ چانڊيي جو جنم سنڌ جي علمي ۽ ادبي ڳوٺ ”جوابپور چانڊيو“ ضلعي شڪارپور ۾ 06 جُون 1985ع تي ٿيو. هن پنهنجي فڪري خلوص علم ۽ ادب سان نہ صرف هڪ ادبي سڃاڻپ قائم ڪئي آهي، پر سنڌ جي مزاحمتي شاعري جي علامت زخمي چانڊيو جو ٽيون نمبر پٽ هجڻ جي حيثيت سان انقلابي ورثي جو محافظ بہ آهي.

ادب ۾ سندس سڃاڻپ، شاعر، ڪالم نگار، نقاد ۽ ڪهاڻيڪار طور آهي، هن جي تحريرن ۾ درد، ڌرتي جي محبت سڪ ۽ پيار سمايل آهي، سندس ادبي شخصيت جي حوالي سان لکيل تعارف پڻ اهميت جوڳا آهن، پيشي جي لحاظ کان پاڻ پرائمري استاد آهي، ۽ سماجي ڪمن ڪارين جي ڪري ڪيس ڪيترائي دوست ”لاڙڪاڻي جو ايڌي“ بہ سڏيندا آهن. سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

دل کان پري رکيو ٿي،
ڪنهن کان اهو سکيو ٿي.

محبت جي ڳالھ ڪئي آ،
ڪاوڙ مان چو تڪيو ٿي.

منهنجو تہ ساھ هاڻي،
مٺ ۾ رکي چڙهيو ٿي.

گل جي پلي آ قسمت،
چوٽيءَ ۾ جو هنيو ٿي.

مان بد مزاج آهيان،
مون لاءِ ڪنهن چيو ٿي؟

آ هِيءَ ”حفيظ“ تنهنجو
مس مس ڪٽي مجيو ٿي.

مقبول احمد چانڊيو

مقبول احمد ولد عبدالرشيد چانڊيو 4 جنوري 1988ع تي ڳوٺ غلام مرتضيٰ چانڊيي، تعلقي قبي سعيد خان ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ڄائو پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين. مئٽرڪ ۽ انٽر قبي سعيد خان مان، ”بي.اي“ ۽ ”ايم. اي“ جي ڊگري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شهدادڪوٽ مان حاصل ڪيائين.

2022ع-4-28 تي پرائمري استاد طور مقرر ٿيو. سندس شاعري مختلف فنڪار ڳائيندا رهن ٿا. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

سَؤ بار ڪرتون سر قلم توکي اف نہ چئبي دلربا،
سر جي اگر ڪٽجي ويو نہ ميار ڪا ڏبي دلربا.

جئين وٽئي پيو ڪر پرين، جي ڪيان ڪافر ٿيان،
خاموش ٿي تنهنجي منا هر ڳالھ مڃبي دلربا.

مجال آ ڪهڙي مون کي جو تنهنجي سامهون ٿيان،
سک چني پل ڏک ڏئي نہ ڪا، پڙڪ ڪڇبي دلربا.

تاقيامت تائين ”مقبول“ تي رهندو تنهنجو
تنهنجي جفا سان ”چانڊيا“ پوءِ پي وفا ڪبي دلربا.

**

منصور سرمد

نالو: منصور احمد ولد سونو خان (سرمد چانڊيو)
جنم :04 مارچ 1987ع، ڳوٺ جمع خان چانڊيو تعلقو قمبر
موجوده رهائش: لاڙڪاڻو شهر
تعليم: بي. اي.
ادبي سڃاڻپ: شاعر

غزل

درد دل جو غبار وڌندو ويو،
پوءِ تو ساڻ پيار وڌندو ويو.

ڪيڏو پئجي ويا پري آهيون،
پيار جو پر معيار وڌندو ويو.

جئين پيريءَ ۾ پير پاتو ٿئي،
تيئن حسن ۾ نکار وڌندو ويو.

حسن ۾ جئين نکار آيو "منصور"،
شاعرن جو شمار وڌندو ويو.

**

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو

اشفاق چانڊيو

اشفاق احمد ولد اظهر حسين چانڊيو 01 آگسٽ 1988ع تي پيدا ٿيو تعليمي ميدان ۾ "ايم. اي." جي ڊگري حاصل ڪري چڪو آهي. سندس رهائش چانڊيا محلہ قمبر ۾ آهي.

ادبي دنيا ۾ 2004ع ۾ داخل ٿيو آهي، شاعريءَ ۾ سندس استاد قمرالدين "قمر" آهي، شاعريءَ جي مختلف صنفن جهڙوڪ: غزل، وائي، گيت، نظم ۽ بيت وغيره تي طبع آزمائي ڪري چڪو آهي.

سندس شاعريءَ مان هڪ غزل هيٺ ڏجي ٿو.

غزل

نہ زندگيءَ جو ڪو پل بہ ميرو ڪري هان نڪتو،
جتان بہ گذريم اتان سويرو ڪري هان نڪتو.

جتي بہ اونداهي راتين جي هئي حڪومت،
ختم سمورو اتان انڌيرو ڪري هان نڪتو.

اڪيڙي اوڙر ارادو منهنجو ڪڏهن نہ سگهندو،
مٿان مان تنهن جي پنهنجو بسيرو ڪري هان نڪتو.

ڪڏهن ٿيون ساڙن ڪڏهن ٿيون نارن گلاب منهنجا،
مان موسمن کي تڏهن ڏکيرو ڪري هان نڪتو.

حيات جي هن موت جي جرگي ۾ "اشفاق"،
مان موت کي ماري نبيرو ڪري هان نڪتو.

**

طارق چانڊيو

طارق حسين چانڊيو، ولادت 28 نومبر 1990ع، باڍھ، ضلعو لاڙڪاڻو.

غزل

اکين جا پڇن ٿا ڳوڙها پرين،
ڪڏهن گهٽبا هي وڇوڙا پرين.

آءُ ڪجھ گهڙي آ زندگي باقي،
ٿيا هِن ساھ سوڙها پرين.

اسان لاءِ بندشون ۽ رنجشون ڇو،
ملن ٿا روز ڪيئي جوڙا پرين.

ساري شهر ۾ هُل آ ڪونہ ايندو،
اڇي هُل ڪر سارا ڳُوڙا پرين.

تنها ڏسي ٿا طعنا "طارق" کي ڏين،
تنهنجي شهر جا پڪا پوڙها پرين.

**

اياز چانڊيو

اياز حسين ولد عاشق حسين چانڊيو 1991ع-01-15 تي ڳوٺ لال محمد چانڊيي، تعلقي، قبو سعيد خان، ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ڄائو.

سندس تعلق چانڊين جي نٿراڻي پاڙي سان آهي، سندس والد عاشق حسين ايگريڪلچر آفيسر هيو. جيڪو تازوئي 30 مئي 2025ع تي قبيلائي تڪرار ۾ زخمي چانڊيي وانگر شهيد ٿي ويو.

جيئن تہ اياز چانڊيي ۾ تخليقي صلاحيت موجود آهي، زماني جي ظلم وستم، ماڻهن جون منافقيون ۽ محبوب جي ماڻن کي پنهنجي شاعري (نثري نظمن) ۾ قلمبند ڪندو رهي ٿو. سندس نثري نظمن جو ڪتاب "سفيد ورقن جي سيني تي"2011ع ۾ آڪاس پبليڪيشن ڪوٽڙي طرفان شايع ٿي چڪو آهي، سندس نثري نظمن مان هڪ نظم پيش ڪجي ٿو.

نثري نظم

سپ آهون اندر ۾،
ڊٻجي ويون آهن.
سپ سپنا،
ساپيان جي اميدن ۾.
اکين تائين محدود،
رهجي ويا آهن.
سپ يادون،
سيني منجھ پلجي ويون آهن.
ساھ نڙيءَ ۾ اٽڪندي ٿا ڪڇن،
وقت رڪجي رڪجي.
وهامي ٿو.
۽ تنهنجي آس جا ڏيئا،
اجهامندي اجهامندي بہ.
ٻري رهيا آهن،
تون ڏور آهين،
ڏاڍو ڏور، ڏاڍو ڏور.

بلال تبسم

بلال تبسم 24 مارچ 1996ع تي محمد اسلم ٽوٽاڻيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس تعليم انٽر آهي، بلاول صاحب سٺو نثر نويس ۽ سٺو شاعر به آهي. ادبي زندگي جو آغاز 2009ع ڌاري شاعريءَ سان ڪيائين، سندس شاعريءَ تي عبدالغفار تبسم جو اثر آهي، سندس شاعري، شاعريءَ جي گڏيل ڪتاب "روهيڙي جا رتا گل" ۾ شايع ٿي چڪي آهي، ۽ ان کان علاوه گڏيل شاعري جي ڪتاب "ادب آب حيات" ۾ به شايع ٿي آهي، جيڪو سندس ئي ترتيب ڏنل ڪتاب آهي.

غزل

ذهن کي ڪا تازگي بخشي نہ ٿي،
زندگي چو زندگي بخشي نہ ٿي.

مان اڪيلو پيڙ ۾ چو آهيان،
سوچ ھي آسودگي بخشي نہ ٿي.

زندگيءَ جي هر سفر جي پوڳنا،
ننڊ ۾ پيي خاطري بخشي نہ ٿي.

پيٽ کي گوڏا ڏئي ٿا سوچيون،
هيءَ سياست ڪا خوشي بخشي نہ ٿي.

ڪيتري بي نور ٿيندي ٿي وڃي،
ياءَ کي پيي ياٿري بخشي نہ ٿي.

مان "تبسم" باھ کي پيي گل ڪيان،
دوست! تنهنجي دوستي بخشي نہ ٿي.

**

وسيم چانڊيو

وسيم ولد ڄام خان (زخمي چانڊيو) پهرين فيبروري 1997ع تي ڳوٺ جوابپور چانڊيي، ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. ادبي زندگيءَ جو آغاز 2012ع ۾ ڪيائين، اردو ۽ سنڌي زبان ۾ شعر لکي رهيو آهي.

سنڌيءَ ۾ سندس تخلص "وسيم" آهي ۽ اردوءَ شاعري ۾ "فارث" تخلص استعمال ڪري ٿو ۽ ان کان علاوه نثر به لکندو رهي ٿو. نموني خاطر ٻہ ننڍڙا نثري نظم پڙهندڙن آڏو پيش ڪجن ٿا.

1. نا بالغ نظم

ماڻهو چون ٿا،
هن جا اڪثر نظم،
نا بالغ هوندا آهن.
شايد
منهنجا ڏک، هينئر تائين.
بالغ نہ ٿي سگهيا آهن،

2. گمشده

منهنجا نظم ڪائنات جي،
ڪک مان اهي ڄميل ٻار آهن،
جن جو پيءُ ڪيئي سالن کان.
گمشده آهي.

**

اسلم هزار چانڊيو

محمد اسلم ولد هزار خان چانڊيو 24 جولاءِ 2002ع تي ڳوٺ علي گل چانڊيو، تعلقي ڳڙهي ياسين، ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. ادبي دنيا ۾ 2020ع ۾ داخل ٿيو. اسلم هزار ڪالم، ڪهاڻيون ۽ شاعري به لکي ٿو. سندس هڪ ڪتاب ”جاگيردارن سان جنگ“ (ترتيب) 2024ع شايع ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ شهيد نصرالله گڏاڻي جي بهادري، همت ۾ جرئت کي ڀيٽا ڏني وئي آهي. اهو سندس ساراهه جوڳو عمل آهي. اڻ ڇپيل ڪتاب ”ڳولها“ (ناول) ۽ ”ڪنوارين اکين جا خواب“ (نثري نظم) وٽس قلمي شڪل ۾ موجود آهن. سندس شاعريءَ مان هڪ نثري نظم نموني خاطر پيش ڪجي ٿو.

ساحل تي مان اڪيلو
مون ساڻ ڪير ڪونهي.
مان زندگي کي هاڻي،
پيو ماڻ سان جيئان ٿو.
رستا ويران آهن.
ويران مان به آهيان،
۽ زندگيءَ جي قدمن،
آهي ڇڏيو ٿڪائي،
مون ساڻ ڪير ڪونهي،
مان شاعريءَ کي هاڻي.
پيو ماڻ سان ٻڏان ٿو
پيو ماڻ سان ٻڏان ٿو.
برسات پيي وسي ٿي.
۽ پيو گهلن هوائون،
ڪا ياد تنهنجي سائڻ.
مونکي ڇڏيو وڃائي،
مون ساڻ ڪير ڪونهي.
مان ڊائري کي هاڻ، پيو ماڻ سان لکان ٿو.

عبدالمَلڪُ چانڊيو

عبدالمَلڪُ چانڊيو 03 مئي 1927ع تي ڄائو. وارهه هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر ٿي رهيو. سڄي زندگي تعليم جي بهتري لاءِ ڪم ڪيائين 31 ڊسمبر 1986ع تي وفات ڪيائين. جئين ته عبدالمَلڪ چانڊيو شاعر به هو سندس شعر جون به سٽون پيش ڪجن ٿيون.

دنيا ۾ ٿو ڇئي هرڪو نه مون جهڙو آهي پيو ڪو،
نشاني حال پرکڻ جي سندس گفتار ئي بس آ.

**

منظور چانڊيو

منظور جي والد جو نالو جهان خان چانڊيو آهي، سندس تعلق چانڊين جي معارفاڻي پاڙي سان آهي، پاڻ وارهه جو ويٺل آهي ۽ وارهه تعلقي جو ناظم به رهي چڪو آهي. منظور چانڊيي وارهه جي تاريخ تي سنڌيءَ ۾ هڪ ڪتاب ”وارهه گزيٽيئر“ جي نالي سان ترتيب ڏئي 2021ع شايع ڪرايو آهي، جنهن ۾ وارهه جي سياسي سماجي، علمي ۽ ادبي تاريخ ڏني وئي آهي ۽ وارهه جي جاگرافيائي جوڙجڪ به ڏئي وئي آهي، سندس اهو ڪم ساراهه جوڳو عمل آهي.

**

استاد حيدري چانڊيو

حيدري چانڊيي جو اصل نالو محمد مٺل ولد خدا بخش چانڊيو آهي، سندس جنم 04 جنوري 1936ع تي ڳوٺ سعدي پيرلڳ سنڌو جا تعلقي موري ۾ ٿيو. تعليم سنڌي فائينل تائين حاصل ڪيائين، پيشي جي لحاظ کان پاڻ رٽائر استاد هيو.

ادبي دنيا ۾ ڪيس محقق ۽ لطيف شناس طور سڃاتو وڃي ٿو. سندس شايع ٿيل ڪتاب، 1. ”ستا اٿي جاڳ“ (مضمون)، 2. ”شاهه جون سورميون“ (تحقيق 2017ع) 3. ”ساٿي نه پسان سي“ (خاڪا)، 4. منهنجي من اندر جون ڳالهيون، (آتم ڪهاڻي 2017ع) ۽ 5. ”شاهه سنڌ جو ساهه“ 2019ع قابل ذڪر آهن. هن 04 جون 2022ع تي وفات ڪئي.

امير علي چانڊيو

امير علي چانڊيو ولد ولي محمد چانڊيو 24 مئي 1949ع تي ڳوٺ شاھ محمد چانڊيي لڳ قمبر، ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده ضلع قمبر شهدادڪوٽ) ۾ پيدا ٿيو.

ابتدائي تعليم ڳوٺ آباد جي مُلا مڪتب مان حاصل ڪيائين، انٽر لاڙڪاڻي ۽ "ايم اي" (انگريزي ادب) جي ڊگري سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان 1973ع ۾ حاصل ڪيائين، پوءِ ڪراچي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو.

ان ڪانپوءِ هن "سي ايس ايس" جو امتحان پاس ڪري پوليس کاتي ۾ "ASP" مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري DIG واري عهدي تي فائز ٿيو.

امير علي چانڊيي کي شاگردي واري دور کان وٺي ادبي ذوق هوندو هو. شروع شروع ۾ هن شاعري ڪئي، شاعريءَ ۾ گيت، غزل، وايون ۽ ڪافيون بہ لکيون ۽ موسيقي سان بہ ڪيس بيحد لڳاءُ هوندو هو. پاڻ سٺو نثر نويس، نقاد ۽ مترجم بہ هيو مهراڻ ۽ ٻين رسالن ۾ سندس مضمون ۽ مقالا شايع ٿيندا رهندا هئا.

امير علي صاحب شاھ لطيف رح جي بيتن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو اهو روزانہ "هلال پاڪستان" اخبار ۾ روزانہ هڪ هڪ بيت جو انگريزي ترجمو شايع ٿيندو رهندو هو. جيڪو سندس وڏو ڪارنامو هو، جنهن سندس علمي لياقت کي اجاگر ڪيو.

سنڌ جي هن اهل علم پوليس آفيسر 12 آڪٽوبر 1996ع تي هن فاني دنيا کي الوداع چئي وڃي حقيقي دنيا وسائي.

**

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو

اختر علي جانوري

سندس اصل نالو اختر علي ولد حسين بخش جانوري آهي، اختر جانوري کي پيشي جي لحاظ کان تہ پوري سنڌ سڃاڻي، ڇو جو اختر جانوري پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ "AIG" جي عهديءَ تي فائز رهيو آهي، ۽ هينئر رٽائر آهي، پر ادبي دنيا ۾ بہ ڪيس ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار جي حيثيت سان سڃاتو وڃي ٿو. ڊيڍ سَوَ کان بہ وڌيڪ ڪهاڻيون لکي چڪو آهي، ۽ سندس ٽيهاروڪن ڪهاڻيون شايع ٿي چڪيون آهن، جن ۾ "پٿائي پلاري تي ٿورو"، "پوگري" ۽ "ڪتي جو پڇ" قابل ذڪر آهن.

**

مختار جانوري

مختار علي ولد حسين بخش جانوري 15 ڊسمبر، 1956ع تي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.

تعليم ۾ مئٽرڪ جو امتحان "ڊي سي" هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي، انٽر پري انجنيئرنگ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي، ۽ B.E (بيچلر آف انجنيئرنگ سول) جي ڊگري مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ڪاليج) مان حاصل ڪئي.

1978ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ورڪس ۽ سروس کاتي ۾ اسسٽنٽ انجنيئر مقرر ٿيو ۽ چيف انجنيئر هاءِ وي ڊپارٽمينٽ حيدر آباد جي عهدي تان رٽائر ٿيو.

ادبي دنيا ۾ ڪيس شاعر، محقق، مضمون نگار ۽ مترجم جي حيثيت سان سڃاتو وڃي ٿو. ايران عراق ۽ شام جي سفر بابت سندس ڪتاب "هل هينئين سين هوت ڏي" (سفر نامو 2018ع) شايع ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ پاڪ زيارتن جو ذڪر ٿيل آهي.

**

خادم حسين چانڊيو

خادم حسين ولد اميد علي چانڊيو 01 سيپٽمبر 1961ع تي ڳوٺ شادي خان چانڊيي، تعلقي سڪرنڊ، ضلعي نوابشاهه ۾ ڄائو تعليم ۾ ”ايم اي“ (سنڌي ادب) جي ڊگري حاصل ڪيائين، واٽر مئنيجمينٽ ڪاٽي ۾ ملازمت تان رٽائر ٿيو آهي.

ادبي دنيا ۾ ڪيس محقق ۽ تاريخدان طور سڃاتو وڃي ٿو.

سندس شايع ڪتابن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

1. ماروجي ملير جا (ادبي تاريخ 2003ع)
2. سنڌ سڄي سرهاڻ (تاريخ 2010ع)
3. هوندا سي حيات (قيصر خان چانڊيي جي سوانح حيات)
4. نوابشاهه ڪان شهيد بينظير آباد تائين (تاريخ 2013ع)

❊❊

همير چانڊيو

همير علي ولد اعتبار علي چانڊيو 02 فيبروري 1979ع تي ڳوٺ مور خان چانڊيي، تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ ڄائو. تعليم ۾ ”ايم. اي“ انگريزي ادب جي ڊگري حاصل ڪيائين. ادبي دنيا ۾ ڪيس نقاد ۽ ڪالم نگار طور سڃاتو وڃي ٿو. سندس ڪالمن تي لکيل ڪتاب ”اداس شهر جي لڙتيل تاريخ“ 2017ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

❊❊

يار محمد چانڊيو

يار محمد ولد دين محمد چانڊيو 02 فيبروري 1978ع تي ڳوٺ عالم خان چانڊيي، تعلقي ڳڙهي ياسين، ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو تعليم ۾ ”ايم . فل“ جي ڊگري حاصل ڪئي آهي، سندس مقالي جو عنوان ”زخمي چانڊيي جي لکڻين جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو“ آهي. سندس شايع ٿيل ڪتابن جو تفصيل هيٺينءَ ريت آهي.

1. جنم جنم جو الميو (ڪهاڻيون 2014ع)
2. اجري ڌرتي ميرا ماڻهو (ناول 2014ع)
3. عشق جي آخري سرحد (ڪهاڻيون 2016).
4. سنڌو (ناول 2022ع)

❊❊

منير چانڊيو

منير احمد چانڊيو تاريخ 08 آڪٽوبر 1983ع، قمبر ۾ ڄائو تعليم ۾ ”ايم اي“ انگريزي ادب جي ڊگري حاصل ڪيائين، ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ ليڪچرر آهي، ادب سان ڪيس بيحد چاهه آهي، مسلسل لکندو رهيو آهي، سندس شايع ٿيل ڪتابن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

1. پاڪستان جا بحران ۽ انهن جو حل (ڊاڪٽر مبشر حسن جي ڪتاب جو ترجمو 2009ع)
2. انساني حقن جا معاهدا (ترجمو 2009ع)
3. ڪيف ڏاران ڪوهِ (ناول 2011ع)
4. توپچاڻان (ناول 2013)
5. بري هن پنيور ۾ (ناول 2017ع).

❊❊

جامي چانڊيو

جامي چانڊيي جو اصل نالو جاويد حسين ولد عبدالحي چانڊيو آهي، سندس جنم 11 مارچ 1969ع تي ڳوٺ نوڙهي بجار، تعلقي قمبر، ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ٿيو. تعليم ۾ ”ايم. ايس. سي“ (فزڪس) جي ڊگري حاصل ڪيائين ادبي دنيا ۾ ڪيس دانشور، نقاد ۽ محقق طور سڃاتو وڃي ٿو. نثر توڙي نظم تي ڪيس عبور حاصل آهي.

تاريخ هجي يا سياست هر موضوعَ جي ڪيس تمام سني ڄاڻ حاصل آهي، سياست، ادب ۽ تاريخ تي ڪيترائي ڪتاب لکي چڪو آهي، جن جو تفصيل ڪجهه هن ريت آهي.

1. سنڌي ادب ۾ تنقيد :شيخ اياز (ترتيب 1998ع
2. سياسي ادب، رسول بخش پليجي جون لکڻيون (ٽي جلد ترتيب 2005ع).
3. تبديلي جا محرڪ ۽ سنڌ جو آئينو.
4. ايم. ڪيو. ايم جي سياست ۽ سنڌ (2007ع).
5. تنهن پاڻي پنا ڏينهڙا.
6. ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا. (خاڪا 2007ع)
7. ادب سياست ۽ سنڌي سماج (2007ع)
8. سنڌي ادب ۾ تنقيد، افسانوي ۽ فڪري ادب (ترتيب).
9. لبرل ازم: هڪ اڀياس
10. سنڌي ادب ۾ تنقيد، ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري.
11. سنڌ ڪيس (2009)
12. ادبي تنقيد جا محرڪ ۽ سماجي ڪارج (2018ع)
13. سنڌي سماج تاريخي ۽ تنقيدي اڀياس

ان ڪان علاوه ٻه ٻين ڪيترن ئي موضوعن تي سندس ڪتاب لکيل آهن. مطلب ته ادب، سياست ۽ تاريخ تي ڪيس عبور حاصل آهي، لکڻ ۽ ڳالهائڻ جو وٽس وڏو ڏانءُ آهي.

**

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو

عزيز قاسماڻي

عزيز قاسماڻي 16 مارچ 1971ع تي ڳوٺ جمع خان چانڊيي تعلقي قبي سعيد خان ۾ ڄائو.

عزيز قاسماڻيءَ جو اصل نالو عبدالعزيز ۽ سندس والد جو نالو سونو خان (سرمد چانڊيو) آهي، جيڪو سنڌ جو ناليوارو اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن وٽ ڪمال جو فن ۽ فڪر هيو ۽ علم موسيقيءَ جو وڏو ماهر هيو. قاسماڻي چانڊيين جو پاڙو آهي. جنهن ڪري عزيز پاڻ کي چانڊيو سڏرائڻ بدران ”قاسماڻي“ سڏائڻ لڳو ۽ اڄ به عزيز کي عزيز قاسماڻي جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. عزيز قاسماڻي تمام سٺو نثر نويس به آهي، نثر ۾ سندس ڪتاب ”ڪجهه به نه“ ڪهاڻين جو مجموعو آهي، جيڪو 1999۾ شايع ٿي چڪو آهي ان ڪان علاوه شيخ اياز جي شاعري جي فن بابت سندس ڪتاب ”شيخ اياز جي غزل جو فن“ 2020ع ۾ شايع ٿيو آهي ۽ ان ڪان علاوه ”سنڌي شاعريءَ جو فن ۽ گهاڙيتا“ ڪتاب به شايع ٿي چڪو آهي. جيڪو تمام ساراهه جوڳو ڪم آهي.

عزيز قاسماڻي نثر سان گڏ نظم به لکندو رهي ٿو. شاعريءَ ۾ سندس استاد سرمد چانڊيو آهي، پيشي جي لحاظ کان عزيز قاسماڻي تعليم کاتي ۾ 19 گريڊ ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر آهي. سندس موجوده رهائش لاڙڪاڻي شهر ۾ آهي.

**

منل چانڊيو

محمد منل چانڊيو ولد غلام حيدر چانڊيو 03 اپريل1973 ع تي ڳوٺ عالم خان چانڊيو لڳ ڏڪڻ، تعلقي ڳڙهي ياسين، ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو تعليم ۾ ”ايم اي“ جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. پيشي جي لحاظ کان پاڻ استاد آهي. ادبي دنيا ۾ ڪيس ڪهاڻيڪار ۽ شاعر طور سڃاتو وڃي ٿو. سندس ڪهاڻين جا ٻه مجموعا ”منزل کان اورتي“ 2002ع. ۽ ”پيار جي ڌرتي دل جو ديس“ 2018ع شايع ٿي چڪا آهن.

❊❊

تيمور چانڊيو

تيمور علي ولد ڪوڙا خان چانڊيو 10 اپريل 1973ع تي دادو ضلعي جي ڳوٺ ”نيرهه شريف“ ۾ ڄائو.

1998ع کان ادبي زندگي جو آغاز ڪهاڻين لکڻ سان ڪيائين. ادبي دنيا ۾ ڪيس ڪهاڻيڪار طور سڃاتو وڃي ٿو.

❊❊

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو

ناياب سرڪش سنڌي

سندس اصل نالو رضيه ڌيءُ عبدالمجيد چانڊيو (سرڪش سنڌي) آهي. سندس جنم فيبروري 1965ع ڳوٺ سيد واهه لڳ ڏڪڻ، تعلقي ڳڙهي ياسين، ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو.

تعليم ۾ ”ايم. اي“ (سنڌي ادب) جي ڊگري حاصل ڪيائين. پيشي جي لحاظ کان پاڻ رٽائر ٽيچر آهي. ادبي دنيا ۾ ڪيس شاعره ۽ ڪالم نگار طور سڃاتو وڃي ٿو. مسلسل ادب سان واڳيل رهي آهي. ۽ لکندي رهي ٿي. سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾

1. مون ۾ آهين تون“ (شاعري 2012ع).
2. چا ٿا پڇو ته ڇا هيو“ (سرڪش سنڌيءَ بابت معلومات 2013ع)
3. ڍڪ پاڻيءَ ۾ ٻڏي مران (نثري ٽڪرا ۽ ڪالم)
4. عشق ڪي اڌ رنگ (ناول 2025) اڃي وڃن ٿا.

ناياب جيئن ته شاعره به آهي. سندس شاعريءَ مان هڪ غزل پيش ڪجي ٿو.

جي پيار مري ويندو،
سنسار مري ويندو.

اڄ جلدي منا جاني،
سينگار مري ويندو.

او ويج پري ته نه وڃ،
بيمار مري ويندو.

روئڻ کان جي روڪيندؤ،
اظهار مري ويندو.

وعدا نه مرن ”ناياب“،
اعتبار مري ويندو.

❊❊

ياسمين چانڊيو

ياسمين چانڊيي جو جنم 1978/79ع ڌاري لاڙڪاڻي شهر جي لاهوري محلہ ۾ ٿيو. پرائمري تعليم لاڙڪاڻي ۾ قمبر مان حاصل ڪيائين. اجا هُوءَ چوٿين درجي ۾ پڙهندي هئي، جو ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيائين.

سياسي ۽ ادبي ڪتاب پڙهڻ ۾ سندس وڏي ڀاءُ ارباب چانڊيي صحافي جو وڏو عمل دخل هو جنهن ڪري ياسمين چانڊيو کي، ادبي دنيا ۾ ڪهاڻيڪار ۽ شاعر طور سڃاتو وڃي ٿو ۽ سندس ٻہ ڪتاب. 1. نظم آهي زندگي (شاعري)، 2. ڀاندارو (ڪهاڻيون 2020ع) ۾ شايع ٿي چڪا آهن. سندس شاعريءَ مان هڪ غزل پيش ڪجي ٿو.

غزل

درد جا ڇڻ در ڏسي روئي پيس،
شاعري ڪاڳر ڏسي روئي پيس.

دنيا وئي خوشحال ٿي، ٿيا آڇپا،
سنڌ تنهنجا ٻرَ ڏسي روئي پيس.

ڳوٺ ۾ هُو چوڪريون پيون گاهہ ڪَنِ،
تن جا سنبريل وَرَ ڏسي روئي پيس.

قبضي خورن آ غريبن سان ڪئي،
تِن جا ڊهندي گهر ڏسي روئي پيس.

مون تہ آڇيا گل سڀ کي "ياسمين"،
ڪن هٿن پٿر ڏسي روئي پيس.

❁❁

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ چانڊيا قبيلي جو حصو

ساجده چانڊيو شڪارپوري

غزل

ڏئي ڪاريءَ جو ڪان عورت کي،
مارين ڇو ٿو شيطان عورت کي.

عورت تہ ماءُ، ڀيڻ ڌي آهي،
جتي نہ ڀانءِ مروان عورت کي.

ظالم زوريءَ پيو ٿو پرڻائين،
جهُور پوڙهي سان جوان عورت کي،

پيار ۾ ۾ پنهنجو ٻڌائي هن کي،
ڏي محبت ۽ مانُ عورت کي.

"ساجده" سچ تي لکندي رهندي،
نہ سمجهہ تون نادان عورت کي.

❁❁

ماجده چانڊيو

نثري نظم

تنهنجي اچن کان اڳ،
يادن جو سمنڊ.
ڇوليون هڻي اڀرڻ لڳو هو.
تڏهن دل کي يقين ٿيو تہ
ڪو وڇڙيل دوست!
اڄ ضرور ملندو.
*
جان!
عشق جي ندي،
تو ئي تہ ڏيکاري هئي.
۽
ان سهڻي نديءَ ۾
ترڻ بہ تو سيکاريو هو
پر اڄ هي ڇا ڪيئي؟!!
انهيءَ ئي نديءَ ۾،
پيار جي ناوَ پنهنجي هٿن سان،
ٻوڙي ڇڏيئي؟!!
**

زينت چانڊيو

نثري نظم

پاڳل ڇوڪري
هؤ پاڳل ڇوڪري
صحرا جي واريءَ تي پنهنجا نازڪ
۽ گورا پير رکندي
ڪنهن کي ڳولي ٿي.
ڇا ان اجنبيءَ کي، جيڪو ڪيس ڏسي
۽ لڪي ويجي ٿو.
پر هوءَ بي قرار ڇوڪري
ڪيئن سندس پيرا کڻي ٿي،
ڪڏهن تہ ڪيس ڳولي وٺي ٿي.
۽ ڪڏهن راهن ۾ رلي ويجي ٿي.
۽ پوءِ وري پاڻ کي ڳولي ٿي.
پنهنجي وکريل وارن وانگر.
پاڻ وکري ويجي ٿي.
اندر ۾ ٽٽي ويجي ٿي.
ايئن جيئن
ڪنهنجو خوبصورت سپنو
ٽٽي ويجي.
**

پريتما چانڊيو

غزل

پيار تنهنجي ۾ ڪوڙ شڪتي هئي،
جيئن مهراڻ ۾ موج مستي هئي.

حوصلن جي همت ساهه سان سانڍجي،
ڪٿي لڙي به تري ڪائي ڪشتي هئي.

منهنجي منزل به تنهنجي حدن ۾ پرين.
سوچ ذهنن ۾ ابتي ۽ سبتي هئي.

هار پنهنجي به هئي، جيت جي جهول ۾،
سا شڪستي گهڙي خوب شرطي هئي.

مات ڏيئي سگهي ڪين جڪڙي زنجير،
پيار آڏو رسم دل شڪستي هئي.

پيار تنهنجو "پريتم" وساري به ڪئين،
سار تنهنجي ٻڻي منهنجي سر تي هئي.

❋❋

ادنيٰ جانوري

ادنيٰ جانوري ولد الهه وسايو جانوري 29 فيبروري 1961ع تي دادو ۾ ڄائو سندس اصل نالو محمد صادق جانوري آهي. تعليم ڪاتي مان "بي اي" جي ڊگري حاصل ڪيائين، ادبي زندگيءَ جو آغاز 1979ع ۾ شاعريءَ سان ڪيائين، شاعري ۾ سندس استاد پيرل پرديسي هو. سندس شاعريءَ جو تعداد هڪ ڪتاب جيترو ٿيندو.

❋

ابرار چانڊيو

ابرار حسين ولد منظور حسين چانڊيو 17 جون 1964ع تي ميهڙ، ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو تعليم ڪاتي مان "ايم اي" جي ڊگري حاصل ڪيائين، پاڻ ايڪسائيز انسپيڪٽر ٿي رهيو.

ادبي دنيا ۾ 1988ع ۾ بحيثيت شاعر داخل ٿيو.

❋

يونس چانڊيو

محمد يونس ولد محمد سليمان چانڊيو 1966ع ۾ ڳوٺ سومر تيوٽي ۾ ڄائو. تعليم پنج درجا سنڌيءَ جا حاصل ڪيائين. روزگار سانگي پنهنجو ذاتي دڪان کوليائين.

1990ع ۾ ادبي زندگيءَ جو آغاز شاعريءَ سان ڪيائين، سندس شاعريءَ جو تعداد هڪ ڪتاب جيترو ٿيندو.

❋

محمد خان چانڊيو

محمد خان ولد محمد ابراهيم چانڊيو 1970ع ۾ ڄائو. تعليم ڪاتي مان پنج درجا سنڌيءَ جا پاس ڪيائين ۽ زميندار ڌنڌي سان لڳي ويو.

1990ع ۾ ادبي زندگيءَ جو آغاز شاعريءَ سان ڪيائين، سندس شاعريءَ جو مواد هڪ ڪتاب جيترو ٿيندو.

❋❋

مسڪين حسين علي چانڊيو

سندس اصل نالو حسين علي ولد محمد عرس چانڊيو آهي، تاريخ 05 مئي 1971ع تي ڳوٺ شادي خان چانڊيي ۾ ڄائو.

تعليمي ميدان ۾ ”بي. اي“ جي ڊگري حاصل ڪيائين، پيشي جي لحاظ کان پرائمري استاد آهي.

ادبي دنيا ۾ 1987ع ۾ داخل ٿيو شاعري جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪري رهيو آهي، شاعري ۾ سندس استاد محبوب ڏيپر آهي.

❋

الستي چانڊيو

”الستي“ جو اصل نالو عبدالغفور ولد محمد حسين چانڊيو آهي، 23 اپريل 1973ع ۾ ڳوٺ گل محمد چانڊيي، تعلقي خيرپور ناٿن شاهه، ضلعي دادو ۾ ڄائو. تعليم ڪاٽي مان ”B.S.C“ ۽ ”M.A“ جي ڊگري حاصل ڪيائين، 1988ع کان ادبي زندگي جو آغاز شاعريءَ سان ڪيائين. سندس اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ ”سپنا ماضيءَ جا“ (شاعري) ۽ ”تنهنجي تلاش“ ڪهاڻيون شامل آهن. ❋

وفا بهادر چانڊيو

بهادر چانڊيو ولد الهداد چانڊيو 28 جنوري 1973ع تي ڳوٺ بهرام خان لڳ پاٽ شريف ضلعي دادو ۾ ڄائو. تعليم ڪاٽي مان ”بي اي“ تائين تعليم حاصل ڪيائين، سنو سماجي ورڪر به آهي، ادبي زندگيءَ جو آغاز شاعري سائين ڪيائين. شاعريءَ سندس استاد فدا ڪلرائي ۽ الهنواز رڪڻائي آهي. ❋

محبوب جانوري

محبوب علي ولد گل محمد جانوري 05 جولاءِ 1974ع تي ڳوٺ ڪنديور تعلقي ميهڙ ۾ ڄائو. سندس تعليم انٽر سائنس آهي. ادبي زندگي جو آغاز 1989ع ۾ ڪيائين، ۽ ادبي دنيا ۾ شاعر جي حيثيت سان سڃاتو وڃي ٿو. ❋❋

پرديسي گلشير چانڊيو

گلشير ولد عبدالرحيم چانڊيو 24 مارچ 1976ع تي ڳوٺ پيچاهو تعلقي خيرپور ناٿن شاهه، ضلعي دادو ۾ ڄائو. سندس تعليم انٽر (ٻارنهن درجا) آهي. 1990ع ۾ ادبي زندگيءَ جو آغاز شاعريءَ سان ڪيائين.

❋❋

تنها شبير چانڊيو

شبير چانڊيو ولد حاجي علي اصغر چانڊيو 20 جُونُ 1980ع تي ڳوٺ قاضي عارف تعلقي ميهڙ، ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو.

تعليم ڪاٽي مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين، ادبي زندگيءَ جو آغاز 1995ع ۾ شاعريءَ سان ڪيائين، ۽ سندس شاعريءَ جو ڪافي مواد وٽس موجود آهي.

❋❋

خادم چانڊيو

خادم چانڊيو ولد شمن علي چانڊيو 1980ع ۾ وارهه ۾ پيدا ٿيو. پر مستقل رهائش سندس ميهڙ آهي، تعليم پنج درجا سنڌي جا پڙهيو ۽ ادبي دنيا ۾ سندس سڃاڻپ شاعر طور آهي.

❋❋

فيض محمد جانوري چانڊيو

فيض محمد ولد حبيب الله جانوري چانڊيو 1920ع ڌاري ڳوٺ ٻيڙاٽي، تعلقي قنبر ۾ ڄائو. قرآن پاڪ شُهدادڪوٽ ۾ مولوي علي محمد ۽ مولوي امام الدين وٽ پڙهيو. ادبي زندگي جو آغاز 1942ع ۾ سگهڙ فقير لعل بخش چانڊيي ۽ لعل بخش گاهيجي کان متاثر ٿي ڪيائين، ان کان علاوه حمل فقير شاهه محمد ديدڙ ۽ ٻيڙل فقير جي ڪلام جو مٿس گهڻو اثر آهي. شاعري ۾ سندس استاد قلندر بخش جانوري چانڊيو هو. شعر ۾ سندس پسنديده صنف نعت هئي. نعت جي ڪري سندس پسنديده شاعر ڊاڪٽر نذير احمد جروار ۽ نظام الدين نظام گوپانگ هو. فيض محمد اڪثر ڪري معاشري ۾ ٿيندڙ واقعن کي پنهنجي شعرن ۾ قلمبند ڪيو آهي.

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

وڏن جون رسمون پراڻيون وڃن ٿيون،
آيا ٽُوٽَ ٽرڙا رهاڻيون وڃن ٿيون.
پوڙهيون ٻه پئسن تي وڪاڻيون وڃن ٿيون.

ڏين ڪونہ پاءُ کي وٺن ڏوڙ ڏَنُ،
نہ ٿو سمجهين ڇا يار هي پندرنهون آ سَنُ؟

عدالت جو ڏيئو وسامي ويو آ.
پٽو ڪونہ توکي اڃا تائين پيو آ،
شرافت ۽ انصاف ڪا ٿي رهيو آ.

ڪُڇي ڪير ڪنهن سان پَٽِنِ ٻئي ٿا ڳَنَ،
نہ ٿو سمجهين ڇا يار هي پندرنهون آ سَنُ؟

اڄ انجنئر اي سي پئسين ملي ٿو،
دڪي تي بيلدار هر هر ڪلي ٿو.
بچت آهي پاڻي پيو سمنڊ ۾ هلي ٿو.

اهڙي انجنيئر کي ڏيو يارَ ٻَنِ،
نہ ٿو سمجهين ڇا يار هي پندرنهون آ سَنُ؟

قلندر پٽائي کي سيکو پڪاري،
هٿن تي ساڪاٽي ڪرامت ڏيکاري،
انتر ۽ منتر پڙهي ٿو شوڪاري،

وريل ڪٽي ٿو ٻڪرو روئي ٿو رَبَنُ.
نہ ٿو سمجهين ڇا يار هي پندرنهون آ سَنُ؟

آيو سَنُ اهڙو ڦڏن تي ڦڏا،
وٽن رول رلندا، ڪنديئي ڪم جڏا،
هتان جا هتئون پيا پَٽيون ايندئي ڪڏا.

هاڻي لڪين جو ٿو پائو ٿاٽي تي ٿي رَنَ،
نہ ٿو سمجهين ڇا يار هي پندرنهون آ سَنُ؟

ڇوي زال مڙس کي تون آهين ردي،
خير توکي ناهي آ پندرنهين صدي.
مٿو ڳيئي ڇورو، ڪيئي مون کي ادي.

ناهيان مينهن مان جو ڪائيندس پَنُ،
نہ ٿو سمجهين ڇا يار هي پندرنهون آ سَنُ؟

وڪيلن جي ور فريادي چڙهي ويو،
ٻريل باهہ ۾ ڄڻ ڪرڙو سڙي پيو،
هليل ڪيس مان ڇو پائو لڙي ويو.

وڃائي ٿو وات سان اسٽين ڳَن،
نہ ٿو سمجهين ڇا يار هي پندرنهون آ سَنُ؟

❁❁

محمد حيات چانڊيو هائُراڻي

محمد حيات چانڊيو ڳوٺ ٻهار چانڊيو تعلقي قمبر ضلعي لاڙڪاڻي موجوده ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ 1940ع ڌاري ڄائو. سنڌ جي سٺن ۽ سريلن سگهڙن ۾ شمار ٿئي ٿو. سگهڙن جي وڏين وڏين ڪچهرين ۾ شرڪت ڪيائين ۽ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري داد حاصل ڪيائين. "ٽي وي" جي پروگرامن ۾ شريڪ ٿيو پنهنجي پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ جي ڪري ڪيس سڄي سنڌ ۾ مشهوري ملي.

محمد حيات چانڊيي 2005ع ۾ وفات ڪئي. سندس شاعريءَ جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

رول ماڻهو

رول ماڻهو پيو رُلي پني ٻاڙون ٻڪائي،
بيهي ميل مردن ۾ پيو پاڻ کي پڏائي.
تہ ڏھ ڏھ پيرا ڏينهن ۾ اچان وڃيريون ورائي،
هڪ تہ وڃن ٿيون اڻ ڏڏيون، پيو اوطاق بہ آهي.
ڪو دوست آيس در جڏهن پنهنجو پڇائي،
تہ نياپو ڪري نينهن جو پيو ٻار کي ٻڌائي.

پاڻ وري پوبون پيو ڪنڌيءَ ڪان ڪنائي،
تہ ياءُ ٿي پلائي ڪر وڃ مهمان موٽائي،
پڪل تہ پاڻ وٽ پائونيرن بہ نہ آهي.
ڪاڪو بہ (ڪالهاڪون) ٿو ڏڪڻ ڏسائي.
ٻن ڏينهن ڪان پوءِ پيو ٻتا پاڪر پائي.
هُيس ڪو نہ ان محل جو وئي سنگت ستائي.
نہ تہ آءُ چڏيان ها اوهان لاءِ ڪونهٽ ڪهائي،
پوءِ صفا لڄ لاهي، پيو حوال ڏئي "حيات" چوي.

بيوقوف جي بات جا اوهان پنج ٻڌو پار،
هڪ تہ ڪُنَ نہ ڏيندو ڪچهري ڏي، پيو ڏُمِ ٻَڌندو ڏار.
ٻيو پرائي جهيڙي پاڻ وجي، منٿين ڪائيندو مار،
ٽيون ڪندو پوڳ پولي سان، ٽوڙي ٻيڙي هُجنِس ٻار.
چوٿون ننگ ويهاري بازار ۾ ڪندو سڄو ڏينهن سنسار،
اهڙا حرامي هزار، اٿئي هن دنيا ۾ "حيات" چئي.

بيوقوف جي پر ۾ جاءِ نہ ويھ جوڙي،
حاصل نہ ٿيندو هن مان ٻيڙي چڏيندو ٻوڙي.
بريون ڪندو باتيون، خبرون اهڙيون ڪوڙي،
ٽوڙي چَوِيهان ڏئي چوڙي، تہ بہ هٿ نہ ڏينسِ "حيات" چئي.

❋❋

محرم علي چانڊيو

سگهڙ محرم علي ولد درياءُ خان چانڊيو لقمان سيال لڳ گل شاهه تعلقہ سجاول جوڻيجو ضلع قمبر شهدادڪوٽ 1951_02_29ع ۾ ڄائو. سندس والد درياءُ خان بہ سٺو سگهڙ هيو. ۽ پنهنجي والد کان فن جي سکيا ورتي، 1965ع کان شروعات ڪئي. هن وقت بہ ڏور بيت، ڳجهارت ۽ ٻئي فن تي طبع آزمائي ڪري آهي. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

بيت

تلاءُ هَٽايائين ترقي لاءِ تنهن تي رڙندي ڪنگ ڏٺم،
واه واه قدرت جا رنگ ڏٺم.
جتي هنجہ پکيءَ کي حڪم نہ هو اڄ اُتي لُچن جا بہ لنگهہ ڏٺم،
واه واه قدرت جا رنگ ڏٺم.
جن کي ٻني نہ هو ٻارو اڄ انهن جا دڙيون ۾ دنگ ڏٺم،
واه واه قدرت جا رنگ ڏٺم.
جيڪي امانت وارا وليءَ ۽ بزرگ هئا، اڄ اتي بہ چرس ۽ ڀنگ ڏٺم،
واه واه قدرت جا رنگ ڏٺم.
جيڪي قاري حافظ قرآن جا هئا، تن جي اندر ۾ بہ زنگ ڏٺم،
واه واه قدرت جا رنگ ڏٺم.
”محرم“ آخري وقت آ، پيءُ پُٽَ، ڀاءُ ڀاءُ جي جاري جنگ ڏٺم،
واه واه قدرت جا رنگ ڏٺم.

❋❋

نياز حسين چانڊيو

نالو: نياز حسين
پيءُ جو نالو: سونو خان
ذات: چانڊيو
جنم : 1956ع
تعليم: پرائمري
سگهڙائپ جي شروعات: 1986ع
سگهڙائپ ۾ استاد: محبوب علي ڏيپر
ڏس پتو: ڳوٺ عاليوال تعلقو: ميهڙ ضلعو دادو.

بيت

ويا مور موتي ڇڳي چار داٽا،
اڄ ڏٺا انهن جا مون پيرا پراٽا.
اها خالي وستي ڪائي پئي جاتي رهندا ها راٽا.
”نياز حسين“ مون کي تن جا اچي سور ساماٽا،
اُهي ساهہ سيباٽا، دلبر ناهن ديس ۾.

❋❋

علي اصغر "عارفي"

نالو: علي اصغر "عارفي"
پيءُ جو نالو: بخشل خان
ذات : چانڊيو
جنم : 1956ع
تعليم: پرائمري
سگھڙائپ جي شروعات: 1996ع
سگھڙائپ ۾ استاد: ناظم منگي ۽ محبوب ڏيپر

غزل

ڏسان ٿو دنيا ۾ عجب يار ماڻهو
سچا صاف نيت ڪي مڪار ماڻهو

بنائي خوب صورت خدا خلقيو انسان،
ماڻڪ موتي گوهر گفتار ماڻهو

ڪني ماٺ ۾ آ دانائي دريا،
عاقل اڪابر ڪي سچار ماڻهو

والله الائي ڇا رشتن ڪي ٿي ويو
ٿي پنهنجن ڪان پيو آهي بيزار ماڻهو.

نہ دل ڪي وڻي ڪو مور "علي اصغر"
تہ ڪو ساهہ سر جو سينگار ماڻهو.

**

ارشاد علي چانڊيو

نالو: ارشاد علي
پيءُ جو نالو: محمد صادق چانڊيو
جنم: جنوري 1957ع
سگھڙائپ ۾ استاد: محمد صادق چانڊيو (والد)
رهائش: ڳوٺ ٽريچا تعلقو باقراڻي ضلعو لاڙڪاڻو.

بيت

تون رحيم تون ڪريم تون ئي رب ستار،
آنءُ عيبدار آهيان گدلو گنهگار،
منهنجي سڀ مداين جي توکي خبر چار،
"ارشاد" تو آڌار، پيو ٿو ساهہ پساهہ کڻي.

*

محمد خان چانڊيو

نالو: محمد خان
پيءُ جو نالو: محمد عالم چانڊيو
جنم: 1957-05-04ع
تعليم: پرائمري
سگھڙائپ جي شروعات: 1979ع
سگھڙائپ ۾ استاد: امداد ٻہر.
رهائش: ڳوٺ عبدالله چاوڙو لڳ پيرا ميڊيڪل تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو.

بيت

او ڏو ٿي الله ڪي، لاڳاپا سڀ لاهي،
جيڪو ساري جڳ ڪي، پيو حاڪم هلائي،
ذڪر ڪر تنهن ذات جو در انهيءَ تي دانهي،
اهو ئي آهي، مالڪ سڀ جو "محمد خان" چئي.

سردار علي چانڊيو

سردار علي ولد محمد اسماعيل (سُماعل) گهنوراڻي چانڊيو 1959ع ڏاري ميرو خان تعلقي جي ڳوٺ "چاچڙي" ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده ضلعي قمبر شهدادڪوٽ) ۾ ڄائو. پاڻ اڻپڙهيل آهي، پر سگهڙائپ ۾ سندس پڙهلين وارا نقطا سمايل آهن. سندس سگهڙائپ واري فن ۾ استاد سگهڙ محمد حيات چانڊيو آهي، سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ڏاڍي سهڻي پياري آ،
هيءَ پونءِ تہ پاڳن واري آ.

1. پاڇاريون، سَنهَورُ سارا،
ڪوڏر ڳُماڙي ٻنيون پارا.
گاهن ڪئي گلزاري آ.
هيءَ پونءِ تہ پاڳن واري آ.

2. اجرڪ ٽوپي شانُ اسانجو،
پٽڪو پهرياڻ مانُ اسانجو.
لوئي لباس واري آ.
هيءَ پونءِ تہ پاڳن واري آ.

*

فقير ديدار علي چانڊيو

نالو: فقير ديدار علي
پيءُ جو نالو: غلام رسول چانڊيو
جنم: 1960-01-11ع
ادبي استاد: گلڻ فقير ڪوري
رهائش: ڳوٺ گوگهارو تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو.

چوسٽو

عشق عربي جي عليل ڪيو مون کي اڄ منا،
دنيا کان دنگ ڪرائي سبق ڏنائين سنا،
رنگ منهنجي راٽل جا اکين آهن ڏٺا،
جنهن جي قرب ڪنا "ديدار" جهڙا دنيا ۾.

حاجي خان چانڊيو

نالو: حاجي خان
پيءُ جو نالو: بخشل خان چانڊيو
جنم: 1960-10-01ع
تعليم: پرائمري
شاعري جي شروعات: 1980ع
سگهڙائپ ۾ استاد: امداد علي ٻبر
رهائش: ڳوٺ مست ڪيهر شاهہ راڄو ديرو تعلقو ميهڙ ضلعو دادو.

بيت

سگهڙ توتي سائين جي، آ ايڏي احساني،
پلو مليو "بلوچ" چوي نبي نوراني،
چاچا، ماما پائر، پائيتيا، جوڙ مليئي جاني.
واحد جي واڪاڻ ڪان توڪان، خان ملي خاني،
پوءِ مڪڻ ۾ ماني، توکي هادي ڏنئي "حاجن" چوي.

*

عبدالحڪيم چانڊيو

نالو: عبدالحڪيم
پيءُ جو نالو: عبدالغني چانڊيو
جنم: 1962-01-01ع
تعليم: پرائمري
سگهڙائپ جي شروعات: 1990ع
سگهڙائپ ۾ استاد: علي بخش سومرو
رهائش: ڳوٺ علي، آباد ضلعو قمبر شهدادڪوٽ.

بيت

جوڙيو جنهن آ جڳ کي، هادي سو آ "حڪيم"،
مالڪ مخلوقات ۾، ڪائنات جو آ ڪريم،
ٻانهن مٿان ٻاجهہ ڪندڙ آهي پاڻ عظيم،
رازق رب رحيم، سڄايون سائين ڪندو.

علي حسن چانڊيو

نالو: علي حسن　　　پيءُ جو نالو: حاجي ٺارو چانڊيو
جنم 1962ع　　　سگهڙائپ جي شروعات: 1992ع
سگهڙائپ ۾ استاد: فقير حاجي ميانداد سيلاني
رهائش ڳوٺ نواب چانڊيو، تعلقو قاضي احمد ضلع شهيد بينظير آباد.

سُر سارنگ جو بيت

نشيلا ناز ڪري اڄ بادل برسي آئيا،
مون سُڪل سيني تي آهن واليءَ وسائيا،
تڏهن اندر ۾ عشق جا آهن، سَلا سمائيا،
حرف حق تن وڄڙين جئين ورائيا،
”علي حسن“ اگهائيا منهنجا سائين سوال سارنگ صدقي.

*

گل محمد چانڊيو

سگهڙ گل محمد ولد غلام محمد غيبياڻي چانڊيو 1963-01-01ع ۾ پاڙو ڪلاڪان ڊرب محلہ شهدادڪوٽ ۾ ڄائو. ڳوٺ غئباڻا تعلقو شهدادڪوٽ ضلع قمبر شهدادڪوٽ جو رهاڪو هيو. علي گل گاڏهي جي سگهڙائپ کان متاثر ٿي ۽ انجي شاگردي قبول ڪري 2000ع کان فن جي شروعات ڪئي هئائين. پيشي جي لحاظ کان پورهيت هيو. سگهڙائپ جي صنفن جي استاد علي گل گاڏهي کان ڄاڻ حاصل ڪئي هئائين هن 18 آڪٽوبر 2025ع تي وفات ڪئي، سندس چيل هڪ بيت نموني خاطر هيٺ ڏجي ٿو.

بيت

پلي آئين پلا پرين، منهنجا پورل پلارا،
هيم سڪ اوهانجي، سانوڻ سيارا،
اڄ عجيب آئين اڱڻ تي، لٿا من جا مونجهارا،
اڳتي بہ اچڻ جي پارت اٿو اوهان کي پيارا،
غريب هن ”غئباڻي“ کان ڪڏهن بہ ڪجو نہ ڪنارا،
هي غلام ”گل محمد“، اوهان جو گهڻو شڪر شڪر گذار آ.
جانب جيءَ جيارا، آنءُ آهيان نوڪر اوهان جي نانءَ جو.

حمزه خان چانڊيو

نالو: حمزو خان
پيءُ جو نالو: حاجي خان چانڊيو
جنم: 1965ع
تعليم: پرائمري
سگهڙائپ جي شروعات: 1990ع
سگهڙائپ ۾ استاد: فقير محمد امين سنياسي.

بيت

رک نينهن نبي پاڪ سان، تون پرت اهائي پار،
سندس هيا صحبت ۾، چڱا چارئي يار.
هر ويلي ”حمزه“ چوي ڪر پنجن ساڻ پيار.
ٻارهن جو ٻيلي ۽، ٿناگر تي گذار.
تہ ٻيڙا ٿيندئي پار، چاهہ انهيءَ ۾ ”چانڊيو“ چئي.

*

رجب علي چانڊيو

نالو: رجب علي
پيءُ جو نالو: رسول بخش چانڊيو
جنم: 1966-01-15ع
تعليم: پرائمري
سگهڙائپ ۾ استاد: واحد بخش سولنگي
ڌنڌو: سرڪاري ملازم (پيلو ڪاتو)
رهائش: ڳوٺ ڏُبي نزد پاٽ شريف تعلقو ۽ ضلعو دادو

بيت

مديني جي مير جي اندر ۾ آ آس،
هر دم پنهنجي حبيب لئہ دلڙي آهي اداس.
پلپل پنهنجي پرينءَ جي، تن ۾ آهي تاس،
محبوب جي ملڻ جي، باسي آ مون باس.
ڪرم ٿئي ڪو خاص جي ”رجب علي“ روضو ڏسي.

احمد علي چانڊيو

سندس اصل ڳوٺ علي مراد چانڊيو تعلقو ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻو آهي، جتي هُو ڳجهارت جو ڳولهو سگهڙ دودو خان چانڊيي جي گهر ۾ 1968_01_01ع تي ڄائو. کيس پڙهڻ جو جوڳو ماحول نہ مليو. پر سنڌي ٿوري گهڻي لکي پڙهي سگهندو آهي ۽ ننڍپڻ کان وٺي شاهہ جي بيتن سان ڏاڍي دلچسپي هوندي هيس، گهر جي ماحول کيس سگهڙائپ جي ميدان ۾ آندو ويهن سالن جي ڄمار ۾ فن جي شروعات ڪيائين. فن جي سکيا استاد غلام اڪبر گاڏهي ۽ استاد محمد ملوڪ عباسيءَ کان ورتائين. آجيان جا بيت، سينگار، ڏور ڳجهارت ۽ پهاڪن تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو. فن جي مڃتا ۾ کيس مختلف ايوارڊ بہ ملي چڪا آهن، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

ايراني سفارتخاني پاران ايوارڊ، استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ 2005ع ، شهيد دودو سلطان سومرو ايوارڊ 2013ع، عباسي ڪلهوڙو تنظيم پاران ايوارڊ. هتي سندس شاعري مان هڪ بيت ڏجي ٿو.

❊

آجيان جو بيت

پلي آئين پلا پرين، محب مٺا منٺار،
سواگتم نمست، ٿي آئين نروار.

پخير راغلي، پارائين گلن جا هار.
ست بسم الله، سونهن ٿا تو سينگار،

جي آيان نون جانب هوئي تن اندر ۾ تار،
ويلڪم وارث، تولڏي سڪايل جي سار،

وش آ تڪي، ويهہ تہ، پرين ڪيون پيار،
بخيرٿ پلو ٿيو، سڄن آهن سرڪار،

خيري آئي خير ڪيو رازق رب ستار.
اَهل سَهلاً "احمد" چئي ٿيار قرب ڪرار،
جاني آئين يار چڱايون ٿيون "چانڊيو" چئي.

علي اڪبر اداسي

علي اڪبر ولد خير محمد چانڊيو ڳوٺ چاچڙي، تعلقي ميروخان، ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ 1968ع ڄاري ڄائو.

سندس موجوده رهائش لطيف آباد حيدر آباد ۾ آهي.

سگهڙائپ جي شروعات 2005ع کان ڪيائين، سندس سگهڙائپ ۾ استاد غلام ڪبير لولائي ۽ عاجز رحمت الله لاشاري آهي، سندس شاعري جا موضوع حمد، نعت، سنڌ ۽ سونهن آهن، سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ڏاند گاڏي (بيل گاڏي) بابت بيت

ڏاند گاڏيءَ جا ڏسيان ٿو، اڄ اوهان کي اوزار،
پر اتر، لاڙ جي لفظن ۾ ڪجهہ هوندس ڦير ڦار.

ڪمي پيشي ڪاهُجي تي پو معاف ڪجو منٺار،
موهن جي دڙي مان بہ هن جا مليا آهن آثار.

ٿيهہ اکر جيئن سگهڙن ڪيا شعرن منجهہ شمار،
گاڏي بہ ٿيهن پرزن تي، ٺاهي آ ڪاريگر قربدار.

ڏهن کان ٻارنهن مڻن تائين هي پائو ڪٽي بارَ
ڪرهو ڪوڙي، ڪُڪريون، ٽنبريون، ڏورٽا، ٻيو لڳل اٿس لار.

ڪليون، ڪلا، ڪاڍڙ توڙي، ٿانيون، سرائي، واهہ مگرا مزيدار،
وهاٽيون، ونگيون، ڪچريون، ڳن، پاچاري، ڳر ناڙي جا نروار.

گول چچريون، نٿون چورس کي وري چٽن جي قطار،
تاڙيون، ٻُنيُہ چيڪون، جهالو مَنجو جنهن ۾ ڏرو آهي ڏار.
"اڪبر" ثقافت جا سينگار آهن، سهٽيون ڏِڳي گاڏيون سنڌ جون.

❊❊

احمد علي اترادي

احمد علي ولد محمد پڇيل گهنوارٽي چانڊيو 1976ع ڌاري تعلقي ميروخان جي ڳوٺ ”ڦولهڙو“ ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده: ضلعي قمبر شهدادڪوٽ) ۾ ڄائو. سندس ڏاڏي جو نالو سُوالي ولد پيارو چانڊيو هيو. تعليم پرائمري (پنج درجا) پاس ڪيا هئائين.

سگهڙائپ جي شروعات 2005ع ڌاري ڪيائين. سگهڙائپ واري فن ۾ سندس استاد ”عاجز رحمت الله لاشاري“ آهي. سندس شاعريءَ جا موضوع حمد، نعت سنڌ ۽ سينگار آهن.

احمد علي اترادي تاريخ 24 مئي 2021ع تي وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه ڳوٺ ڦولهڙي ۾ آهي. سندس شاعريءَ جو ڪتاب ”آزيون احمد علي جون“ 2025ع ۾ شايع ٿيو آهي. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ڪير ٿو پهچي سگهي، مصطفيٰ ﷺ جي شان کي.

مالڪ پنهنجي محبوب لاءِ جوڙيو هن جهان کي،
ڇا ڪري سگهندي بيان، نه طاقت آ زبان کي.

خود خدا ڪئي آ ثنا، پڙهي ڏس قرآن کي،
عرش تي مولا گهرايو، صاحب سلطان کي.

ڏنئين انعام امت لئه، روبرو مهمان کي،
موٽي اچي مرسل ڪيو عام هن اعلان کي.

پنج وقت نمازون پڙهي، راضي ڪيو رحمان کي،
لاهي نه سگهبو ”احمد علي“ الله جي احسان کي.

**

بشير احمد چانڊيو

نالو: بشير احمد، ولد غلام سرور چانڊيو
جنم: 01-01-1971ع
تعليم: پرائمري
سگهڙائپ جي شروعات: 1995ع
سگهڙائپ ۾ استاد: محبوب علي ڏيپر
رهائش: قاضي عارف، تعلقو ميهڙ، ضلعو دادو.

بيت

آ واحد ذات خدا جي، ٻيو راڻو پاڪ رسول ﷺ،
مولا پاڪ محمد ﷺ کي، آهر هنڌ ڪيو مقبول،
قرآن پنهنجو ڪريم آ، نرمل تي ته نزول،
ثنا ڪجي بس سائينءَ جي، ٻي هر ڪا ڳالهه فضول،
بس قائم اهو اصول، ”چانڊيا“ رکجي چاهت سان.

*

غلام مصطفيٰ چانڊيو

نالو: غلام مصطفيٰ
پيءُ جو نالو: حاجي خان چانڊيو
جنم: 1971ع
تعليم: اڻ پڙهيل
سگهڙائپ جي شروعات: 1995
ادبي استاد: محمد بخش خاصخيلي

بيت

تون سائين، تون سهڻو تو ۾ ڪافي آ ڪمال،
ڪُلني ڪِنن کو جهڙن، ڪرين ٻُرن تي ٿو پال،
ڪو نه سُجهي ڪائنات ۾، ٻيو تو جهڙو لڄپال،
عاشق تنهنجو اصل کان، آهي ذاتي ذولجلال،
مان کهڙا ڏيان مثال، تنهنجو چاهه وڏو آ ”چانڊيو“ چوي.

ماستر غلام مصطفيٰ جانوري

غلام مصطفيٰ ولد روشن الدين جانوري 30 جولاءِ 1972ع تي ڳوٺ خانپور جوڻيجو تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ ڄائو. 1992ع ۾ شاعريءَ جي شروعات ڪيائين، سندس استاد جو نالو امداد علي ٻبر آهي، پاڻ ڏور، ڳجهارت، سينگار ۽ ڀاڪي جو ڄاڻو سگهڙ شاعر آهي، سندس شاعريءَ مان هڪ غير منقوط (بنانقطن جي) شعر ڏجي ٿو.

سو سرور محمد مور مرسل،
ڪرڪرم سولا ڪم ڪامل.
دُور ڪر درد دلواراڪر دائم دل،
سگهولهه سار سدا ڪاڪل.
آءُ احمد هڪوار هل،
سڪ سرس ماهه "مصطفيٰ" مل.

❊

عبدالحميد چانڊيو

نالو: عبدالحميد ولدِ اِبن آدم چانڊيو
جنم: 1975ع، تعليم: پرائمري
سگهڙائپ جي شروعات: 1990ع
سگهڙائپ ۾ استاد: امداد علي ٻبر
رهائش: ڳوٺ قصبو تعلقو جوهي ضلعو دادو.

بيت

ٿو ثناگر سڏائين پاڻ ڪي، اعليٰ اٿئي احسان،
رک نينهن نماز سان ٻيو قلب منجهه قرآن.
ڪر چارئي پهر "چانڊيو" چوي، باري سندو بيان،
آهي الله ڪيا اٿئي، اڻ ڳڻيا فائق پنهنجا فرمان.
اج ڀڳڻ خاطر ٻئي جهان، جڙيا حب وارن جا "حميد" چوي.

❊❊

رحم علي چانڊيو

نالو: رَحَم علي
پيءُ جو نالو: يار محمد چانڊيو
جنم: 05_06_1978ع
تعليم: پرائمري پنج درجا.
سگهڙائپ جي شروعات: 2002ع
سگهڙائپ ۾ استاد: ڏاڏو ڏتل ابڙو.
رهائش جُڙيو چانڊيو، تعلقو ۽ ضلع لاڙڪاڻو.

بيت

قَدَمُ تو ڪريم جو، اڳڻ مون ايندو،
رَحَمُ "رَحَمَ عليٰ" تي، مالڪ جو ٿيندو.
سور سڀ ويندو، لُڙهي تنهنجي لوڏ ۾.

❊

اشرف جانوري

اشرف علي ولد خميسو خان جانوري ڳوٺ خانپور، تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ 03 فيبروري 1982ع تي ڄائو.

امداد علي ٻبر کان متاثر ٿي 2000ع ۾ سگهڙ شاعر ٿيو، ڏور، هنر ۽ سينگار جي صنف تي لکندو رهي ٿو. هتي سندس شعر جو نمونو ڏجي ٿو.

تکيون تنهنجون اکيون آهن تير ۽ تلوار کان،
وڌ واسينگا وار پيا، رقص ڪن رخسار کان.

ڏورئون ڏاڍ ڏيکارين ڏاڍن کان وڌ ڏاڍ آ،
ڏسڻ سان ڏنگي وجهن، آهن مار وڌ مار کان.

پاڻيءَ بنا پوک نہ پچي سمجهه انهي سوال کي،
ڪيئن رهان ڏار دلبر پرين تنهنجي پيار کان.

ڏيهه سجو ڏاني آ "اشرف" انهي عينن جو
"جانوري" جذبات ۾ قابو ڪن سڀ ڪار کان.

سعيد احمد چانڊيو

نالو: سعيد احمد
پيءُ جو نالو: سلطان احمد چانڊيو
ڄم: 1988_03_02ع تعليم: مئٽرڪ
سگهڙائپ جي شروعات: 2006ع
سگهڙائپ ۾ استاد: ڏاڏو ڏتل ابڙو
رهائش: ڳوٺ جُڙيو چانڊيو، تعلقو ۽ ضلع لاڙڪاڻو.

بيت

محبت رکي مَنَ ۾ مِڙي ڪيوَ ميل،
اويل يا سويل، آ سڪ "سعيد" سڄڻ جي.

❋

آزاريل عاشق چانڊيو

غزل

ايڏا ناچ ڳانا اسان جي مرڻ تي،
خوشيءَ جا ترانا اسان جي مرڻ تي.

پيو لوڪ ڳائي غزل گيت وايون،
نظم عاشقانا اسان جي مرڻ تي.

آيو يار ليڪن گلابي وڳي ۾،
ڪري ميندي ڳانا اسان جي مرڻ تي.

هيون ميڙ ماڻهن ۾ ڳالهيون اسان جون،
اسان جا فسانا اسان جي مرڻ تي.

اچي دوستن پيي منايون ورهايون،
ڏنئي او زمانا اسان جي مرڻ تي.

سندر روشن چانڊيو

غزل

تصوير جا ديوار تي لٽڪائي آ،
منهنجي تو ڪئي شهر ۾ رسوائي آ.
اي دوست وسارڻ مون کي سولو ناهي،
آخر تہ ڏکھي توسان شناسائي آ.
جي پن لڏن ٿا اهو سمجهان ٿو
جَڻ هير گهلي منهنجي اڱڻ آئي آ.
ڪانهي ڪا خوشي ۽ نہ امنگون باقي،
هڪ ياد اوهان جي مٿان تنهائي آ.
يادون تہ سمھڻ توکي بہ نہ ڏينديون جاني،
توکي بہ تہ ڪنهن روح ۾ باهہ لڳائي آ.
اڄ ڪنهن جي اچڻ جو آ وري اوسيئڙو،
مهڪار چمن ۾، باغ ۾ سرهائي آ.

❋

علي صفدر چانڊيو

ڳُڏِي جي لئہ بہ تي جوڙا، ڳڏي لئہ چنگ وٺيون ايندس،
ابا سان شهر جو ويندَسِ نَهنِ جو رنگ وٺيون ايندس.
پڙي انهي تي پيي ويندس، جتي ٿا شهر وڪرو ٿين،
نهياسين جي نہ ڪنهن ملهہ تي تہ هڪڙو جهنگ وٺيون ايندس.
اڄان مس ننڊ جو جهٽڪو اچي، جاچيان اکيون غائب.
اڇاترٽي پيون آهن، اکين لئہ ونگ وٺيون ايندس.
الئہ کهڙو جياپو آ، الئہ ڪيئن ٿا جيئن ماڻهو
مليو بازار ۾ جيڪر جيئڻ جو ڍنگ وٺيون ايندس.
ٻُڙي جي ڪجهہ نہ معنيٰ آ، يا بي معنيٰ ٻڙي آهي،
ٻڙيءَ کان ڪجهہ سوايو ٿئي، مان اهڙو انگ وٺيون ايندس.

گل محمد ”دلشاد“ چانڊيو

(گل محمد ولد لعل بخش چانڊيو)

وائي

جن جي لڳ ڳوڙها ڳاڙيان، جن جي دل ۾ آ چڪتاڻ،
آڻ خدايا مارون آڻ.
ساهہ سڪي ٿو سانگين لڳ سي، سانگي ساري مرنديس هاڻ،
آڻ خدايا مارون آڻ.
ڪوٺن ۾ ٿي جندڙي ڏڙڪي، دل ٿي تڙپي مارن ڪاڻ،
آڻ خدايا مارون آڻ.
سانگين ريءَ ”دلشاد“ نہ آهي، توئي ڄاڻين هر ڪا ڄاڻ.
آڻ خدايا مارون آڻ.

❋

مسڪين غلام شبير چانڊيو

غزل

ڪولي ڀنيا وار گهمين ٿي،
مون کي ڏئي آزار گهمين ٿي.

مون کي ڇڏي پرديس وڃي تون،
ڏارين سان هن پار گهمين ٿي.

ٻين سان خوب ڪچهريون تنهنجون،
مون کان خفا هر وار گهمين ٿي.

متان ترڇين سندر سهڻي،
پردي بن نروار گهمين ٿي.

منهنجي اميدن جو منڙي،
ڪٽي ڪلهن تي بار گهمين ٿي.

مجبور غلام حيدر چانڊيو

غزل

اکين سان اکيون هي ملائي تہ ڏسجان،
لبن سان بہ ڪجھ ڀيچو پائي تہ ڏسجان.

دلين ۾ ڳانڍاپو ٿيندو ڪيئن آهي،
ڪڏهن تون بہ دلڙي لڳائي تہ ڏسجان.

محبت جي سڏ تي ٿيندو ڪيئن نہ حاضر،
ٿورو قرب سان تون گهرائي تہ ڏسجان.

ايندي مهل توتي ڏيندو جان پنهنجي،
ماڻهو اهو آزمائي تہ ڏسجان.

”مجبور چانڊيو“ سدا ساٿ رهندئي،
”غلام حيدر“ سان نڀائي تہ ڏسجان.

❋

منظور حسين چانڊيو

غم ۾ گڏي منظور کي،
ڇو وئين ڇڏي منظور کي.

ٿو راهہ جو سمجهي پٿر،
سيڪو ٿڏي منظور کي.

ڇڏ وري ايندين ڪڏهن،
دلجاءِ ڏي منظور کي.

دل ٽٽي پوندي ائين،
دڙڪا نہ ڏي منظور کي.

پويان پلا ڏس ڪير آ،
پيو ٿو سڏي منظور کي.

جانوري ذوالفقار

غزل

لڳو يار ڏاڍو اسان جي خوشين تي،
جڏهن ويس ڳاڙهو تو پاتو بدن تي.
پڄائي وئي خون منهنجي سان ميندي،
لڳائي وئي جا اوهان جي هٿن تي.
خوشين جا ترانا وڳا تنهنجي در تي،
انهن لوڻ ٻرڪيو هو منهنجي ڦٽن تي.
اکين پئي وسايا سڄي رات ڳوڙها،
پڇو ڪيئن سٺا، اوهان جي جشن تي.
خوشين کي اسان جو نہ رستو ڏٺل آ،
اچن ڪئين هيڏي اسان جي ککن تي.
”ذوالفقار“ توکي اجازت ڏني آ،
پلي تون نہ رهجانءِ قائم وچن تي.

❊

منظور شادي خان چانڊيو

وڏي درد ويو آ دوا ڪانہ ٿيندي،
سڄڻ ريءَ منهنجي شفا ڪانہ ٿيندي.
پلي ڪر جفائون اسان سان پيارا،
اسان کان ڪڏهن پي دغا ڪانہ ٿيندي.
جنهين جي مٿان ٿا رکون پرو سو پيا،
انهي زندگي کي بقا ڪا نہ ٿيندي.
غزل گيت ڪافيون لکان روز روئي،
اسان جي غمن جي ڪٿا ڪانہ ٿيندي.
خدا جي خدائي ۾ ”منظور چانڊيا“
سڄڻ جهڙي ڪنهنجي ادا ڪانہ ٿيندي.

اداسي عبدالله چانڊيو

چوسٽو

خون سان منهنجي لکيل تحرير کي،
تون ٽڏي چڏيو منهنجي تقدير کي.
چو نہ ٿي مونسان کلي تنهنجي سکي،
پيو ڪيان ٿو التجا تصوير کي.

❊

آزاد عبدالحق چانڊيو

چوسٽو

اوهان جا اشارا وسريائي ناهن،
اوهان جا سهارا وسريائي ناهن.
وڏي قرب سان ها جي پاتا اوهان،
سي پاڪر پيارا وسريائي ناهن.

❊

معظم منظور چانڊيو

غزل

عجب دل لڳي ۾ ديوانو ڪري وئي،
ڏئي پيار پاڳل مستانو ڪري وئي.

حجابن جو پردو نقابن ۾ اوڍي،
اکين جو وري آ نشانو ڪري وئي.

بظاهر تہ جيون ڏکن ۾ آ گذريو،
مگر منهنجو دشمن زمانو ڪري وئي.

پريل مفلسي ۾ آ سارو هي عالم،
حڪومت آ خالي خزانو ڪري وئي.

لڳو روڳ روڳي من ۾ جو ”معظم“،
ڪري ڏار تنها يگانو ڪري وئي.

مسڪين چانڊيو گوزائي

چوسٽو

خبر ناهي ڇو غير بڻجي وياسين،
محبت ۾ هاڻي ڪير! بڻجي وياسين.
هوءَ چوي ٿي مون ڪي تون ڪوٺو آهين،
سوا سير مان هاڻي سير بڻجي وياسين.

❊

عرض محمد "آزاد چانڊيو

چوسٽو

ڪرڻ ديدار آيو هان،
نہ ڪر انڪار آيو هان.
پلي "آزاد" ڪي نہ ڏي جاني،
ڏيڻ مان پيار آيو هان.

❊

صدام چانڊيو

تو ساھ سمايل آ،
ڪنهن پوڪ جيئان پوڪايل آ.
نڪر مون سان ڪا مسيحائي،
سازجي سنگ سمايل آ.
پڏو آ راجا وير قصو عزيز،
تنهن ۾ بہ تسمايل آ.
"صدام" ڇا چاڻي هن رمز منجهان،
راز ۾ رِند رسايل آ.

❊❊

نهال احمد چانڊيو "سڪايل"

غزل

ڇا لئہ ڪندي آهين ڪنارو زندگي،
تنهنجو هر منظر آ پيارو زندگي.
تو سواءِ ڇوڏس سانت ٿي سانت آ،
پيو ٿو لڳي هر پل ڏکارو زندگي.
بي سهارن ڪي بہ بڻجي پرجهلو
تون ٿي ڏيندي آن سهارو زندگي.
هر راهہ اويڙي ٿي لڳي، توڪانسواءِ،
هر ڏکيو توبن آ چارو زندگي.
ڪنهن ڪي رولين رڻ پٽن ۾ رات ڏينهن،
ڪنهن ڪي بخشين پئي پيجارو زندگي.
توسان ٿي اربيل آهہ "سڪايل" هر اميد.
....

❊

نظير چانڊيو

غزل

موتيءَ داڻا منڙا ماڻهو،
سهڻا سهڻا گلڙا ماڻهو.
چنڊ ستارن وانگر چمڪن،
پيارا پوپٽ جهڙا ماڻهو.
سونهن ۽ سيرت چاهڻ جهڙي،
منڙا ماڪيءَ جهڙا ماڻهو.
نظرن جي تلوار هڻن ٿا،
ڇوري ڇوري لڪڻا ماڻهو.
ڇهري جي چمڪ "نظير" ڏسي،
حيران ڪئي ٽيڙا ماڻهو.

قادر بخش چانڊيو

غزل

جگر منهنجو جدائي ۾ جلائي پو ڪندو ڇاڇا،
ڏکي در تان مونکي دلبر هٽائي پو ڪندو ڇاڇا.

فڪر ۾ دل ڪري دانهون، سوا هن جي سدا سڪيم،
خبر ڪهڙي ڪٽي مونکي ستائي پو ڪندو ڇاڇا.

ڳيم منٿون ٻڌي هٿڙا، ڪري ماٽا بيٺو مون سان،
ڪپي ڪوري فراقن ۾ کهائي پو ڪندو ڇاڇا.

وري ”قادر“ منهنجو دلبر سڄڻ مون سان سچو ٿيندو،
پرين سو پيار مان هٿڙو وڌائي پو ڪندو ڇاڇا.

❊

فقير رياض چانڊيو

ڇَوسٽا

سنڌ جا سرموڙ شاعر شاهہ لطيف،
ٻيو نہ تنهنجو جوڙ شاعر شاهہ لطيف.
سچل سامي تو جيان هن سنڌ سان،
آ نپايو توڙ شاعر شاهہ لطيف.

❊

محسنِ اخلاق تنهنجي شاعري،
دنيا ۾ بيباڪ تنهنجي شاعري.
سپن کي درس محبت جو ڏنو،
نفرتن کان پاڪ تنهنجي شاعري.

❊❊

وفا جانوري

وائي

آهي من ۾ مانڊ متل، مون کان آهين تون رٺل،
توبن جيون کهڙو.
تنهنجي وئي کان پوءِ پرين، آهيان سوچن ۾ ٻڏل،
توبن جيون کهڙو.
خوشيون منهنجون زهر ٿيون، نيڻن جي آ ننڊ ڦٽل،
توبن جيون کهڙو.
تنهنجا مون سان واعدا ها، عمر ڀر جا يار ٿيل،
توبن جيون کهڙو.
پل پيي هڪڙو تنهنجي ياد، دل تان ناهي يار لٿل،
توبن جيون کهڙو

❊

همدرد جانوري

غزل

توکي ساري راتيون جاڳان،
پاسا واري راتيون جاڳان،
ننڊ اڏامي منهنجي وئي آ،
لوڪ سمهاري راتيون جاڳان،
تنهنجي يادن ۾ روز مٺا،
ڏينهن گذاري راتيون جاڳان،
خيال اچَن ٿا تنهنجا مون کي،
آڏيءَ ڏاري راتيون جاڳان،
تنهنجون ڳالهيون پنهنجي منهن سان،
يار پچاري راتيون جاڳان،
”همدرد“ مندون هينئن ٿو گهاريان،
آرڙهہ سياري راتيون جاڳان.

غمدل لالڻ چانڊيو

غزل

اسان جي لبن تي لڙڪن جون لارون آهن،
اڃا ٻه اوهان جون ميارون آهن.

اسان جي هر خوشي کي اوهان لاءِ،
دنيا جون سامهون ديوارون آهن.

جيڏانهن واڳ واريو سائين،
اوهان جي هٿن ۾ مهارون آهن.

اوهان کي ته ڏيئي ٿي جنت هوائون،
اسان کان رٺيون سڀ بهارون آهن،

اوهان کي ته چاهن ٿا "لالڻ" لکين،
اسان ڏي نفرتن جون نهارون آهن.

❊

فرهاد چانڊيو

غزل

چوي دل ٿي ٿاهيان غزل زندگي تي،
تتي ريت وانگر تتل زندگي تي.

اکين مان پئي ڳوڙها ڳڙندا رهيا هن،
ٿيو مينهن جاري اٿل زندگي تي.

جيئن سمنڊ اڻ ڪٿ رڳو آهي پاڻي،
اتي مثل ٻيڙي ٽٽل زندگي تي.

اسان جان پنهنجي اڳيئي وڪي هئي،
ٿيو واڪ ڇا لئه ڪتل زندگي تي.

تون "فرهاد" ڇا لئه اسان سان ڦٽايو،
اڃا پي ڏمر چو ٻڇيل زندگي تي.

شمس الدين چانڊيو

غزل

ڇا ٻچو آ زندگي ۾،
سڀ ڏچو آ زندگي ۾.

ڪوڙ ڪيئي ٿا هٽون اڄ،
نا سچو آ زندگي ۾.

جو ڪري تبليغ حق جي،
سو اڇو آ زندگي ۾.

ويو آ جڏهن کان وڇڙي،
غم ٽُٽو آ زندگي ۾.

❊

غلام مرتضيٰ چانڊيو

غزل

تون هئين ساٿي سکن ۾،
منهن مٿيئي ڏسي ڏکن ۾.

هٿ ۾ هٿ هوندا هيڙا،
اڄ سگريٽ آ منهنجي هٿن ۾.

پاڻ کي خوش نصيب سمجهيو هو،
تو چونڊيو هيو جڏهن لکن ۾.

ايئن ويجهو "مرتضيٰ" آهين،
جيئن هوندي آ خوشبو گلن ۾.

❊❊

منير احمد چانڊيو

غزل

تنهنجي محبت ماريو آهي،
ماس هڏن تان ڳاريو آهي.

سمجهي ڪونہ سگهيو مان آهيان،
تو ڪهڙي ڪارڻ رئاريو آهي.

مور نہ وِسندو، ٻرندو رهندو،
عشق جو ديپ جو ٻاريو آهي.

تنهنجي سار سيراندي بيهي،
آڌي رات اٿاريو آهي.

توبن جيون بار ڳرو آ،
پٽڪي پٽڪي گهاريو آهي.

*

امتياز چانڊيو

جڏهن تو سان ملندو آهيان،
تڏهن تو لئہ سڪندو آهيان.

ساريان توکي ڏينهن سڄو،
سورن ۾ پيو سڙندو آهيان.

آب اکين ۾ ايندو آهي،
مينهن وانگر وسندو آهيان.

”امتياز“ درد مان هٿڙا کڻي،
دعا وصال جي پنندو آهيان.

**

اهي عالم سڳورا جن جي ڪا بہ علمي شيءِ مونکي لکت ۾ نہ ملي سگهي آهي

مولانا علي محمد جانوري چانڊيو، مولانا فضل الحق معارفاڻي چانڊيو (1913ع – 1957ع) مولانا غلام عمر ولد سعيد خان معارفاڻي چانڊيو وفات 1918ع، مولانا دين محمد ولد ڳهٽو خان قمبراڻي چانڊيو وفات 1931ع، مولانا در محمد ڏيپاراڻي چانڊيو، مولانا برڪت علي ڏيپاراڻي، مولانا عبدالواحد ولد دين محمد چانڊيو وفات 1938ع هندستان مولانا نواب الدين قمبراڻي، مولانا امام الدين جانوري، مولانا نظام الدين ولد عبدالرسول عمراڻي چانڊيو، ميان علي شير جي ڳوٺ وارو 1895ع۔ 1982ع.

مولانا الهہ رکيو عرف ڪريم داد چانڊيو، مولانا عبدالحميد ولد مولانا عبدالله ”عبد“ چانڊيو، مولانا علي شير حيدري، مولانا مولاداد چانڊيو شهيد وفات 1943ع، مولانا سعدالله ولد غلام حيدر ستاڻي چانڊيو وفات 1917ع، مولانا عبدالرحمٰن ولد مولانا سعدالله ستاڻي چانڊيو وفات 1937ع، حافظ محمد مريد چانڊيو، حافظ ٻهاول خان چانڊيو.

ڊاڪٽر رضا چانڊيو.

هن ڪتاب ۾ رهجي ويل سگهڙ جن جي زندگيءَ جو احوال ڪنهن مجبوريءَ سبب شامل نہ ٿي سگهيو.

فيضو گهنوراڻي چانڊيو چاچڙي وارو، ڪامران چانڊيو قاضي احمد وارو، رضوان چانڊيو، قاضي احمد وارو، عبدالله چانڊيو، قاضي احمد وارو، منظور احمد چانڊيو شهدادپور، نصير چانڊيو گهنوراڻي چاچڙي وارو ۽ ميرل اترادي چانڊيو

**

مددي ڪتاب

1. ”مهراڻ“ سوانح نمبر، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو/حيدرآباد ڇاپو ٻيون 1990ع
2. ”مهراڻ“ شاعر نمبر، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو/حيدرآباد ڇاپو ٻيون 1990ع
3. ”يادِرفتگان“سنڌي ادبي بورڊ ڇاپو ٻيون 1994ع، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ.
4. سگهڙن جي جامع ڊائريڪٽري حصو پهريون، ڇاپو ٻيون 2015ع، عاجز رحمت الله لاشاري
5. ”علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ سندس هم عصر عالم ۽ مؤرخ“ ڇاپو پهريون 2008ع ڊاڪٽر قاضي خادم.
6. سنڌي ادب (ڪلاسيڪيت کان جديديت تائين) ڇاپو پهريون 2020ع ساجد چانڊيو.
7. ”ماروجي ملير جا“ (2000ع) مرتب خادم حسين چانڊيو
8. ”مندوار سنڌ“ (اونهارو سؤُ 2021ع) چيف ايڊيٽر مختار جانوري
9. ”سنڌي ادب جا سونهري باب“ (قلمي صورت 2010ع) مؤلف رشيد خانواهي
10. ”سنڌي شاعريءَ جو سفر“ (سنڌي ادبي سنگت سنڌ 2013ع) ذوالفقار سيال
11. شهدادڪوٽ جا قلمڪار ۽ شاعر (2000ع) مرتب: سيد گل محمد گل شاهه بخاري
12. ”ڪوتائن جي ڪهڪشان“ (ڇاپو پهريون 2022ع) مرتب: ملهار سنڌي.
13. ”برڪا بوند بهار جي“ (گڏيل شاعري 2014ع) مرتب: مرتضيٰ لغاري مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ
14. ”لفظن جا سُڏڪا“ (گڏيل شاعري 2015ع) محبتي ملاح.
15. ”مون ذات انوکي آندي آ. (پهريون ڇاپو 2012ع) مرتب: رياضت ٻرڙو
16. ”لاڙڪاڻو علمي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“ (پهريون ڇاپو 2016ع) مرتب: رضوان گل.
17. ”ڏاها ذات ڏٺي“ (ڇاپو پهريون 2004ع) بشير سيتائي.
18. ”سوانح حيات نواب سرغيبي خان چانڊيو“ (ڇاپو پهريون 2006ع) حڪيم عبدالحميد چانڊيو
19. ”مورو تاريخ ۽ ثقافت“ (ڇاپو پهريون 2011ع) مرتب: اسلم عباسي
20. رسالو ”ادب“ (آگسٽ 2000ع)
21. رسالو ”ادب“ (سيپٽيمبر 2000ع)
22. ”روهيڙي جا رتا گل“ (گڏيل شاعري 2016ع) مرتب: مرتضيٰ لغاري، مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ
23. ”لاڙڪاڻو ماضي ۽ حال“ (ڇاپو پهريون 2001ع) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي.

24. ”لاڙڪاڻو تاريخ جي آئيني ۾“ (ڇاپو پهريون 2002) مرتب: محمد يوسف شيخ.
25. ”ذڪر حبيب“ (نعتيه ديوان 1981ع) پريات پبليڪيشن لاڙڪاڻو. عبدالله ”اثر“
26. ”اڌ مان اندر جا“ (شاعري چوپڙي 1990ع) محمد خان مولائي چانڊيو.
27. ”شهدادڪوٽ جو علمي جائزو“ (1992ع) مؤلف سيد گل محمد شاهه ”گل“ بخاري
28. ”شاداب شهدادڪوٽ“ (ڇاپو پهريون 1992ع ليکڪ محمد اسلم شيخ.
29. ”نئون نئون مڌ آ (گڏيل شاعري 2014ع) مرتب: مرتضيٰ لغاري. مرڪ پبليڪيشن شهدادڪوٽ.
30. ”سيتا جا سدابهار ماڻهو“ (ڇاپو پهريون 2014ع) بلوچ صحبت علي.
31. ”وارهه گزيٽئر“ (ڇاپو پهريون 2021ع) مرتب: منظور چانڊيو
32. ”سرها گل سنڌ جا“ (ڇاپو پهريون 2002ع) ليکڪ عبدالجبار ”عابد“ لغاري
33. ”ادبي جواهر“ (سنڌ جا عالم، اديب ۽ شاعر) ليکڪ ڊاڪٽر عبدالجبار ”عابد“ لغاري
34. ماهوار ”نئين زندگي“ حيدر آباد (اپريل مئي 2003ع)
35. ”نئين سوچ“ ڪراچي.
36. ”احمد ساڻ اپار“ (مولانا عبدالله ”عبد“ چانڊيي جي شاعري 2018ع) مرتب: عبدالسلام چاچڙ.
37. ”سمنڊ ۾ سِپَ“ (شاعري 2015ع) سرڪش سنڌي.
38. ”سانوڻ پهرين بوند“ (شاعري 2006ع) سرمد چانڊيو
39. ”منهنجي مئي کان پوءِ“ (شاعري 2016ع) زخمي چانڊيو
40. ”ڪاڪ ڪڪوريءَ آءُ (شاعري 2008ع) احمد علي صابر چانڊيو
41. ”من اندر جون ڳالهيون“ (شاعري ڇاپو ٻيون 2009ع) صوفي لعل محمد چانڊيو
42. ”اوسيئڙن ۾ نيڻ“ (شاعري 2014ع) شفيع محمد چانڊيو
43. ”ڪورونا لاڪ ڊائون ۽ پيڙائن جا عڪس“ (شاعري 2020ع) بيوس بخش علي چانڊيو
44. ”ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو“ (شاعري 2013ع) مظفر چانڊيو
45. ”عڪس ۾ رقص“ (شاعري 2014ع) امين چانڊيو
46. ”اندر جا اتساهه“ (شاعري 2017ع) فداڪلرائي
47. چانڊيا قبيلي جي تاريخ“ (تاريخ 2024ع) ايم ايم چانڊيو
48. ماهوار ”نئين زندگي“ حيدر آباد (آگسٽ_ سيپٽمبر 2003ع)
49. ماهوار ”نئين زندگي“ حيدر آباد (مئي 2001ع)
50. ماهوار ”نئين آس“ (شهدادڪوٽ جولاءِ_آگسٽ 2014ع)
51. دل جي خانه بدوشي (شاعري ڇاپو پهريون 2013ع) فياض لطيف.

**

About the Author

Abdul Rasheed, the son of Abdullah Chandio, is a distinguished figure in Sindhi literature, widely recognized by his literary pen name, Rasheed Khanwahi. Born on April 1, 1969, in the village of Khan Wah—located in the Kamber Shahdadkot district (formerly part of the Larkana district)—his journey is one deeply rooted in the soil of Sindh.

Educational Background

Professor Khanwahi’s academic path began at Village Aitbar Khan Chandio, where he completed his primary education . Pursuing higher studies with diligence, he earned his Intermediate from Govt. Degree College (GDC) Shahdadkot. He achieved his Bachelor & Masters degrees from Shah Abdul Latif University, Khairpur, solidifying his expertise in his field.

Professional Career

His career in education spans over three decades, marked by a steadfast commitment to teaching:

1990 Commenced his professional journey as a Primary School Teacher.

2006 Appointed as a Lecturer in Sindhi within the College Education Department, Government of Sindh.

* Present He currently serves as an Assistant Professor of Sindhi at GBDC Shahdadkot, where he continues to mentor the next generation of scholars.

Literary Contributions

As a prolific writer, Rasheed Khanwahi has made significant contributions to the Sindhi language. To date, he has authored four published books, evenly split between the realms of poetry and prose. His creative momentum shows no signs of slowing, with three additional books currently in the pipeline.

Professor Khanwahi’s work is a testament to his intellectual depth and artistic vision. His writings serve as a valuable resource for the community, offering guidance and inspiration through various literary forms. As he continues his journey, his legacy remains a beacon for the preservation and promotion of Sindhi culture and literature.

Courtesy
Abdullah Wadho
Assistant Professor
GDC Shahdadkot